






# برڪا بـوند بهار جي

## (گڏيل شاعري)

**مرتب:**

## مرتضيٰ لغاري

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سچڻ سلام ..........

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر **اٺهتر (78)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **"برکا بوند بهار جي"** سنڌ جي 16 شاعرن جي شاعريءَ تي مشتمل گلدستو آهي. پياري دوست ۽ مرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ جي سرواڻ مرتضیٰ لغاريءَ کي جس هجي جنهن هن ڪتاب جي سهيڙ ڪئي آهي.

اسين ٿورائتا آهيون پياري مرتضیٰ لغاريءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني ۽ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**



برکا بوند بهار جي : شاعري

# ارپنا



**عوامي شاعريءَ جي لازال حصي،**

## استاد پيرل قمبر جي نالي

**(جنهن جي پوکيل شاعراڻي باغيچي جا گل اسان ۾ آهيون)**

**مرتضيٰ لغاري**

# سٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | تورا مَ تورا ... | مرتضيٰ لغاري | 06 |
| مهاڳ | سُونهَپ ۾ سَپَ گهٽا... | ج.ع. منگهاڻي | 08 |
| امهاڳ | اوڪو پنڌ پهاڙ جو | عزيز قاسماڻي | 21 |
| تاثر | رچنائن جو ڪوتا نگر | مقصود گل | 25 |

| | | |
|---|---|---|
| 1. | عبدالله شاهه ”اطهر“ | 26 |
| 2. | شفيع محمد ”شاد“ | 40 |
| 3. | سميع ساجد جوڻيجو | 54 |
| 4. | ڪوُڙل قربدار | 68 |
| 5. | ناشاد رشيد سنڌي | 82 |
| 6. | رشيد خانواهي | 95 |
| 7. | پريتم قاضي | 109 |
| 8. | عمر ”دراز“ | 123 |
| 9. | مٺل سولنگي | 137 |
| 10. | شيخ نديم | 151 |
| 11. | سرتاج پنهِوَر | 165 |
| 12. | بدر انصاري | 178 |
| 13. | بلال عزيز بروهي | 192 |
| 14. | پريت گهمرو | 206 |
| 15. | عائشہ ميمڻ | 219 |
| 16. | مرتضى لغاري | 232 |






**پبلشر نوٽ:**

## تورا مَ تورا ...

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ پاران ادارتي سرگرمين هيٺ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ليکڪن کي سهيڙي ٽن ڪيٽيگريز جي ڪتابن آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. جنهن مطابق سينيئر توڙي جونيئر ليکڪن کي گڏيل ڪتاب ۾ آڻي ڪين تاريخ جو حصو بڻائڻ چاهيوسين.

1 . شاعرن جو گڏيل ڪتاب

2. ڪهاڻيڪارن جو گڏيل ڪتاب.

3. مضمون نگارن جو گڏيل ڪتاب.

ان خواهش کي دوستن سان شيئر ڪيوسين تہ سڀ کان اول شاعر دوستن هن فيصلي کي ترجيح ڏني، جن ۾ ڪجهہ شاعرائون پڻ شامل هيون. اهڙي طرح ڊيٽا فارم تيار ڪري ڪجهہ دوستن تائين پهچايوسين. جنهن کان پوءِ شاعرن جو مواد ملڻ شروع ٿيو.

مواد سليڪٽ ڪرڻ کان وٺي ڇپجڻ تائين جيڪي مرحلا ۽ مسئلا پيش آيا، انهن ۾ سندن شاعريءَ جي چونڊ، ڪمپوزنگ، ٽي دفعا پروف ريڊينگ ڊيٽا فارم تان معلومات حاصل ڪري تعارف لکڻ، ڪتاب جو مهاڳ لکرائڻ، تاثراتي پيج لکرائڻ، نالي جي چونڊ، سيٽنگ ۽ ڪتاب کي پريس تائين پهچائڻ دوران پيش آيل مسئلن جي سبب ٽائيم پرابلم بہ ٿيو ۽ ڪتاب مطابق ڪيل ڪن فيصلن کي بدلائڻو بہ پيو.

1 . ٻارنهن شاعرن تي مشتمل ڪتاب آڻڻ جو فيصلو، جيڪو سورنهن شاعرن تائين پهتو.

2. ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شاعرن کي شامل ڪرڻ بجاءِ آل سنڌ ڪتابي سلسلو جوڙيو ويو. ان کان علاوه بہ ڪافي ننڍيون وڏيون تبديليون ڪرڻيون پيون جن مان گذري ڪري سورنهن شاعرن کي گڏيل ڪتاب **”برڪا بوند بهار جي“** شڪل ۾ آندو ويو.

ڪنهن به معاملي ۾ سو سيڪڙو ئي درست هجڻ جي دعويٰ نه ٿي ڪري سگهجي، چو ته انسان جيتري ڪوشش ڪري ٿو، اهو انسان ئي آهي، ڪٿي نه ڪٿي ڪمي رهجي سگهي ٿي. هن ڪتاب جي مهاڳ طور آئون سپ کان پهريان سنڌ ڌرتيءَ جي بهترين ليکڪ محترم ج.ع.منگهاڻي صاحب جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجن تمام مصروفيتن مان وقت ڪڍي، هن ڪتاب جي سورنهن شاعرن تي مهاڳ لکيو.

سائين مقصود گل صاحب جا به لک ٿورا، جيڪو مرڪ پبليڪيشن سان هر وقت سلهاڙيل رهي ٿو. جنهن جي نيڪ تمنا ڪڏهن به اوپرائپ جو احساس نه ڏياريو آهي.

عزيز قاسماڻي، هر دلعزيز ماڻهو آهي، جنهن سان ڪوڙ هجتون آهن، ادارتي مسئلا ۾ مرحلا سپ ساٽس شيئر ڪري سهڪار وٺندي خوشي محسوس ڪندو آهيان ۽ هو به مون تي گهڻو مهربان، منهنجو حصو آهي.

ڪنول پبليڪيشن جي دوست سعيد سومري به ان سلسلي ۾، جيڪو سهڪار ڪيو، آءُ ان لاءِ سندس ٿورائتو آهيان.

منهنجو دلي دوست جنيد علي سومرو ، جنهن کي هم خيال سمجهان ٿو، ادارتي توڙي ذاتي همسفر آهي. ان کان علاوه جن دوستن جو، مجموعي طور تي هن ڪتاب ۾ سهڪار رهيو، انهن ۾ ڪوڙل قربدار، علي صفدر، شيخ فرازي معشوق علي مگسي، عبدالواحد سومرو سان گڏ. انهن شاعر دوستن جو به ٿورائتو آهيان، جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

سنڌ سلامت_ ساٿ سلامت

**مرتضيٰ لغاري**
شهدادڪوٽ
Cell: 0300-5182494
0300-3429326
Murtaza.laghari9@gmail.com

ائڊريس:
آفيس نئين آس مئگزين
۽ مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ





## مهاڳ

# سُونهَپ ۾ سَپ گهٽا . . .

شهدادڪوٽ منهنجي مهربانن جو شهر آهي. منهنجي ياءِ راجندر مهراج جي راحت گاهه، منهنجي پياري وينا شرنگيءَ جي جنم ڀومي.

هونئن ته سنڌ سڄي هيرن کاڻ آهي. پر جتان هيرو نڪرندو آهي اهوئي هنڌ جرڪا ڪندو آهي.

انهيءَ شهر شهدادڪوٽ مان رسالي، 'نئين آس' جي ايڊيٽر مرتضيٰ لغاريءَ سورنهن (16) شاعرن جو ڪلام سهيڙي هڪ ڪتاب آڏٽ جي 'نئين آس' رکي آهي، جنهن جو مهاڳ مون کان لکرائڻ جي آس اٿس.

آئون ماڻهو، ماڻهن جهڙي، جنهن جون مصروفيتون البته گهڻن ماڻهن کان گهڻو مختلف بلڪ منفرد آهن جن کي گهٽائي گهٽائي ٿڪجي. ۽ هاڻي ته ڦڪي ٿيڻ لڳي آهيان انهن جي اڳيان، جيڪي پنهنجن ڪتابن لاءِ مهاڳ/ به اکر يا بئڪ ٽائيٽل مونکان لکرائڻ چاهيندا آهن.

ڇا ڪريان! مصروفيتون به جهڙيون تهڙيون هجن ته ڪٽي پيو ڪم به هٿ ۾ ڪٽجي. لطيف رحه تي تحقيق ڪرڻ. ۽ 'شاهه جو رسالو' ترتيب ڏيڻ پوڳ، مذاق ته ڪونهي. وقت ۾ ذهن مڪمل طرح جڏهن انهيءَ سچي ۾ اوريجنل ڪم لاءِ وقف ڪيا آهن، اريبا آهن تڏهن ئي انهيءَ باڪمال ڪم لاءِ عمل جو مرحلو ايندو آهي. ۽ ڪاميابيءَ جي آس ڪري سگهجي آهي.

اها اميد، اهو آسرو پنهنجي ڪم ۾ اٿم.

جيئن جيئن انهيءَ ڪم ۾ ذهني طور گڏيجڻ ۾ ضم ٿيڻ چاهيندي آهيان تيئن تيئن منهنجا مهربان منهنجو وقت ۽ ذهن بي پاسي ڪرڻ چاهيندا آهن.

هاڻي ته پڪو پهه ڪيو هيم ته بيلحاظي ته بيلحاظي ئي سهي. ڪنهن تي به ڪجهه به نه لکنديس. رُسن ٿا ته وڃي ست پچائي ڪائين.

اهو سپ طئي ڪري پنهنجي ڪم ڏانهن مڪمل ڌيان ۾ گيان ۾ هيس ته هي به جٽا (مرتضيٰ لغاري ۽ عزيز قاسماڻي) بلڪل منڪر نڪير جيان اچي نرواز ٿيا. ۽ لطيف رحه چواڻي

**هي جي به جٽا، اونچا الاهي،**

**سا پار لنگهائين، اونهي جا اوتـڙ گهڙي.**

اسين وري وچڙڻ نٽا چاهيون. فونن جا ڪڙڪاٽ هجن ڪڏهن هِي تہ ڪڏهن هُو. خير، اهي تہ ٿيا پوڳ.

سنجيده ڳالهہ اها آهي تہ نيت انهن مونکان معاڳ لکرائڻ جو اقرار ڪرائي ورتو. ۽ جڻ انهن سورنهن شاعرن ڪي مون سان ناراض ڪرائڻ چاهيو.

سورنهن (16) شاعر هي آهن:

1. عبدالله شاهہ ”اطهر“ 2. شفيع محمد ”شاد“ 3. سميع ساجد جوٽيجو 4. ڪوڙل قربدار 5. ناشاد رشيد سنڌي 6. رشيد خانواهي 7. پريتم قاضي 8. عمر ”دراز“ 9. مثل سولنگي 10. شيخ نديم 11. سرتاج پِتو 12. بدر انصاري 13. بلال عزيز بروهي 14. پريت گهمرو 15. عائشہ ميمڻ 16. مرتضيٰ لغاري

سچ ٻڌايانوَ هنن گهڻن شاعرن مان گهٽا تہ منهنجا پڙهيل تہ چا پر ٻڌل بہ ناهن.

مرتضيٰ لغاريءَ چيو، ”اوهان جڏهن رسالي، ’سوجهرو‘ ۾ ايڊيٽر اِن چيف هئا تڏهن اوهان هميشہ مونکي رد ڪيو هو.

چيومانس، ’مرتضيٰ، يقين ڪر تہ مون نالو ڏسي (وڏو يا ننڍو) نہ ڪڏهن ڪو ليک/شعر ڇپيو آهي ۽ نہ ئي نالو ڏسي ڪڏهن ڪو ليک/شعر رد ڪيو آهي.“

چيائين، ”پوءِ تہ هاڻي بہ توهان مونکي رد ڪندا.“

پڇيومانس، ’ڇو؟ ڪيئن؟“

چيائين، ”هاڻي بہ اهائي شاعري موڪلي اٿم جيڪا اوهان رد ڪئي هئي.“

ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان؟

2003ع ۾ آئون ’سوجهرو‘ جي ايڊيٽر اِن چيف هيس ۽ هاڻي 2013ع پڄاڻي تي آهي يعني انهن 10-11 سالن ۾ هن ڪابہ نئين شاعري نہ لکي آهي.

حيران آهيان تہ جيڪا سندس شاعري مون رد ڪئي هئي/نہ ڇپي هئي اها ئي وري مون ڏانهن ڇو موڪلي آهي؟ ڳالهہ آهي حيرت جهڙي! جيڪڏهن سچ آهي تہ!! وڏي حيرت جي ڳالهہ اها تہ هو ان شاعريءَ کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ چاهي ٿو. ان ڪان بہ وڏي حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هو ان جو معاڳ مونکان لکرائڻ چاهي ٿو. پوءِ تہ ڪيس مهميزون سَهٽيون/بردا شت ڪرڻيون پونديون.

**جَان وَ اهڙَ ۾ وَهُہ، تَان تُون مَ ڇَڄَہ مَ وِتَيُو،**
**ڪَائي ۾ ڪُوهُ ڪَرَئين، مَ وِتڻ جو پِہ هَہ،**
**هاڻي سِر مَ تي سَہُ، مَ هَميزون مَ لاحن جُون.**





(شاهہ رحہ)

شاعريءَ جي پرک جو سٺو طريقو **ڊبليوايمپس** جو آهي،

”شاعريءَ کي سمجهڻ نالو آهي انهيءَ عمل جو جنهن وسيلي اسين (نقاد) انهيءَ تخليق کي پنهنجي ذهن ۾ ٻيهر جوڙي سگهون ٿا.“

ساڳئي ڳالهہ **سرپرسي نن** بہ ڪئي آهي، ”شعر جي سچاٽپ جو مطلب شعر کي نئين سِر تخليق ڪرڻ، شاعر ۽ نقاد جي قابل ٿيڻ آهي.“ اهائي سوچ، اسان جو بہ نيم هئڻ گهرجي جڏهن تہ اسان وٽ مُئي وانگي ڪک بہ نٿو سهي سگهجي. هر ڪو اهو ٿو چاهي تہ سندس تعريف ڪئي وڃي.

تنقيد سهڻ ڪان هر ڪو ايئن ٿو ڀڄي، جيئن ڪانءُ ڪمان ڪان. اهڙي صورت ۾ مونکان معاڳ لکرائڻ مرتضيٰ لغاريءَ جو درست فيصلو ناهي.

مون رسالي ’سوجهرو‘ کي ڏنل پنهنجي تازي انٽرويو ۾ بہ اهوئي چيو آهي، ’سنڌي شاعر وٽ پنهنجي شاعريءَ جا اسي يا سؤ صفحا گڏ ٿين ٿا تہ ڪيس ڪتاب ڇپائڻ جي هورا ڪورا، اٽڻ ٿي پوندي آهي.“

مونکي تہ مرتضيٰ لغاريءَ هر شاعر جا هن ڪتاب ۾ شامل 14/13 صفحا موڪليا آهن، جن کي بہ اهي شاعر گڏي سڏي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ چاهين ٿا.

ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ ايڏي تکڙ ڇو؟ جڻ دنيا ختم ٿيڻ واري هجي!! ڇا ٿي پوي جو ٿورو ترسي، ڪنهن جي رهنمائيءَ ۾ ڪجهہ سکي، بهتر ۽ وڏيک شاعري ڪري پوءِ ڪتاب آڻجي. لطيف پاڪ بہ تہ ايئن ئي فرمائي ٿو،

**ڏَورِ مَ ڏِيئان ڏار، ڏورڻ گهڻو ڏاکڙو**
**ڪَوڙين لک هزار، اِن اُونداهيءَ انڌا ڪيا.**

يعني، ڏيئي/روشني ڪان سواءِ سفر ڏاڍو مشڪل آهي ۽ انهيءَ اونداهيءَ (بنا روشنيءَ) ڪروڙن، لکن، هزارن کي انڌو ڪيو آهي.

بنا ڪنهن سونهين ۽ واقفڪار جي دشت جو سفر ڪيئن ٿا پانيو؟ سواءِ ريتيءَ ۾ داڦوڙا هڻڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ. شاعري بہ ايئن ئي رڻ جي سفر وانگي آهي. اڳتي هرڪو مرضيءَ وارو آهي. پر آئون ڇو ڪنهنجي بہ مرضيءَ تي هلان ۽ واڪاڻيون ڪريان.

هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو ڪو مقصد آهي. اصول آهي/هئڻ گهرجي. منهنجي زندگيءَ جو مقصد آزادي آهي. ۽ اصول، تنظيم ۽ منظم هئڻ آهي.

لفظ ’آزادي‘ جي معنيٰ ۽ مطلب ڪان سيڪو واقف آهي جنهن کي حاصل

کرڻ لاءِ پتوڙ (عملي) کرڻ جو تصور بہ تصوراتي دنيا جو کو خوبصورت خواب لڳي ٿو.
نيڪ آهي اهي آسائشون ۽ موقعا اسان کي ميسر ناهن. قلم تہ آهي. چؤڏسائن ۾ نگاهہ ڦيرائڻ کانپوءِ بہ اها قلمي پتوڙ نظر نٿي اچي.
سنڌي شاعر جو شاعريءَ ۾ پيار، محبت ۽ عشق رڳو جسماني وابستگيءَ تائين محدود ٿي ويو آهي. پيار، محبت ۽ عشق هڪ لازوال، لافاني جذبو آهي.لطيف رح چواٽي،

**نکو سنڌو سور جو، نکو سنڌو سڪ،**
**عدد ناهہ عشق، پڇاڻي پار لهي.**

۽ لطيف پاڪ ايئن بہ چوي ٿو،

**نَہ کِلن نَہ کِين کِين، نَکي ڳالهائين،**
**کنهن جنهن ۾ آهين، سا پروڙڻ ڏاکڙو.**

معنيٰ: نکو کلن ۽ خوش ٿين ٿا، نہ کجھ کائين ٿا نہ ئي ڳالهائين ٿا. انهن سان کهڙي ماجرا آهي/سندن اندر ۾ ڇا آهي. اهو راز پرکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
'آزادي' لطيف وٽ قيمتي وٿ آهي،

**سَنهيءَ سُئيءَ سِبيو، مَ ُون مارن سين ساهُ**
**وَ ِيئي سَارِيان سُومرا، ڳولاڙا ۽ ڳاهُ**
**هِيئون منهنجو هُتِ ٿيو، هِتِ متي ۽ ماهُ**
**پکن منجهہ پَساهُ، قالِب آهي ڪوٽ ۾.**

عمر بادشاهہ هو. ۽ مارئي سندس رعيت ۾ هڪ عام غريب ڇوڪري.
اها عام غريب، اڻ پڇ نوجوان ڇوڪري (مارئي) آزاد رهڻ جي عادي هئي. ڪيس عمر جا محل ۽ ماڙيون، سون ۽ زيور نٿي وٽيا. ۽ هوءَ انهن کي ٺڏي ٿي. ۽ لطيف سرڪار سندس زبان بنجي پوي ٿو،

**ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سُوءِ**
**وَ رَجيڏين سان جوءِ، فاقو فرحت پانيان.**

معنيٰ: اسان جي پانهن/ڪَراين ۾ ڪارا (سڳا/ڏاڳا) آهن. سَونُ اسان لاءِ سوڳ آهي. پنهنجي جيڏين سان گڏ پنهنجي ملڪ ۾ (آزاد) رهڻ مبارڪ آهي. اتي جو فاقو ۽ بک بہ مون لاءِ فرحت آهي/راحت آهي.
هن کي پنهنجن اباڻن سان پيار آهي جيڪي ڏکيا بکيا ۽ ان اگهاڙا آهن.





۽ ولين ۾ ويڙهيا گهمن ٿا. ۽ سندس ساهيڙيون جن جو صحرا/رڻ، سَتُر آهي/پردو آهي. هوءَ انهيءَ قيد ۾ خواب بہ پنهنجن جا ڏسي ٿي،

**سُتي لَدم سُوهٽو، لَوئيءَ ۾ لَيٽي**
**تہ مَ نَنڍي پايو مَ ٽ ۾، ولوڙيان ويٺي**
**پَکيآئون پَيٽي، ڪِيرون ڏينم جيڏيون**
**(شاهہ رح)**

مارئي جو موضوع بيحد خوبصورت ۽ وسيع آهي. جنهن کي لطيف رح آزاديءَ جي اهڃاڻ طور چونڊيو آهي. 'حُبِ الوطن مِن الايمان' اهوئي مارئيءَ (سُر) ۾لطيف رح جو پيغام آهي، 'الائين مَ هوءِ جي آئون مران هن بند ۾'.
اهائي آزاديءَ جو سڪ آهي، ڇڪ آهي جيڪا هنن سورنهن ئي شاعرن ۾ اڻ هوند جيتري آهي سواءِ بي ربط، هڪ ٻن بندن جي.
سميع ساجد جوٽيجي جو بند،

**قائم رهندي دل ۾ ساجد، سنڌ امڙ جي عظمت ساڳي**

کوڙل قربدار،

**سنڌ تنهنجي ساٿ ڪان.**
**پئي وفا شاعر ٿي گهرجي.**

بند ۾ لفظ، 'سنڌ' کانسواءِ پيو هو پاڻ ئي سمجهي سگهي ٿو تہ ڇا چوڻ چاهي ٿو؟ سندس نظم نالي، 'سنڌ' جون هي بہ سِٽون سٽيون آهن (وزن ۽ بحر جي برعکس)

**نئين نسل جي هوش جوش کي**
**سنڌ جون کيان تو پارتون.**

سندس نظم، 'جيءَ جياريو جيجل جهولي' پڻ سٺو خراج آهي.
عبدالله شاهہ 'اطهر' جو شعر،

**سنڌ تنهنجي متان، جند گهوري ڇڏيان**
**جو بہ ڏونگر ملي، ان سان ڏوري ڇڏيان.**

سنڌ سان محبت جو اظهار ڪمزور شاعريءَ ۾. الائي ڇا پيو چوڻ چاهي، 'جو بہ ڏونگر ملي...' 'ڏونگر' واٽن تي پيل آهن ڇا؟ جو جيڪو بہ ملي پوي ان سان ڏوري ڇڏي، ان سان ڇا ڏوري ڇڏڻ چاهي ٿو؟ وضاحت ضروري آهي. ايئن ئي سندس وڏي بحر وارو گيت آهي،

**زخم مٿان زخم سهي، اڃا تہ مان جيئان پيو**
**اڃا تہ ويڙهہ ۾ هلي اڃا تہ مان وڙهان پيو.**

بيدل مسرور بدوي جي آواز ۾ ڳايل شيخ اياز جو گيت، 'اڃا تہ مان جيئان پيو.' سپني پڌو هوندو. خير، پاڻ جاڻن. پر گيت جو آخري بند ڏسو،

**اڃا تہ مون ۾ ساهہ آ، ڇو آخري پساهہ آ**
**اي عبدالله شاهہ هن آزاديءَ تي ويساهہ آ**
**نہ پنڌ پير آ هٽيو اڳي اڳي وڌان پيو.**

بس بنا ڪنهن تبصري جي بند ڏنو اٿم، جي راءِ ڏيان ها تہ عبدالله شاهہ اطهر...

شفيع محمد شاد جو نظم،

**او جيڏا اڄ توسان هڪڙي ڳالهہ ڪيان**
**او سرتي اڄ توسان هڪڙي ڳالهہ ڪيان**

او گنگا... او جمنا.. او ڏونگر... او صحرا... او پنورا... او جگنو...

ايڏي گهل جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ايئن تہ پيو بہ گهٽو ئي رهائي ڇڏيو اٿس. يعني، 'اوچنڊ، او سج، او سمنڊ، او پوپٽ او... او...او... ڪيترو ساري سگهبو؟'

حالانڪہ هيٺ آيل سندس خيال سٺو آهي. ايئن ئي ڪڏهن ڪو خيال ۽ جذبو مختصر لفظن ۾ طاقتور بڻجي پوندو آهي. وزن ۾ بهرحال اهو نظم بہ ڪٽل آهي. بلال عزيز بروهي جو لطيف ؒ تي لکيل غزل سٺو آهي.

رشيد خانواهيءَ جو نظم، 'سنڌ جو ڪيڏارو' درست راهہ تي آهي جنهن ۾ لفظ الائي ڇو زوران زوريءَ آندل آهن، نظم جو هڪ بند آهي،

**ڪالهہ ڪسيائون سنڌ جو پاڻي، اڄ ڪٽائون سنڌ جي نياڻي!**

بحر ۽ وزن ڏانهن بہ ڪٿي اک نہ ڪڍجي. پر خيال ۽ جذبو تہ سنڌ لاءِ/ڌرتيءَ لاءِ هجي، اهو بہ شعرن ۾ سمايل نظر نہ آيو.

شاعريءَ ۾ مرتضيٰ لغاريءَ جي غزل جو هڪ بند،

**اوهان ٿنهي جو نياءُ ڪيئن آ**
**سچو مهينو، پگهار ۽ تون.**

(پهرين پگهار جي تہ خبر پوي تہ ڪيتري آهي پوءِ فيصلو ڪبو تہ نياءُ ٿيندو يا نہ!) شعر ۾ سنڌي سماج جي غربت جو طاقتور عڪس چٽيل آهي. باقي سندس ٻي شاعريءَ لاءِ ڇا چئي سگهجي ٿو جڏهن هو پاڻ لاءِ پاڻ ئي چوي ٿو تہ،






**هي ٽٽل ۽ ڦٽل سٽون جوڙيم**
**شاعريءَ جو ڪتاب ٿي ويو آ.**

سميع ساجد جوڻيجي جي شاعري ڪجهہ سرت پري لڳي. پوءِ بہ ڪيس وڌيڪ سکڻ ۾ ڌيان ڏيڻ گهرجي. سندس پهريون غزل آهي:

**منهنجي آڳڻ تي آيو دلبر**
**ٻهڪي پيو ٿو گهر جو آڳر**

روايتي ۽ ورجايل ڳالهہ ۽ 'پيو' ۽ 'ٿو' جو گڏيل استعمال غير فصيح آهي.

شعر وزن کان خارج آهي:

**يار مليو مون ڀاڪر پائي**
**چمڪي پيو آ منهنجو مقدر**

هتي بہ ساڳيو حال آهي. آخري بند آهي:

**ڪڏهن ڏسان ٿو پاڻ کي ساجد**
**ڪڏهن ڏسان ٿو هن کي هر هر**

هتي بحر وزن بنهہ مختلف ٿي ويٺو آهي.

**اڄ پيو آهي دل ۾ تولئہ**
**پيار وفا ۽ چاهت ساڳي.**

سٺو غزل آهي ساجد جو.

مٺل سولنگيءَ جو پهريون غزل آهي:

**هن جي گهٽيءَ ۾ جهومن ٿا**
**نيڻ خوشيءَ ۾ جهومن ٿا**

شاعريءَ جو اهو اصول آهي تہ پهرين سِٽ سان ٻي سِٽ جو ربط هجي. هتي، هُن جي گهٽيءَ ۾ ڇا ٿا جهومن جو نيڻ بہ خوشيءَ مان جهومن ٿا؟

سندس غزل:

**هوءَ وئي اڄ مري هميشہ لئہ**
**ٿي وئي دل چري هميشہ لئہ**

بحر وزن ۾ پورو آهي:

پريت گهمرو جي شاعري پڙهي بہ اٿم تہ ڇپي بہ اٿم. پهرين غزل جو بند اٿس:

**خواب جي پرپاسي اوندهہ ٿي تري**

**چنڊ چهرو ڪاش ڪو هينئر وري**

ڪيس وزن ڏانهن ڏيان ڏيڻ گهرجي:

**هوريان هوريان تجربو ٿيندو وڃي**
**هاڻ منهنجو ماٿ ۾ سڏڪا پري**

بند جي پهرين سِٽ جو غزل جي وزن سان سڱ نه سياڪو. ۽ هتي چا پئي چوڻ چاهين پريت!

**اسان جا خواب سڀ ٽوڙي، اوهان ڪي ڇا مليو آخر**
**اسان جون خواهشون لوڙهي اوهان ڪي ڇا مليو آخر**

سچو غزل سٺو ۽ باوزن آهي.

عائشہ ميمڻ جي شاعري ۾ وسيع پختگي آهي.

سندس غزل جو بند آهي،

**لڙڪ هوندا نہ درد ڪو هوندو**
**پاڻ پيهر جي پار ٿينداسين.**

يا،

**عائشہ اڻ جهل اکين مان آب ٿي**
**اوچتو ايئن درد تون وهندو نہ ڪر!**

عائشہ ميمڻ جي شاعري بهترين آهي.

**مٿي ماٺهو مٿي ٿيندو**
**مٿي ناهين تہ پيو چاهين**

واهہ سٺو شعر آهي.

پريتم قاضيءَ جو نالو ۽ شاعري مون لاءِ نئين آهي.

غزل جو بند آهي:

**زندگي زهر ڪان بہ وڌ ٿي ڪڙي آهي**
**پوءِ بہ ماڪيءَ ڪان وڌ مٺي آهي.**

....

**زهر هن زندگي جو آ پيئڻو پيو**
**اسان کي مگر پوءِ بہ جيئڻو پيو**

...

**مرڻ جت نہ سولو جيئڻ آهي ڏکيو**
**آ هر هر جيئڻ لاءِ مرڻو پيو.**





....

ڪؤڙل قربدار جو غزل آهي،

**اسانجي خوشي پئي نچي ٿي اڱڻ تي**
**مٿي اڄ سينگاريون اچي ٿي اڱڻ تي**

ڪير پئي اچي اڱڻ تي جو، 'مٿيءَ' کي بہ سينگارڻ لاءِ سڏجي پيو. ۽ 'مٿي' اچي ڇا کي سينگاري؟ غزل جو بند آهي،

**گلابن جي خوشبو جو مهڪيل هٿن ۾**
**ڏيڻ گلدستو اچي ٿي اڱڻ ۾.**

بحر ۽ وزن تہ هونئن ئي ڪريل آهي. آئون تہ گرامر ۾ ئي منجهي پئي آهيان. سندس نظم،

**نينهن جون نواز شون رهيون**
**بي بها ۽ بي مثال اڻ ميون**

۽ غزل

**جرئتن سان گهار زندگي**
**سينو سپر ڏار زندگي**

مخاطب ڪنهن سان آهي؟ پاڻ سان يا زندگيءَ سان؟ ۽ زندگي سينو سپر ڪيئن ڪري؟ البتہ سندس نظمن ۾ ساهہ آهي. حوالي لاءِ ڪائي مخصوص سِٽ نٿي ڏيئي سگهان. باقي مجموعي طور سندس نظمن کي بهتر چئي سگهجي ٿو.

سرتاج خير محمد پٽو جو پهريون غزل آهي:

**اڄ وهي نيٽن منجهان پيا نار هن**
**ويا پرين مونکان اکين جا ٺار هن**

بهترين غزل آهي. سرتاج خير محمد پٽو وٽ ڏات بہ آهي تہ ڏانءُ بہ آهي. جنهن کي وڏيڪ ڏيان ۽ گيان جي ضرورت آهي. 'ضرورت' وارو سندس غزل،

**جيئڻ جي لئہ جيئن جاني پساهن جي ضرورت آ**
**تيئن مونکي مٺا تنهنجي ئي چاهت جي ضرورت آ**

استاد بخاريءَ جي ياد ڏياري ويو. استاد بخاري جو شعر آهي:

**ايئن دلدار مونکي تنهنجي محبت جي ضرورت آ**
**جيئن دنيا کي بي انداز دولت جي ضرورت آ**

ڪوبہ شاعر ڪنهن بہ شاعر کان متاثر ٿي سگهي ٿو، سٺي ڳالهہ آهي. ائين

ئي ڪو نئون شاعر وڏي شاعر ڪان سکندو ۽ اتساهه حاصل ڪندو آهي. پر ان کي جيئن جو تيئن ڪڻڻ جرم جي زمري ۾ اچي وڃي ٿو، جنهنجو خيال رکڻ انتهائي ضروري آهي. نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ ڏوهن جو ڪارو ذهني ڪلهن لاءِ وڏو بار ثابت ٿيندو. ۽ اهي ڇٽي يا جهڪي پوندا. ناشاد رشيد سنڌيءَ جو غزل آهي:

**هڪ درد مون رکيو آ، دل ۾ دوا جي خاطر**
**ڳوليان پيو مسيحا جڳ ۾ شفا جي خاطر**

سٺو بند آهي. ساڳيئي غزل جا هيٺيان ڪي بند مختلف بحر ۽ وزن ۾ آهن سندس هڪ غزل جو بند مونکي مرڪ ڏيئي ويو،

**توکان ڏار رشيد نہ جيئندو،**
**مسجد ۾ پيشڪ وني وڃ.**

خوبصورت سماجي/روايتي جملو آهي 'واهه.' ناشاد رشيد سنڌيءَ وٽ شاعريءَ جا ڳُڻ (هنر) آهن، ساڳيئي ڳالهه تہ شاعري جيڪو ٿورو وقت گهري ٿي اهو ان کي ڏيڻ گهرجي. عبدالله اطهر جو غزل آهي:

**وار وڪريل وري پار ڪنهن لئہ پرين**
**ٿا ڳلن تان وهن نار ڪنهن لئہ پرين**

سڄو غزل بهترين آهي پر آخري نالي واري بند (مقطع) ۾ هرويرو پنهنجو پورو نالو ذات ۽ تخلص سڀ آڻڻ جي ڪري وزن ڪري پيو. بند آهي تہ

**عبدالله شاهہ 'اطهر' سان توجي ڪيا**
**هاڻ ڏس تو اهي عار ڪنهن لئہ پرين**

چوڻ بہ الائي ڇا ٿو چاهي! جيڪو سندس نالي ۽ تخلص جي ور چڙهي ويو آهي. ٺيڪ آهي جتي گنجائش هجي/شعر جي صحت کي ڪو نقصان نہ ٿي اتي سڀ ڪجهہ بلڪہ ولديت بہ آڻي سگهجي ٿي. باقي نالي ۽ تخلص کي ضرور آڻڻ وارو ضد نقصانڪار ٿئي ٿو. تعجب اهو اٿم تہ عبدالله شاهہ 'اطهر' سٺو شعر سٺن خيالن سان لکندي لکندي واٽ تان هٽي ڇو ويندو آهي.

بدر انصاري کي شاعري جي تڪبندين سان دلچسپي آهي. اجا ڪيس گهڻو سکڻو ۽ شاعريءَ جي لوازمات سان مسلح ٿيڻو آهي.

سندس غزل:

**جيئن مصور جي لڳي تصوير اڏ**
**ايئن سواءِ تنهنجي اٿم تقدير اڏ**





غزل جي آخري بند ۾ آيل قافيو، 'لڪير' درست ناهي ۽ وزن بہ ڪيرائي ٿو.

**عڪس جيون جو بدر پيو ٿو لڳي**
**آ هٿن ۾ ڀاڳ جي لڪير اڏ!**

باقي سڄو غزل بهتر آهي. شيخ نديم جو غزل آهي:

**وساريم گهڻو ئي مگر ياد آيو**
**۽ وسريو ڪٿي همسفر ياد آيو**

هيٺيون بند بہ ڏسي سگهجي ٿو

**سڪيءَ جي سڳي ۽ قلي جو ڏني مون،**
**فڪر ياد آيو بحر ياد آيو**

شفيع محمد شاد جو نظم؛

**اي چنڊ تنهنجي چانڊوڪيءَ ۾**، تسلسل ۽ وزن آهي. باقي خيال عام ۽ گَٺل آهي. سندس غزل جو هي شعر،

**مئڪدو ٿو وٽي مئڪشي ٿي وٽي**
**نيڻ اٽڪيا تڏهن زندگي ٿي وٽي**

سٺو شعر آهي. پيو غزل اٿس،

**جدائيءَ جي علامت کي نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو**
**وڇوڙي جي ملامت کي نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو**

وڇوڙو ملامت نہ عذاب هوندو آهي، قهر هوندو آهي. اتي لفظ 'ملامت' جي جاءِ تي لفظ 'طوالت' (ڊيگهہ) اچي سگهي ٿو. آخري بند آهي:

**محبت جي تقاضا جو محبت آ ڀرم رکندي**
**اهڙي درسي ديانت کي نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو.**

هڪ تہ لفظ 'اهڙي' وزن کي ضربي ٿو پيو وري 'خيال' ٻاتاڙيل آهي. ڇا ٿو چوڻ چاهي، 'اهڙي درسي' جو مطلب؟

بلال عزيز بروهي وٽ ڏات آهي باقي ڏانءُ سکڻ سندس ڪم آهي. ڇوتہ هو هلندي هلندي سڌي واٽ تان ٿڙي وڃي ٿو. ۽ مون وٽ مثال لاءِ بہ ڪجهہ نٿو ڇڏي پوءِ بہ آئون سندس هڪ غزل جو حوالو ڏينديس:

**زندگي هڪ پيار وارو دل پسند آهي قصو**
**ياد ماضيءَ جو سهارو دل پسند آهي قصو.**

غزل درست آهي وزن وغيره ۾. زندگي، ماضي، حال ۽ مستقبل تائين جي

ساٿ ڏي ته، ’زندگي‘ ئي آهي. پوءِ ماضيءَ جو سهارو يا دل پسند قصو ڪيئن ۽ ڇو آهي؟ ’خيال‘ وضاحت چاهي ٿو.

رشيد خانواهي جو پهريون غزل، مارئي جو عمر سان تخاطب سٺو غزل آهي. ٻين شعرن ۾ به هو ٻين شاعرن جي پيٽ ۾ بحر ۽ وزن سان نڀائي ٿو. وري اهوئي سڀاڳ بحر ۽ وزن جي علم جي عدم موجودگيءَ جي ڪري ڪٿي ڪٿي شعر لڏندا ۽ ڪرندا رهن پيا. جنهن کي سنڀالڻ سندس ڪم آهي.

عمر دراز جو غزل،

**ڪٿي قرار ڪرڻ لئہ وٺان مزو ڪوئي،**
**ڪٿي ملي تہ خريدي اچان مزو ڪوئي.**

سڄو غزل مڪمل طرح وزن ۾ پورو غزل آهي. ائين سندس غزل بحر ۽ وزن ۾ جڙ تہ سڀئي پورا آهن ڪمي آهي تہ خيال جي آهي جيڪو ناپيد آهي، ڪمي آهي تہ ’لفظن جي درست چونڊ جي‘ آهي.

آئون پوءِ بہ مايوس ناهيان. هي جيڪي سورنهن شاعر آهن انهن جي شاعريءَ مان اميد جا ڪرڻا تانداٽن جيان ٽِمڪي منهنجي اميد کي نويد ڏيئي رهيا آهن.

**داد ڏي مونکي تہ ڪاريءَ رات ۾**
**روشنيءَ جي وصل جي اميد ڪئي. (ج.ع.منگهاڻي)**

هوريس لاطيني ادب جو هڪ اهم شاعر ۽ نقاد ٿي گذريو آهي. جنهنجو چوڻ آهي تہ ’شاعر جو مقصد يا راحت بخشڻ يا ٻئي ڪم آهن.‘

مون سڀني (16) شاعرن جا سڀئي شعر هڪ هڪ ڪري توجه ۽ دلچسپي سان پڙهيا آهن. ڊرائيڊن جي لفظن ۾ چونديس تہ، ”رڳو زندگيءَ جو مشاهدو ئي شاعريءَ لاءِ ضروري ناهي بلڪ ان مشاهدي جي تخيلاتي استعمال سان ئي شاعري وجود ۾ ايندي آهي.“

اسان وٽ تہ زندگيءَ جو بہ ڪو مشاهدو نظر نٿو اچي تہ ان جو تخيلاتي استعمال ڪٿان ٿيندو؟ هتي تہ ٽڙيل پکڙيل عجيب الخلقت خواب ميڙي چونڊي اڌورا ٽٽل لفظ ڪتب آڻي ڪتاب ڇپائي ايئن مطمئن ٿي ويهندا آهن جيئن، ’جنرل انشورنس ٿيل شيءِ جا مالڪ مطمئن هوندا آهن تہ نقصان پرجي ملندو.‘

اهو ماحول ان ڪري جڙي راس ٿيو آهي جو اسان وٽ مطالعي جو شوق ناهي، پڙهڻ جي عادت ڪانهي. جديد دنيا ۾ ايئن ناهي اتي سڀ ڪان وڌيڪ





اوليت تعليم ۽ مطالعي کي ڏني وڃي ٿي اتي ڪتاب پڙهيا وڃن ٿا. ڀلي سڀ ڪجهہ ڪمپيوٽرائزڊ هجي. ڀلي هڪ ئي بٽڻ دٻائڻ سان دنيا جو علم، ادب ۽ آرٽ اڳيان اچي وڃي پوءِ بہ اتي زور شور سان ناول، ڪهاڻي، شاعري وغيره لکجي، ڇپجي ۽ پڙهي ويندي آهي. ايتري قدر جو جڳ مشهور دانشور بائيبل چوي ٿو، ”آئون پنهنجي مطالعي ۽ ڪتاب جي شوق عيوض دنيا جو تخت ۽ تاج ٺڪرائڻ پسند ڪندس.“

بس، اهوئي سڀ ڪجهہ چوڻو هيم. وڌيڪ ڪنهن بہ هدايت جي ڪنهن کي بہ ڪابہ ضرورت ناهي. شال جيڪو چاهيان ٿي اهوئي آئينده ڏسي ۽ پڙهي سگهان.

**هَيُجُ تہ هُوندو جِنِ، سَي ڪِيئَن وِندر وِنديون**
**وِهو وِچ رهن، سهسين سَٽُن واريون.**
(شاهہ رح)

**ج.ع.منگهاڻي**
05 ڊسمبر 2013ع
ڪراچي

## آمھاڳ

# اوڪو پنڌ پهاڙ جو

شاعري - سماجي وهڪ، سياست، سياسي اٿل پٿل، نظيرين کان دور نہ آهي پر انهن سڀني پهلوئن کان شاعريءَ جو آرٽ ئي وڏي اهميت رکي ٿو.

**عشق تنهنجو اياز آه  انسان سان**
**هو چون ٿا تہ تون ناهِ ايمان ۾**

ادب ۾ جيڪي بہ فڪري، نظرياتي، سياسي تحريڪون هليون آهن انهن جي چانوَ ۾ جيڪا تخليق ٿي آهي ان ڪي دوام ڪيترو آهي...؟ ان ڪي ادب نويس ڄاڻن ٿا. ان تخليق ڪي وڏيڪ عمر ٿيندي آهي جنهن ۾ آرٽ هجي ٿو ۽ زندگيءَ جو مڙني احساسن سميت جهنجهيل هجي ٿي.

سنڌ ۾ جيڪي سنڌ جي سيا ست جي چانوَ ۾ تحريڪون هيلون ان ۾ جيڪا شاعري يا نثر ۾ جيڪو ڪم ٿيو آهي. اهو محذ ماضي ۽ تاريخ آهي؟

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ روايت رهي آهي تہ شاعرن جا گڏيل شاعريءَ جا مجموعا ڇپجندا رهيا آهن ۽ هن وقت جنهن ڪتاب تي راءِ ڏئي رهيو آهيان اهو بہ شاعرن جي گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب جو هڪ حسين وکر آهي.

حالِ جديد جي شاعري پڙهنديِ اهو محسوس ٿيندو اٿم تہ هو سنو پڙهڻ ۽ فن جي ڄاڻيندڙ استادن کان ڪوهينِ ڏور ٿا گهارين جنهن جي ڪري خيال جي وسعت، علم ڇند يا عروض جي پابندي رچيل نظر نٿي اچي. ان پاسي جديد دؤر جي شاعرن ڪي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

هن ڪتاب ۾ جن شاعرن جو مواد شامل آهي انهن ۾ مرتضيٰ لغاري، عائشہ ميمڻ، پريت گهمرو، عبدالله شاهہ 'اطهر'، شفيع محمد 'شاد'، سميع ساجد جوٽيجو، ڪوڙل قربدار، رشيد خانواهي، ناشاد رشيد سنڌي، پريتم قاضي، مٺل سولنگي، عمر دراز، شيخ نديم، سرتاج پتو، بدر انصاري ۽ بلال عزيز بروهي





ڪي طئہ ٿيل رستا آهن، جن ۾ عربيءَ ۽ فارسي جي شاعريءَ جا قانون. جنهن رستي تي سنڌي شاعرن تمام گهڻو پنڌ ڪيو آهي. انهيءَ قانون جا ارڪانِ ۽ افاعيل ڏار ڏار ٻوليءَ جي خاصيت سان نٿا ڳٽي سگهن.

شَمـَ عَ - هن لفظ ۾ سڀ جو سڀ اکر متحرڪ آهن. فارسي علم موجب متحرڪ کي ساڪن نٿو ڪري سگهجي پر ڇند وديا جو اصول ان ۾ لاڳو نٿو ڪري سگهجي. اهڙين پيچيدگين ڪي اسان جا گهڻ شاعر سمجهن ٿا.

اسان وٽ ڪوڙ اهڙا شاعر آهن جن جي سڃاڻپ نقاد، اسٽيج جا مقرر ۽ شاعر طور آهي پر هو پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب نٿا ڇپرائن. ڇو تہ بظاهر جيڪا هنن جي شخصيت جڙيل آهي ۽ ادب ڪي هنن ٿن ڏهاڪن کان مٿي وقت ڏنو آهي، ڪتاب اچڻ کان پوءِ انهن جو شاعر وارو ڏيک ويک ۽ علم پڌرو ٿي پوندو!

پر مان خوشي ٿو محسوس ڪريان تہ نوجوان شاعرن ۽ شاعِرائن جو هي گڏيل مجموعو حسنِ اخلاق ۽ جرئت آهي جو ڇپرائن ٿاَ پنهنجي شاعري. توڙي جو مڪمل شاعريءَ جو ڪتاب هر هڪ شاعر جو اچي سگهي ٿو پر هن روايت ڪي اهميت ڏيندي مرتضيٰ لغاري هي ڪتاب آڻي ٿو. ۽ سڀ شاعر دلي طرح هن ڪتاب ۾ شامل ٿيا آهن.

غزل جون جڙون سنڌي ادب ۾ پختيون ٿي ويون آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ جيترو غزل لکيو وڃي ٿو شايد ئي ڪا ٻي صنف هجي. ويجهڙ واري دؤر ۾ صرف ۽ صرف شاعر فارسي جي اثر هيٺ زيرِ اضافت جو استعمال ڪيو آهي. پر هن ڏهاڪي ۾ تہ شاعرن جو ان طرف بہ نہ هجڻ وارو رويو رهيو آهي.

غزل جي زمين ڪي فارسيءَ جي ترڪيبن مان ڇوٽڪارو شيخ اياز ڏنو آهي، جنهن جي لکڻ کان پوءِ سڀني ان ڪي دل سان قبول ڪيو ۽ تيزيءَ سان غزل جي پوک جي آبياري ٿيندي ڏسڻ ۾ ٿي اچي. هن ڪتاب ۾ بہ گهڻي تڙين انداز ۾ غزل ئي آهن. مان چوڻ بہ اِهو ٿو گهران تہ غزل ڪي، هن ڌرتيءَ جيتري جلا بخشي آهي جو غزل ڪي خود ناز ٿو ٿئي، جهومي ٿو، خود ڪي ڳائي ٿو ۽ هتان جو نقاد غزل جي آهنگ، ترڪيبي اظهار ۽

گائڪيءَ ڪان گهڻو پري بيٺو آهي! نقادن رڳو غزل تي لکڻ، راءِ ڏيڻ بدران، شاعرن جي دامن ۾ خاڪ رکي آهي ۽ هڪڙن نقادن تہ رڳو نظم کي ٽوڙي، پڇي ۽ نثر ۾ بيان ڪيو آهي ۽ اهي پاڻ کي شاعريءَ جو نقاب ٿا سمجهن، جيڪي رڳو نظم جو نثر ۾ بيان ڪن ٿا. ان ڪان وڌيڪ پيو ڪم نقاد نہ ڪري سگهيا آهن.

نثر ٽوڙي نظم ۾ اسان وٽ وڌيڪ تجربات ٿيا آهن ۽ لکيو بہ ويو آهي تہ ضرورت يا ڪوٺ ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي ادب جو انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو نہ ٿيو آهي. ان ڪتاب ۾ شامل ڪجهہ غزل، جن کي سنڌي زبان جي خوشبوءِ سميت، خيال جي اڻت، گائڪي ۽ شاعراڻا ويس وڳا حسين تر پاتل آهن.

**آس هڪڙي تي هٿ رکي وياسين**
**ڏر ٽٽيءَ تي سڙي سڪي وياسين**
مرتضيٰ

لغاري

**تــتا سور، هاڻي نري رات آهي**
**وري من لجهائڻ ٻيڳي ذات آهي**
عائشہ ميمڻ

**دلربا روح ۾ وسي وجـــــجـــي**
**هار، ٻانهون ڪري ٻکي وججي**
پريت گهمرو

**مئڪدو ٿو وٺي مئڪشي تي وٺـــي**
**نيڻ اٿڪيا تڏهن زندگي تي وٺـــي**
شفيع محمد شاد

**تو جي ڪارو وڳو پنهنجي تن تي ڪيو، سوڳوار آزمايو سڄو ٿي پيو لڙڪ ڪنهن تي ڏنا، نيڻ ڇو ٿي ڀنا تنهنجي اکڙين ۾ پاڻي ڀلا ڪيئن ڀريو**
عبدالله شاهہ اطهر





ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙيون ڪوڙ خوبيون آهن پر مان حوالي طور مٿئين شاعري ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ شامل شاعرن جي لاءِ زندگيءَ جي آرائش گهڻو ڪوهہ پري آهي. بس، آرائش موجود ئي نہ آهي. ان ڏکئي ماحول ۾ ادب سان دلي لڳاءُ رکڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ مسلسل ادبي عمل سان پاڻ کي سلهاڙي رکڻ خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي. شاعري انساني زندگيءَ جي ڪوڙ پهلوئن کي پختو ۽ پاڻ پيرو رکيو آهي. هن پسمانده ملڪ ۾ هنن دوستن جو ادب سان دلي لڳاءُ اُجري ۽ صاف پاڻيءَ جي برابر آهي. جيڪڏهن ڳُٽپ ڪبي تہ علمي ۽ فني طرح بي شمار هن ڪتاب ۾ حسناڪيءَ سان جهنجهيل تخليقون ملنديون. سنڌي شاعري اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ جي نظرياتي محور مان نڪري چڪي آهي. اڳاڻن شاعرن جي شاعري تصوف، مذهب ۽ سياسي نظرين جي چاڻو۾ وڌيڪ رهي آهي. آرٽ جي اِها خوبي آهي تہ ادبي نظرين کي وڌيڪ اهم سمجهڻ گهرجي. ان جو بنياد شاهہ لطيف رکيو آهي؛ قومي شاعري ٿيندي رهندي، قومون هن وقت بہ رياستي جبر هيٺ زندگي گذارن ٿيون جيستائين مستحڪم ٿين، تيستائين قومي شاعري ٿيندي رهندي.

شاعري روح جي وڄندڙ تار آهي.

**عزيز قاسماڻي**
محبوب جو بنگلو - لاڙڪاڻو
11-12-2013

# رچنائن جو ڪويتا نگر

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ جي دوست مرتضيٰ لغاري ”برکا بوند بهار جي“ نالي سان جيڪو هي رچنائن جو ”ڪويتا نگر“ جوڙي توهان جو خوبصورت هٿڙن جو سينگار بڻايو آهي، ان ۾ 16 رچنا ڪارن جون قلمي ڪاوشون اوهان جي اکين ۽ دل ڪان داد وٺڻ لئه هڪ جاءِ تي هٿيڪيون ويون آهن. هن ڪوتا نگر جي پنهنجي حوالي سان ان ڪري به اهميت وڌي وڃي ٿي جو ته، هي هڪ ڪتاب جي ڳالهه ناهي، پر سنگت جي سڱنڊ پرئي سهڪار سان هڪ ڪتاب مان وڌي ڪيئي ڪتاب به ٿي سگهن ٿا مرڪ پبليڪيشن جو هي ڪتاب ”برکا بوند بهار جي“ ڪتابي سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي، جنهن ۾ شامل 16 رچنا ڪار تنهي حوالن سان شامل ڪيا ويا آهن.

هڪڙا سينيئر شاعر آهن، جيڪي سينيئر به آهن ۽ معروف به، پر پنهنجي ذاتي مالي حيثيت ڪمزور هجڻ جي ڪري پنهنجو الڳ مجموعو ڇپرائي مارڪيٽ ۾ آڻي نه سگهيا آهن. اهڙن دوستن ۾ عبدالله شاهه ’اطهر‘، ڪوڙل قربدار، ’ناشاد‘ رشيد سنڌي ۽ ڪجهه ٻيا. ڪجهه شاعر اهڙا آهن جيڪي وچترا آهن، نه گهٽا سينيئر آهن نه گهٽا معروف، اهڙن شاعرن کي متعارف ٿيڻ جي لاءِ مناسب پليٽ فارم جي ضرورت هوندي آهي، اهڙي پليٽ فارم جو ڪم مرڪ پبليڪيشن ڪري چاٽي. جنهن جي نتيجي ۾ تمام نوجوان شاعرن کي اتساهه ملي ٿو ۽ کي اهڙا شاعر دوست به آهن، جيڪي پنهنجي حوالي سان ڳچ وقت ڪان شاعري ڪندا به رهيا آهن ۽ هو پنهنجي حلقي ۾ چڱي ڀلي واقفيت به رکن ٿا، پر اسان هن پليٽ فارم تان انهن کي ادبي هلڪي ۾ بلڪل نوآموز شاعرن جي حيثيت سان متعارف ڪرائي رهيا آهيون، اسان جي لاءِ اها پڻ خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته اسان سان اسان جي هن ڪوتا نگر ۾ ڪجهه اهڙا شاعر به شامل آهن ،جيڪي پنهنجي ڪتابن جا صاحب به آهن اهڙن رچنا ڪارن ۾ پيڙ عائشه ميمڻ ، رشيد خانواهي، سميع ساجد جوٽيجو ۽ پريتم قاضي جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا .

مرڪ پبليڪيشن جو هي سلسلو پيار سان پڙهي، پرکي ۽ پنهنجي قابل قدر راءِ کان ضرور آگاهه ڪجو ته جيئن اوهان جي راءِن جي روشني ۾ اسان پنهنجي ٿيندڙ سلسلن کي وڌيڪ خوبصورت ۽ سندر بڻائي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري سگهون.

**مقصود گل**

المنظر گهر رتوديرو





# عبداللّٰه شاهه ’اطهر‘



**عبدالله شاهه ”اطهر“** سان منهنجي پهرين ملاقات 1 مارچ 1995ع تي ٿي. معمول مطابق هن مون سان ملي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. جيئن سنڌس طبيعت ۾ شامل هيو ته هر نوجوان شاعر کي تمام گهڻو اُتساهه ڏيندو رهيو آهي. **عبدالله شاهه ”اطهر“** 29 جولاءِ 1958ع تي سيد شريف شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌس جنم ڳوٺ دلمراد ٿانوري هاٽوڪو تعلق سجاول آهي. هو تعليم پرائمري تائين حاصل ڪري سگهيو. هن لکڻ جي شروعات 1973ع کان ڪئي. سنڌس زندگي جو پهريو شعر گيت آهي. عبدالله شاهه ’اطهر‘ شاعري جي فن جو گهڻو ڄاڻو ۽ استاد شاعر آهي، سنڌس شاعري جي سفر ۾ پرورش استاد الشُعراءُ پيرل قمبر جي رهنمائي هيٺ ٿي. شهدادڪوٽ جي تاريخ ۾ استاد پيرل قمبر جي شاعريءَ واري اسڪول کي برقرار رکندڙ **عبدالله شاهه ”اطهر“** جهڙي طرح نوجوانن کي شاعريءَ جي فن ۾ اڪر اڪر سان ملائي وزن بحر ناهڻ جي سکيا ڏئي ٿو، اهڙي طرح مون ڪنهن شاعريءَ جي استاد کي نه ڏٺو. هو بنيادي طور تي ڌرتيءَ جو شاعر آهي، ڌرتيءَ جو درد، سنڌي قوم سان ٿيندڙ ناانصافي، سماجي، معاشرتي براين جا عڪس سنڌس شاعري جا اٽڪُٽ موضوع آهن. جڏهن ته رومانٽڪ انداز ۾ به شعر جي بناوت خوبصورت ۽ شاندار آهي. هو پنهنجي زندگي ۾ وڏيرا شاهي جو مخالف، مظلوم جو همدرد هر ظالم خلاف بغاوت جو آواز آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هو پنهنجي شعر ۾ به جذباتي انداز ۾ ڪري ٿو، بلڪ گهڻي ٿيندڙ هر جلسي جلوس توڙي ادبي سماجي گڏجاڻين ۾ ميڙاڪن ۾ وڏي واڪي بيان ڪري ٿو.

**عبدالله شاهه ”اطهر“** شاعري جي سڀني صنفن ۾ نباهه چڱي ريت ڄاڻي ٿو. غزل، گيت، وائي، چوسٽو، ٽيڙو ۽ ٻين سڀني صنفن ۾ سنڌس لکڻ جا ڪامياب تجربا آهن. پر پوءِ به هو غزل ۽ گيت کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. هو پنهنجي طبيعت ۾ پنهنجي شفيق استاد پيرل قمبر جو مجسمو آهي. جڻ ته شاعري

سهيڙڻ، گڏ ڪرڻ سندس شوق ۾ ئي شامل نہ آهي پر مون جڏهن هن جي وڪريل ڪِوتائن تي هڪ نظر وڌي تہ محسوس ڪيم سندس شاعري پنجن ڇهن ڪتابن کان بہ وڌيڪ ٿي سگهي ٿي.

**عبدالله شاهہ ”اطهر“** ادبي سرگرمين ۾ استاد پيرل قمبر جي هوندي سندس ”بزم پيرل قمبر“ جو سرگرم اڳواڻ رهيو. استاد جي وفات کان پوءِ باقي ”بزم پيرل قمبر“ جي اڳواڻن سان ڪجھہ بنيادي اختلافن سبب هن ”بزم پيرل قمبر“ کي الوداع چيو. ان کان پوءِ 1999ع ۾ استاد پيرل قمبر جي ننڍي ڀاءُ مولا بخش سومرو سان گڏجي ”پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ “ جي نالي سان تنظيم جو بنياد وڌائين. هو تنظيم جي باني هجڻ سان گڏوگڏ چونڊيل مرڪزي صدر پڻ آهي. هو پنهنجن تنظيمي سرگرمين ۾ سڄي سنگت کان وڌيڪ جاکوڙي ڪردار رهي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ هن پليٽ فارم تان لاڙڪاڻي ڊويزن تائين جي سينيئر توڙي جونيئر شاعرن اديبن سان رهاڻيون ميڙاڪا ۽ مشاعرا ٿيندا رهن ٿا.

استاد پيرل قمبر جي ساليانو ورسي پڻ سنڌ سطح تي باقائدي هر سال ٿيندي رهي ٿي. جنهن ۾سڄي سنڌ جا ناميارا ۽ سگهارا اديب شرڪت ڪندا رهن ٿا. استاد پيرل قمبر جي وفات کان پوءِ سندس شاعريءَ کي سهيڙي 2007ع ۾ **”سجدو ادس آ“** جي نالي سان ڪتاب شايع ڪرائڻ بہ پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ جي سرگرمين ۾ شامل رهيو ۽ استاد پيرل قمبر جو ٻيو ڪتاب بہ عبدالله شاهہ اطهر جي نگراني هيٺ ڪمپوزنگ جي مرحلي ۾ آهي، جيڪو پڻ جلد شايع ٿيندو. هو مستقل مزاج ماڻهو آهي جيڪو ادب جي سفر ۾ ڪنهن بہ پنڌ تي پري پري تائين ٿڪجڻ جو تصور ئي نہ ٿو رکي.

**عبدالله شاهہ اطهر** هن وقت ڪمبوهہ محلا شهدادڪوٽ ۾ رهي ٿو.

ائڊريس. آفيس پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ مرڪز شهدادڪوٽ.
موبائل: 03342010903
Email. abdullahshah.pqass@yahoo.com

**مرتضيٰ لغاري** 15 ڊسمبر 2013





## غزل

سنڌ پنهنجي مٿان، جند گهوري ڇڏيان،
جو بہ ڏونگر ملي، ان سان ڏوري ڇڏيان.

ديپ ٻاري ڇڏيان، هي مان رت سان هتي،
خون پنهنجي سان، ڌرتيءَ کي توري ڇڏيان.

پير غيرن جا سنڌڙي مٿان جي ڏسان،
جيءُ جيرا پليتن جا جهوري ڇڏيان.

قوم جي رت پياڪن کان بدلو وٺان،
ڇو نہ لت ڏئي پتر جان مان پوري ڇڏيان.

ظلم ۽ ڏاڍ جي انتها آخري،
ڪين ڪنهنجي ڪڏهن پي مان ٿوري ڇڏيان.

مان تہ باغي منهنجو ڪم بغاوت سهي،
جهنگ جهر ۾ صفا ڇٽنگ چوري ڇڏيان.

”عبدالله شاهہ“ سنڌ سان منهنجو چاهہ آ،
ويري ’اطهر‘ نہ سنڌ جا مان اوري ڇڏيان.

* *

## غزل

وار وڪريل وري پار ڪنهن لءِ پرين،
ٿا ڳلن تان وهن نار ڪنهن لءِ پرين.

هڪ تہ ڪارا لٽا سي بہ ليڙون لٽا،
حال اهڙا ڪيئي ڏار ڪنهن لءِ پرين.

خاڪ ۾ هٿ هٽي پو ٿو منهن تي هٽي،
زندگي ٿي ويئي بار ڪنهن لءِ پرين.

ڪنهن ڪان وڇڙي مگر ايڏو اجڙي وئين،
درد ڪان ٿي پئين تار ڪنهن لءِ پرين.

بي وفا جي چوان باوفا پيي چوان،
جيت ڪنهن ڪان ڪيئي هار ڪنهن لءِ پرين.

ڏڪ مٿي تي هٽي دانهون ايڏيون ڪري،
پيو ٿو پنهنجا پٽين وار ڪنهن لءِ پرين.

منهنجي مجبوري هئي تنهنجي هٿ ڪي چميم،
توڪي ايڏي لڳي خار ڪنهن لءِ پرين.

”عبدالله شاهہ اطهر“ سان تو جي ڪيا،
هاڻ ڏس تو اهي عار ڪنهن لءِ پرين.

* *





## غزل

تنهنجي پيرن جا نِشانا، اڄ بہ بيٺا هن چِٽا،
تو قدم جٿ جٿ رکيا ها، سي قدم ناهن مٽيا.

آ صحن منهنجو سجايل، پونءِ تي خوشبوءِ تنهنجي،
ساهہ سان سانڍي نشان هي، مون رکيا آهن مٿا.

ياد تڙپائي جڏهن پو، درد مان دانهون ڪري،
مان رکي سر خاڪ تي ڪيان، سا مٽي خاڪِ شفا.

هنڌ ڪٿ تو جنهن تي ويهي، جنهن ۾ هوڪاڏو پيتو،
سو ڪري پوڄا جو منظر، مون رکيو آ دلُربا.

چنڊ تارن ڏي ئي ڏسندي، رات ٿي روئندي وڃي،
آ مٿان محشر بپا پو، ڏينهن آ يا رات آ.

ايترو پيي ڪِٿ برُو هُيم، جيترو سمجهئي مونکي،
تون اگر هئين باوفا، ڪٿ پو ٿيس مان بي وفا.

ڪيو جدا قسمت اسان ڪي، ڏوهہ توتي چو ڏيان،
هو لکيل پنهنجو وڇوڙو، ڪا نہ آ تنهنجي خطا.

هي حياتي ساري ”اطهر“، ظلم ۾ ڪٽڻي پئي،
وئي ملي جو ”عبدالله شاهہ“، زندگي پر جي سزا.

* *

## غزل

پيار مون جنهن سان ڪيو سو پيار جي قابل نہ هو،
دردِ دل جنهن سان سَليمَ، اظهار جي قابل نہ هو.

هو سري محفل هو ويٺو مون جهڪي ان جي اڳيان
هار پئي جنهن کي وڌا سو هار جي قابل نہ هو.

گڏ مرڻ ۽ گڏ جيئڻ جا واعدا ڪيڏا ڪيا،
ان ڪيا اقرار پر اقرار جي قابل نہ هو.

زندگي پنهنجي وڃائي ان جي ٿاهيم زندگي،
مون جنهن کي سينگاريو سينگار جي قابل نہ هو.

ان ها "اطهر عبدالله شاهہ" ڪنيا قسم هر موڙ تي،
مون تہ پئي اعتبار ڪيو اعتبار جي قابل نہ هو.

* *





## غزل

کهڙا ٻُڌين ٿو حال وڏيرا،
شل ڪي پوندئي ڪال وڏيرا.

تنهنجي آ هڪ ڏينهن جي سياست،
هارين لوڙيا سال وڏيرا.

هُن کي ڏنا تو مُٺ ۾ داڻا،
پاڻ پريا ٿي جوال وڏيرا.

تارا تنهنجا ٻلي جهڙا،
شهپر ٿي ٿي وال وڏيرا.

مزدور، هاري هڪ ٿي ويندئي،
پو تون وڃائيندين ٿالهہ وڏيرا.

نارين ۾ هن تنهنجون نظرون،
ٻُڇڙا تنهنجا خيال وڏيرا.

ڪن کي ٻَڌائين ڪِن کي ويڙهائين،
ڪِن جا کهائين لال وڏيرا.

هارين نارين جون هي ڪثران،
گهر ۾ ڪيئي ٿي زال وڏيرا.

هڪ آ ماريو محنت 'اطهر'
پيا هن تنهنجا سوال وڏيرا.

* *

## غزل

انسان مٿان ظلم ڇو انسان ڪري ٿو،
انسان ڪري جيئڻ نہ حيوان ڪري ٿو،

الله جو انسان تي ويساهہ هيو پر،
جنت ۾ رهي پوءِ بہ غلطان ڪري ٿو.

ظلمات جي ڪوٺن ڪي ڪيرائڻ تہ ڏکيو آ،
مايوس ٿي انسان ڪو ارمان ڪري ٿو.

مظلوم جي دانهن ڪي ڪو ورنائي ڪٿي ٿو،
لڙڪن جا روان روز هي طوفان ڪري ٿو.

خاموش خدا ڇو آ ستم ظلم جي هوندي،
محشر جو بپا ڇو نہ هو ميدان ڪري ٿو.

انصاف جي آواز ڪي ڪُچلي ٿو زمانو،
سنسار سان ناحق پيو نادان ڪري ٿو.

ڏمريل آ وڏيرو جو وڏيري بہ وڙهي اٿس،
نادان ڪي روڪيو جو هو نقصان ڪري ٿو.

”اطهر“ تي عطا آهي رهي روز ازل کان،
مولا جو مٿس قرب ۽ احسان ڪري ٿو.
* *





## غزل

ٻاٽ اوندهہ ۾ نہ ڀٽڪو درس هي ڏيندا هلو،
ديپ آزاديءَ جا ٻڌجي تيل ٿي ٻرندا هلو.

هي ڏُٻي جو پاڻي هرگز نيٺ وچڙو آ سڪي،\
همٿن سان منزلن ڏي وک کڻي وڌندا هلو.

ضبط ڪيو هر درد دل تي لڙڪ پنهنجا پي ڇڏيو،
راهہ حق جا راهي روئڻ جي بجَا کلندا هلو.

سنڌي ٻولي جنهن بچائي ان جي هي درٻار آ،
♦هي ادب جي جاءِ آ، هن جاءِ تي جهڪندا هلو.

ڪيئن تماشو ٿا ٻڌائن ظلم سان مظلوم ڪي،
ان ڪريل ڪردار وارن تي اوهين لکندا هلو.

روز مارو ٿا مرن ٻُک جي ڪري ٿر ۾ ڏسو،
ڪيو شرم انسانيت جو ڪجهہ ڀرم رکندا هلو.

ان شهيدن جو مُقام آ ديس حق لئہ جي وڙهيا،
ساهہ زوري ٿو ڇڪي هي تربتون چمندا هلو.

ٿئي گواهہ تاريخ 'اطهر' موت ڪيو اهڙو امر،
ظلم جي ديوار ٿوڙيو ظلم سان وڙهندا هلو.
*

---

♦(هي ادب جي جاءِ آ، هن جاءِ تي جهڪندا هلو) تاجل بيوس

## وائي

جڏهين مرندس مان،
تڏهين ايندين تون پرين.

دل ۾ سانڍيي حسرتون،
دم هي ڏيندس مان..!
تڏهين ايندين تون پرين.

يا هن دنيا تان صفا،
متجي ويندس مان..!
تڏهين ايندين تون پرين.

ڇا هن ڌرتي پيٽ ۾،
لٽجي ويندس مان..!
تڏهين ايندين تون پرين.

شايد پيالو موت جو،
"اطهر" پيئندس مان..!
تڏهين ايندين تون پرين.
تڏهين ايندين تون پرين.

* *





## غزل

آ تيل ڪڙاهه ۾ ڪاڙهي ڏس، پر سنڌ ۽ سچ جو نعرو آ،
پل مون کي آڙاهه ۾ ساڙي ڏس، پر سنڌ ۽ سچ جو نعرو آ.

مقتل ۾ آهيان تہ بہ خوش آهيان، هن موت تي ٿيو مايوس ناهيان،
اجا بي ڪا سزا تون تاڙي ڏس، پر سنڌ ۽ سچ جو نعرو آ.

هن مير وڏيرن پيرن ڪان، ڊچندس نہ قفس زنجيرن ڪان،
پل سال صديون تون واڙي ڏس، پر سنڌ ۽ سچ جو نعرو آ.

هڪ ڦاهي پيو گهاٽو ڏاج منهنجو، منصور بلاول "اطهر" آ،
ڪٽي چوٽ سوليءَ تي چاڙهي ڏس، پرسنڌ ۽ سچ جو نعرو آ.

* *

## غزل

تو جي ڪارو وڳو پنھنجي تن تي ڪيو، سوڳ وار آ زمانو سڄو ٿي پيو،
لڙڪ ڪنھن ٿي ڏنا نيڻ ڇو ٿي پنا،تنھنجي اکڙين ۾ پاڻي پلا ڪيئن پريو.

تون حقيقت ڪري ڏس ازالو ٿيندو،جو حوالو ڏيندين سو رسالو ٿيندو،
چمندي دنيا سڄي جيسين ٿيندو ختم ،تنھنجي تاريخ جو جي ھي دفتر ٿيو.

رنگ قدرت جا تو ۾ ڪروڙين پريل،بي مثل آھين جڳ ڪي تون تحفو مليل،
ايئن ارادن پنھنجن تي رھيو آن اٽل، ڪو ارادو نہ تنھنجو آ ٽوڙي سگھيو.

تون رنين تولئہ دنيا سڄي آ رُني، ھي زمين ھت رني آسمان هُت رنو،
شمس تارا ڪتيون ۽ قمر ڪھڪشان، غم جي لھرن ۾ آھي ھي عالم سڄو.

درد ”اطھر“ نہ تنھنجو ڏسي ٿو سگھي، سوچ جي سمنڊ ۾ ٿو ٻڏي ۽ تري،
دل جگر روح جو آھ رشتو توسان، ساھہ سِر جو ڳنڍيل آ سڄڻ سلسلو.

* *





## گيت

زخم مٿان زخم سھي، اڃا تہ مان جيئان پيو،
اڃا تہ ويڙھہ ٿي ھلي، اڃا تہ مان وڙھان پيو.

اڃان نہ جيت ھار ٿي، اڃان نہ سنڌ ڌار ٿي،
زندھہ ايئن نہ موٽبو موٽڻ مون لئہ ميار ٿي،
وڙھي وڙھي ڪري وري مٿي چمي اٿان پيو.

ھي ديس ڌرتي پنھنجي پر غلام ٿي اسان رھون،
سنڌو درياء آ پنھنجو چڪي پاڻي لئہ سڪون،
مان قيد سنڌ ٿو ڏسان جلان ٻران رجھان پيو.

بشير خان، روپلو ۽ نورالله تونيو ھيو،
قربان، مظفر پٽو تاريخ ۾ امر ٿيو،
بھادرن جون پونۂ لئہ شھادتون ڏسان پيو.

وڙھي وڙھي مري وڃان پنھنجي شھر پڃائجو،
وڪي آ سنڌ جن اھي غدار منھن نہ لائجو،
اي باغِيو وصيتون اوھان کي ھي ڏسيان پيو.

اڃان تہ مون ۾ ساھہ آ ڇو آخري پساھہ آ،
اي ”عبدالله شاه“ ھن آزادي تي ويساھہ آ،
نہ پٺتي پير آ ھٽيو اڳي اڳي وڌان پيو.

* *

## غزل

تنهنجي محبت ۾ مان يار گم ٿي وڃان، پيار ايڏو نه ڏي پيار ايڏو نه ڏي.
سنڌ جيجل امڙ کي وساري ڇڏيان، پيار ايڏو نه ڏي پيار ايڏو نه ڏي.

سونهن سڪ جي نشي ۾ مزو ٿو اچي،هوڏانهن سنڌ وسڪل آهي سنڌ ٿي سڏي،
فرض ڪهڙو ادا ڪيان ٿو توڪان پُڇان، پيار ايڏو نه پيار ايڏو نه ڏي.

وڙهندي سنڌ لءِ مران سنڌ جو قرض آ ناتو توسان نڀائڻ منهنجو فرض آ،
فرض ۽ قرض کان جيئن نه قاصر ٿيان، پيار ايڏو نه پيار ايڏو نه ڏي.

سنڌ ۾ ساهه آ پيو توسان چاهه آ، هن پنهي تي منهنجو يار ويساهه آ،
هڪ ڪري پيو محبت پنهي سان ڪيان، پيار ايڏو نه پيار ايڏو نه ڏي.

معاف تاريخ ”اطهر“ ڪٿي آ ڪندي، ورق اٿلائبا پو ملامت ٿيندي،
لعنتاٽي انهي کان بچڻ ٿو گهران، پيار ايڏو نه ڏي پيار ايڏو نه ڏي.

* *





## شفيع محمد ’شاد“



ميرو خان تعلقي جي شاعرن ۾ **شفيع محمد شاد** ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. هو ادبي سرگرمين، صحافت جي دنيا ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ به سنجيده ۽ سياويڪ شخصيت جو مالڪ آهي.
هن 1 اپريل 1973ع تي سهراب خان ٽاٽڙي جي گهر ۾ جنم ورتو۽ تعليم مئٽرڪ اٿس. هن لکڻ جي شروعات 1990ع کان ڪئي. غزل، گيت، وائي، ٽيڙو۽ نظم سميت شاعريءَ جي سيني صنفن تي عبور اٿس.
سندس شاعري پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته سندس نظم تمام سگهارا آهن. شاعريءَ سان گڏوگڏ هو نثر ۾ مضمون، مقالا به لکندو رهي ٿو، جيڪي مختلف اخبارن توڙي مئگزينن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. شفيع محمد

شاد هن وقت تائين نثر توڙي نظم جا چار ڪتاب سهيڙي چڪو آهي، جيڪي اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهن.

هو ميرو خان شهدادڪوٽ، قمبر ۽ لاڙڪاڻي سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به ننڍن وڏن ميڙاڪن ۾ شامل ٿيندو رهي ٿو. ڪيس بهترين شاعر طور سنڌي ادبي سنگت مرڪز طرفان 2010ع ۾ ايوارڊ مليو.

ادبي سرگرمين ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميروخان جو سينيئر ميمبر ۽ سرگرم اڳواڻ آهي. ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي مئگزين "نئين آس" شهدادڪوٽ جو مستقل ليکڪ ۽ بورڊ جو ميمبر پڻ آهي. هو صحافت جي دنيا ۾ به سٺي سڃاڻپ رکي ٿو. روزاني ڪوشش سميت مختلف اخبارن ۾ مستقل لکندو رهي ٿو. هو پسنديده ڪتاب شاهه جو رسالو پڙهائي ٿو. ادبي شخصيت ۾ شيخ اياز ۽ سياسي شخصيت ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پسند اٿس.

شفيع محمد شاد هن وقت ميروخان شهر ۾ رهي ٿو.

Cell: 0300-3429734

ائڊريس: شهباز ٽيلر ميروخان





## نظم

### اي چنڊ تنهنجي چانڊوڪيءَ ۾!

هڪ ماڻهو موتي داڻو آ
جو روح منهنجي جو راڻو آ
سو پنهنجي گهر جي آڱر تي
هڪ بخمل واري بستر تي،
هو چڙ ته گلاب جو گل آهي
سو گهري ننڊ ستل آهي
هو جهڙي مهل به جاڳي پئي...؟
ان سهڻي صورت واري کي،
ان ساهه کان وڌ پياري کي
تون ساري هي پيغام ڏجان،
آداب چئي هي عرض ڪجان،
ڪنهن هڪڙي عاشق ديواني
جيئن شمع خاطر پرواني جي،
دل ۾ اٽنڻ سئن هجي،
سِر گهورڻ لئه بيچين هجي،
ڪو اوسيئڙي ۾ الجهن ۾
پيو وقت گذاري ويدن ۾
ڪو تڙپي تڙپي گهاري ٿو
محبوب پنهنجي کي ساري ٿو،
اهڙي سڪرات جي ساعت ۾،
ڪو پنهنجي چنڊ جي چاهت ۾،
بٽجي برسات پِنو آهي،
ڪو ساري رات رُنو آهي،
ها ساري رات رُنو آهي..!
اي چنڊ تنهنجي چانڊوڪيءَ ۾!
* *

## غزل

مند آئي آ ملهاري، آءُ وري،
ٿي چمن ۾ آ بهاري، آءُ وري.

توبنا ماندو رهي ٿو من پرين،
ڪر دُکي دلڙي قراري، آءُ وري.

چوطرف گلڙن آ گلزار ڪئي،
پر نہ تو آ واڳ واري، آءُ وري.

ٿا لَوَن لاتيون مٺيون پيارا پکي،
اڄ ٻُڌون ٻولي پياري، آءُ وري.

تو سوا دل جي دنيا ويران آ،
ڪا گهڙي خوش آ نہ گهاري آءُ وري.

ڏي وري ديدار دلبر ”شاد“ ڪر،
سيگهہ ۾ ڪر ڪا ستاري آءُ وري.
**





## غزل

من ئي من ۾ ٻري رهيو آهيان،
ميڻ وانگي ڳري رهيو آهيان.

جيءُ ۾ جوش اڄ ٻيي آ ساڳيو،
سوز سک ۾ سڙي رهيو آهيان.

عڪس تنهنجو ذهن تي آ طاري،
سوچ ڪان ڪٿ بري رهيو آهيان.

يادگيرين جي ئي سهاري ۾،
تار درياءَ تري رهيو آهيان.

ظاهري ”شاد“ من اداس آهي،
مل سگهو، مان مري رهيو آهيان.
**

## غزل

جام جاني ڏنو پِرت ما نُ ڀو ڪري، پيار اهڙو مليو جو نشو ٿي ويو.
مئڪدي ۾ پرين مست مونکي ڪيو،اهڙو خوش ٿي ڪليو جو نشو ٿي ويو.

تڙپي تڙپي گذاري مون ساري عمر قرب ۾ منهنجو منڙو ڏئي ويو ڪٿر،
قبر جو آ مليو مونکي اهڙو ثمر واءُ اهڙو گهليو جو نشو ٿي ويو.

زندگي مون سڄڻ کي آ ارپي ڇڏي، گهورهُي مٿس مال ملڪيت مَ ڏي،
حال هيٺي تي نِرمل نظر جو وڌي، روح اهڙو رَليو جو نشو ٿي ويو.

پِرت جي پڪ پياريائين وڏي پيار مان،ان جي الفت سندو کهڙو اظهار ڪيان،
اهڙي ساعت سعيد ٿو هر هر گهران ڀاڳ اهڙو کليو جو نشو ٿي ويو.

مست نظرن سان مدهوش مونکي ڪيائين،ناز نخري سان ُپرجوش مونکي ڪيائين،
پيار پيالا مئہ نوش موکي ڪيائين،ٿور اهڙي ٿليو جو نشو ٿي ويو.

ان جي بخمل بدن مان سرور آئيو، لال لبڙن جي لالاڻ من موهيو،
درد دلبر سمورو دفع اڄ ڪيو ”شاد“ اهڙو چُليو جو نشو ٿو اچي.

**





## غزل

مئڪدو ٿو وٽي مئڪشي ٿي وٽي،
نيڻ اٽڪيا تڏهن زندگي ٿي وٽي.

سونهن ساگر جڏهن ڇلڪندو ڪو ڏسي،
دلربا ٿو وٽي دل لڳي ٿي وٽي.

شربتي ديد ۾ عشق جي عيد آ،
عاشقن کي تڏهن عاشقي ٿي وٽي.

نينهن وارو نشو جنهن بہ ماٽي ڏنو،
با خدا با خدا بي خودي ٿي وٽي.

جو پيئڻ مان جيئڻ جو مليو حوصلو،
چو نہ ايئن پو چوان بندگي ٿي وٽي.
**

## غزل

جدائي جي علامت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو،
وڇوڙي جي ملامت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو.

ڪليا توتي ڪليا مون تي زماني جا مڙئي ماڻھو،
رقيبن جي عداوت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو،

وڏي سازش سان ٿيا ٻئي ڌار ھڪ ٻي کان پرين آھيون
شرين جي شرارت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو.

رسڻ پرچڻ محبت جا ٻہ پاسا ھن سڪي وانگي،
نياڻڻ جي مهارت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو.

چيو ھي سالڪن آھي محبت مام آ مخفي،
انھي ڳجھڙي ڳجھارت کي نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو.

محبت جي تقاضا جو محبت آ پرم رکندي،
اھڙي ڏُرسي ديانت کي نہ تون سمجھو نہ مون سمجھو.
* *





## نظم

او جيڏا! اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او سرتي اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان.
او گنگا اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او جمنا اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او ڏونگر اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او صحرا اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او پونرا اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
او جگنو اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان،
اڄ توسان ھڪڙي ڳالھ ڪيان...!
ھي ديس امن جو پيڪر ھو،
انصاف عدل جو محور ھو،
ھتي عجب انوکا رنگ ھئا،
ھتي ساوا سلا سنگ ھئا،
خوشحال خطو سر سبز پنيون،
گڏ ڪيڙيندا ھئا گھوٽ ونيون،
ھتي مارو مالوند ھئا،
ھتي کير کي پير ھئا چوندا،
ھتي مچ ڪچھريون ٿينديون ھيون،
ھڪ جيڏيون حال ونڊينديون ھيون،
ھو ڏيئاتي جو ڏڻ ٿيندو،
ھتي عيد مشعلا ٿيندا ھئا.

تهذيب تمندن جا چرچا،
هر ملڪ اندر مشهور هئا،
هتي فتنو ڪو نہ فساد نہ هو،
هتي ظالم ڪو جلاد نہ هو،
هتي چشما ڊنيون هونديون هيون،
هر پاسي موجون هونديون هيون،
انسان تہ سمجهي ويندو پر،
هي درد پرندن ڪان ڪو پڇي،
سائبيريا ڪان جي ايندا هئا،
تن ڪهڙي جنت هئي ڳولي،
تن هڪڙي جنت هئي ڳولي،
اڄ هو بہ نير وهائن ٿا،
دنيا کي سور ٻڌائن ٿا،
تن جيڪا جنت هئي ڳولي،
سا جنت منهنجي ڌرتي آ،
سا جنت منهنجي سنڌڙي آ،
ان جنت جهڙي ڌرتيءَ تي،
ٻُک بدحالي جو ڪاهي پئي،
ويساهہ پرم ئي ڊاهي وئي،
اڄي ويرين اهڙي چال چلي،
جو ڀاءُ جو ويري ڀاءُ ٻڌيو،
هي ويل ڏسي هي قحط ڏسي،
هڪ ماءُ جهڙي هڪ ماءُ پري،





ٿي پرزا پرزا بي موت هئي،
نقصان سهي پيو امر رهي،
جتي ڪير ڪپائڻ عيب هيو،
اڄ ان ساڳي ڌرتيءَ تي،
چو ماڻهو ماس ڪپائي ٿو،
چو پنهنجو جگر لٽائي ٿو،
جنهن ڌرتيءَ توکي دان ڏنو،
آ عزت عظمت شان ڏنو،
سا ڌرتي ٿي اڄ جنگ لڙي،
ڪري دشمن سان ٿي ڏنگ لڙي،
ٻوليءَ جي بقا جي جنگ لڙي،
لوليءَ جي بقا جي جنگ لڙي،
جهوليءَ جي بقا جي جنگ لڙي،
ٿي پنهنجي ثقافت لاءِ وڙهي،
جنهن جيجل جي آ ٿڃ پيتي،
سو من ئي من ۾ وچن ڪري،
جنهن وقت بہ توکي ماءُ سڏي،
جند جان پنهنجو سڀ ڪجهہ واري،
او ڌرتيءَ جوڌا خيال ڪجان،
تون اجرڪ جي پي پت رکجان،
تون ٽوپي جي پي پت رکجان،
او سنڌوءَ ناري خيال ڪجان،
تون پي لوئي جي پت رکجان،
تون پي لوئي جي پت رکجان.
* *

## غزل

وري مئڪشيءَ جو مزو ياد آيو،
اهو جام ۽ مئڪدو ياد آيو.

اهو سونهن ساغر اها موج مستي،
اهو جوش ۽ ولولو ياد آيو.

سدا مست مدهوش مخمور جنهن ۾،
اهو ناز وارو نشو ياد آيو.

اها راهه رندي اها مام مخفي،
انوکو عجب فلسفو ياد آيو.

عمر ڀر جا سارا ختم غم ڪيا ها،
اهو پريم جو پروسو ياد آيو.

هجي ”شاد“ آباد ساقي سدائين،
پيارڻ سندو سلسلو ياد آيو.

* *





# جوڀن رُت جو ساءُ

## وائي

ناز ادا مخموري مستي
موجن جو درياءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

ڪيڀُ خماريون سندر سپنا،
سونهن جو هُل هڳاءُ
جوڀن رُت جو ساءُ

بيخود بيوس جوش جوالا،
لونءِ لونءِ منجهه لڳاءُ،
جوڀن رُت جو ساءُ

پيار جي پونجي مُرڪن مالها،
راحت رنگ رچاءُ،
جوڀن رُت جو ساءُ.

قُرب ڪشالا روح رهاڻيون،
جيون جوت جُڙاءُ،
جوڀن رُت جو ساءُ..

* *

آزاد نظم

## مالڪ تي ڪُتو ٿو ڀونڪي...!

جو رولاڪ هو رلندو آيو،
جوتا پادر ڪائي ٺوڪر،
رومڙ ڪري رڙندو آيو،
جنهن تي ترس نہ آيو ڪنهن کي،
ان کي ڳپو ٽڪر ڏئي،
پالي تاتي سيوا ڪئي مون،
سمجهو هو ڪو پهرو ڏيندو،
ڪتو آهي ڪتو ٻٽجي،
در تي بيهي پهرو ڏيندو،
ڪتي جي بہ ذات ٿئي ٿي،
رنگ نسل جي تات ٿئي ٿي،
ڪتو ڪندو آهي وفائي،
ڪتو ڪڏهن نہ ويل وڃائي،
سوچان ٿو هو ڪتو آهي،
ڪتو آ يا ڪتو ناهي،
ڀونڪ بہ ساڳي رومڙ ساڳي،
پُڇ لتڪائڻ پوڇڙ ساڳي،
ڪتو آهي ڪتو هوندو،
ڪنهن پاسي ڪان گٿو هوندو،
غور فڪر ڪان بعد مسلسل
سوچ انهي تي پهتو آهيان،
عادت ٿيندي آهي عضوو،
چالئہ وينو مغض ڪپايان،
مالڪ تي ٿو ڪتو ڀونڪي،
سوچ گندي ٿي لوئر جي،
مينهن پيار مرون کي پي،
ساڳي ذات سوئر جي....!
**





# سميع ساجد جوڻيجو



**سميع ساجد جوڻيجي** جو شمار سنڌ جي سينيئر ۽ انهن ناميارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي پنهنجي تخليقي اڏام جي بنياد تي سڃاتا وڃن ٿا. شاعري جي سفر ۾ پنهنجن همعصرن ۽ هم عمر شاعرن جي قطار ۾ ان ڪري بہ پختو شاعر آهي جو سندس تعلق هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي سان آهي. هن جو والد ڊاڪٽر غلام سرور "حاذق" جوڻيجو پڻ تمام سٺو شاعر آهي.

سميع ساجد جو جنم 1 اپريل 1963ع تي ٿيو، ڪيس ڏاڏاڻڪي نانءُ سميع احمد سان سڏيو ويو. سندس جنم ڀومي ڳوٺ نم شريف تعلقو ڳڙهي ياسين آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ نم شريف مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول رتوديرو مان حاصل ڪيائين. ايم_اي پوليٽيڪل سائنس ۽ ايم ايڊ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس

ڪيائين.هن وقت ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پرائمري استاد طور ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو آهي .سميع ساجد جي ادبي سڃاڻپ شاعري آهي، توڙي جو هو سٺو نثر نويس پڻ آهي. هو شاعري جي سڀني صنفن ۾ خيالن جو اظهار ڪري چڪو آهي. پر سندس پسنديده شاعري جي صنف غزل آهي. 1978ع کان لکڻ جي شروعات پاراٽي شاعري سان ڪيائين. سندس شاعري سنڌ جي مڙني رسالن توڙي اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي. هن وقت تائين نثر توڙي نظم ۾ پنج ڪتاب سهيڙي چڪو آهي. جن مان هڪڙو پاراٽي شاعري جو ڪتاب ”لفظن جا پوپٽ“ سنڌي ادبي سنگت ضلعي شڪارپور پاران 2007ع ۾ ڇپيو. جنهن سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران بهترين ڪتاب طور ”سنڌ سنگت - محمد خان سيال ايوارڊ 2009ع“ حاصل ڪيو.

ادبي سرگرمين ۾ هو سنڌي ادبي سنگت شاخ رتوديرو جو 94 - 1993ع کان 2003/04ع تائين سيڪريٽري رهيو. سندس سيڪريٽري شپ دور ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران شاخ رتوديرو کي ڪارڪردگي بنياد تي 1990ع ۾ مجتا سرٽيفڪيٽ مليو.ان کان علاوه 2007ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جو رابطہ سيڪريٽري رهيو

هو پسنديده ڪتابن ۾ قرآن پاڪ ۽ شاھ جو رسالو ، پسنديده ليکڪن ۾ پنهنجو والد ڊاڪٽر حاذق جوڻيجو، قاضي مقصود گل، ۽ روبينہ ابڙو ٻڌائي ٿو.

سميع ساجد جوڻيجو هن وقت مستقل طور تي رتوديرو شهر ۾ رهي ٿو.

ائڊريس:الغني جيولرز نيو ريشم گلي رتوديرو.
samisajid@yahoo.com
موبائل: 03463353308-03023153388





## غزل

منهنجي اڱڻ تي آيو دلبر،
ٻهڪي پيو ٿو گهر جو آڳر.

چڙ تہ زمين تي چنڊ لٿو آ،
سهڻو لڳي ٿو اڄ هي منظر.

يار مليو ُمون ڀاڪر پائي،
چمڪي پيو آ منهنجو مقدر،

رب جا ٿو احسان مڃان مان،
دلبر ڪي جنهن آندو مون در.

ڪڏهن ڏسان ٿو پاڻ کي ”ساجد“
ڪڏهن ڏسان ٿو هن کي هر هر.
* *

## غزل

منهنجي توسان محبت ساڳي،
تنهنجي مون سان نفرت ساڳي.

اڄ پڻ آهي دل ۾ تولهءِ،
پيار وفا ۽ چاهت ساڳي.

ڪيڏو توکي چاهيو آ مون،
پوءِ بہ تنهنجي فطرت ساڳي.

ٻارن وانگي روز رسين ٿو،
تو ۾ آهي عادت ساڳي.

تنهنجو مون سان روز جو جهيڙو،
مون لئہ آهي قيامت ساڳي.

ملڪ منجهان انصاف لڏي ويو،
چو جو آهي رشوت ساڳي.

رسمن جي زنجيرن جڪڙي،
اڄ پڻ آهي عورت ساڳي.

تتي ٿڌي ۾ ڪيڙي ٿو پيو،
هاري جي آ محنت ساڳي.

قائم رهندي دل ۾ "ساجد"،
سنڌ امڙ جي عظمت ساڳي.
* *





## غزل

ايڏو ڏس ايذاءِ نہ مون ڪي،
سياٽو ٿي رنجاءِ نہ مون ڪي.

دڙڪا ۽ دهمان نہ ڏي تون،
هر هر ايئن هيساءِ نہ مون ڪي.

مان تہ اچان ٿو تون نہ ملين ٿو،
در تي يا تہ گھُراءِ نہ مون ڪي.

روز ملڻ جا ڏئين ٿو دلاسا،
ٻارن جيئن ريجهاءِ نہ مون ڪي.

اندر ۾ ٿو غير رکين تون،
ڪوڙا پاڪر پاءِ نہ مون ڪي.

سڀ ڪجهہ 'ساجد' سمجهان ٿو پيو،
سهڻا تون سمجهاءِ نہ مون ڪي.
* *

## غزل

تون تہ وساري آهي ڇڏيو پر،
مون نہ وساريو توکي دلبر.

وقت ٿيو آ وسريا ناهن،
تنهنجا بوسا تنهنجا پاڪر.

اکڙين آڏو يار ڦرن ٿا،
توسان گهاريل سارا منظر.

پنهنجو مست ٻڌايئي اهڙو،
ڪو نہ وٽي ٿو پيو ڪو دلبر.

مون تي پڙهيا شايد تو هن،
انتر منتر جادو جنتر.

قول ڪيا هئي هفتي ايندس،
گذري ويا ڪي چنچر آچر.

'ساجد' تولئہ آهہ ويڳاڻو،
موٽي آءُ تون ماہ منور.

* *





## غزل

زندگي توسان سُهاني ٿي لڳي سنسار ۾،
تو ڪيو اهڙو پرين! پيوند پنهنجي پيار ۾.

پاڻ تي رک ضابطو ۽ دل هٿيڪي ڪر مٺا،
ڏس متان لٽجي وڃين تون برهہ جي بازار ۾.

ڏات ناهي ذات تي بس جو وهي سو ئي لهي،
ڇو سڙين ٿو ساڙ ۾ حاسد مرين ٿو هار ۾.

ماءُ کي ڪارو ڪري بي درد پُٽ ماري ڇڏيو،
هي خبر مون آ پڙهي ڪيئي دفعا اخبار ۾.

ٿا مرن انسان بُک تنهنجا ڪُتا ٿا عيش ڪن،
تون رڳو مصروف آن ابليس جي وانگار ۾.

هي پئي جورون اٿئي خون چوسڻ واسطي،
پروسو رکجانءِ نہ هرگز پير ۽ پوتار ۾.

وقت گذري ئي نٿو توکان سوا 'ساجد' سندو،
دل لڳي ئي ڪين ٿي منهنجي ڪهين ڪم ڪار ۾.

* *

## غزل

هن دور ۾ سچي ڪٿ محبت نہ ٿي ملي،
نفرت ملي مگر ٿي الفت نہ ٿي ملي.

احساس ناهي ڪنهن ۾ ماڻهو صفا ٿيا سنگدل،
جاچي ڏٺو مون جڳ ڪي قربت نہ ٿي ملي.

اخلاق ۽ حياءُ ڪونهي شرم ڪو ڪنهن ۾،
صورت ملي ٿي ليڪن سيرت نہ ٿي ملي.

هر ڪوئي آ پريشان، ناهي سڪون ڪنهن کي،
ڪنهن روح کي ڪٿي پيي راحت نہ ٿي ملي.

اخبار جا پڙهون ٿا ڪُل موت جون ئي خبرون،
ڪانهي خبر خوشي جي فرحت نہ ٿي ملي.

هر چيز ۾ ملاوٽ ٿي عام جام وئي آ،
خالص سچي ۽ صاف مُروت نہ ٿي ملي.

پئسن سواءِ ڪنهن جو ڪوئي نہ ڪم ٿئي ٿو،
جيسين ڪا ڪنهن کي ٿوري رشوت نہ ٿي ملي.

لوچي نہ ٿو ڪو جيسين تيسين ’سميع ساجد‘،
ويٺي ڪا ڪنهن کي گهر ۾، دولت نہ ٿي ملي.

* *





## غزل

نگاهن جا اجا مون ڪان اهي نشتر نہ ٿا وسرن،
تکا خنجر مون ڪان اڪثر سچي دلبر نہ ٿا وسرن.

نهاري هڪ نظر سان تو گهڙي پل ۾ ڪيو پنهنجو،
تذا ٿورا سيئي تنهنجا مون ڪان اڪثر نہ ٿا وسرن.

ڪري آغوش ۾ مون کي محبت ۾ ڏنئي لوليون،
نرم ڳالهيون گرم بوسا مٺا پاڪر نہ ٿا وسرن.

لبِ مهراڻ تي ساجن اسان جو هو ملڻ ٿيندو،
ملاقاتون محبت جون حسين منظر نہ ٿا وسرن.

اکين ۾ ڪو هيئي جادو ڪري ’ساجد‘ ڇڏيئي قابو،
اُهي انتر اُهي منتر اُهي جنتر نہ ٿا وسرن.

* *

## غزل

سڄي سال ۾ تو لڏيون نہ سنيارون،
اڃا پيي منجين ٿو اسان ڏي ميارون.

اسان توکي پويان ڪيا سڏ ۽ واڪا،
ٻُڌيون ڪين تو پر اسان جون پُڪارون.

خزائن اجاڙي ڇڏيو باغ دل جو،
نہ دل جي چمن ۾ ڪي آيون بهارون.

الائي ڪٿي آن ڪٿي پيو رهين تون،
نہ تنهنجون پون ٿيون ڪي خبرون ۽ چارون،

الئہ چو وڇوڙو اچي ويو اسان ۾،
ڏسي جيءُ جهري ٿو پکين جو قطارون.

رڳو نانءُ تنهنجو رهي ٿو زبان تي،
پرين روز آهن رڳو تنهنجون سارون.

ٻڌان ٿو تہ ”ساجد“ سنديون يار ويهي،
رقيبن سان ڏيلي ڪرين ٿو پچارون.

* *





## غزل

ڪڙڪي ڪولي جهاتيون پائي،
گهورن سان ٿي دلڙي گهائي.

ماکي ڪان وڌ مٺڙا مون ڪي،
ڏاڍا پئي ٿي ٻول ٻڌائي.

سندر سهڻي نيڻ نشيلا،
چنڊ بہ هن ڪان پيو شرمائي.

آئيني آڏو ور ور ٿي،
وينگس ويٺي وار ورائي.

الهڙ جواني اک مستاني،
اندر ۾ ٿي باهہ لڳائي.

روز ڪري ٿي روپ انوکا،
سندرتا ڪي سيني لائي.

هن جو آهي پيار نرالو،
’ساجد‘ ڪي ٿي روز ستائي.

* *

## گيت

منهنجي من جا ميت هلي آ،
دير ايڏي تو چالڪ ڪئي آ.

بوند اُني تي باغ بهاري،
ڪڻڪ ڦٽي ۽ سرنهن ڦلاري،
موتي آئي مند ملهاري،
پيارا موسم تي آ پياري،
تولڪ منهنجي دل چري آ.

گل ڦل ٽڙيا جڳ تو جرڪي،
بلبل بولي ڪوئل ڪوڪي،
تولڪ منهنجو تن تو تڙپي،
اک تي ڦڙڪي دل تي ڌڙڪي،
ڏاڍي تنهنجي سڪ لڳي آ.

ساوڻ گذريو سيارو آيو،
تون بہ اچڻ جو ڪر ڪو سعيو،
سڪ سيني ۾ شور مچايو،
مون کي چو تي يار پلايو،
دل جي دنيا اجڙي وئي آ.

**ساجد** کي تي ياد ستائي،
توريءَ چاندوڪي تي گهائي،
منهنجي من کي آگ لڳائي،
هير تتڏي تي جان جلائي،
مون کان منهنجي ننڊ رُني آ.

* *





## غزل

تون ملين چڻ هر خوشي مونکي ملي،
راحتن جي زندگي مون کي ملي.

تو سوا بي نُور هو دل جو شهر،
تنهنجي آئي روشني مون کي ملي.

عڪس پنهنجو تو ڏسان تو ۾ ائين،
چڻ تہ ڪائي آرسي مون کي ملي.

شوق مون سارا ڇڏيا هڪ شوق لئہ،
آ جڏهن کان شاعري مون کي ملي.

مون ڇڏيو مسجد وڃڻ مندر وڃڻ،
چو جو تنهنجي بندگي مونکي ملي.

پيار تنهنجي جو قسم ايئن ٿو لڳي،
چڻ پرستان جي پري مون کي ملي.

مون رکي توسان جڏهن کان دوستي،
لوڪ جي ڏس دشمني مون کي ملي.

ساپيان '**ساجد**' سپيئي سپنا ٿيا،
تو پرين جي دلبري مون کي ملي.

* *

## غزل

فون تي ڳالھيون ڪرڻ چو بند ڪيئي،
پيار وارا خط لکڻ چو بند ڪيئي.

اڱ پري مون کان پرين ٿيندو نہ ھئين،
ھاڻ ڏس مون سان ملڻ چو بند ڪيئي.

ھٿ ڏئي ھٿ ۾ لبِ مھراڻ تي،
شام جو مون سان ملڻ چو بند ڪيئي.

عيد تي تحفو نہ تون مون ڏي ڪُڪو،
۽ مون کان تحفا وٺڻ چو بند ڪيئي.

ڳالھ ڪھڙي تي مون سان ناراض آن،
منھنجي گھر مون ڏي اچڻ چو بند ڪيئي.

چو پلا ايڏي پڪي دل يار ڪيئي،
سار "**ساجد**" جي لھڻ چو بند ڪيئي.

* *





# ڪوڙل قربدار



**ڪوڙل قربدار** جو اصل نالو، ذوالفقار علي سمون ولد جاڙو خان سمون، جنم 15 فيبروري 1971ع جمع جي ڏينھن ٿيو. سندس جنم ڀومي ڳوٺ فيض محمد ٻجراڻي تعلقو قمبر آھي. ھن 2002ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ پرائمري استاد طور ھن وقت ڳوٺ حاجي لاشاري خان مغيري تعلقو قمبر ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏئي رھيو آھي. ھو لکڻ جي شروعات 1989ع کان ڀڏائي ٿو، ڌرتي تي ٿيندڙ ڏاڍ جبر سندس لکڻين جا موضوع رھن ٿا. نثر توڙي نظم ۾ لکڻ جي ڀرپور صلاحيت رکندڙ ذوالفقارعلي جي ادبي سڃاڻپ شاعر طور ادبي نالو ڪوڙل قربدار سان ٿي. شاعري جي سڀني صنفن تي سٺي دسترس ھوندي پسنديده شاعري جي صنف غزل اٿس، پر سندس شاعري ۾ نظم بہ اونچو ڀاڱو رکن ٿا.

قمبر شهر سان نسبت رکندڙ ڏرتيءَ جي بهترين شاعر استاد پيرل قمبر جي رهنمائي هيٺ شاعريءَ جو سفر ڪندڙ، ڪوڙل قربدار ٻڌائي ٿو تہ سرمد چانڊيو ۽ خير محمد سوز ڇڄڙائي بہ سندس لاءِ استاد جي حيثيت رکن ٿا. هو نثر توڙي نظم ۾ ڇئن ڪتابن جو مواد سهيڙي چڪو آهي. جيڪو اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

گڏيل شاعرن جي ٻن ڪتابن ”چانڊوڻان چمڪن“ ۽ ”مون ڏات انوکي آندي آ“ ۾ سندس ڪوتائون ڇپجي چڪيون آهن. ان کان علاوه استاد پيرل قمبر جي زندگي، فن ۽ فڪر تي لکيل مختلف اديبن جا مضمون سهيڙي ”پيرل قمبر - تخليقارن جي آئيني ۾“ نالي سان ڪتاب ترتيب ڏنو اٿس، جيڪو پڻ ڇپائي هيٺ آهي. سنڌ جي مختلف وڏن وڏن ميڙاڪن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ادبي سفر جي اولين ترجيح آهي.

پسنديده شاعرن ۾ ڪيس استاد پيرل قمبر، استاد بخاري، سرمد چانڊيو ۽ قاضي مقصود گل آهن.

پسنديده ڪتاب، ”شاهہ جو رسالو“، ”سجدواداس آ“ (استاد پيرل قمبر) ۽ ”رت ڀنا رابيل“ (مقصود گل) آهن.

ڪوڙل قربدار ادبي سرگرمين ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ قمبر جو سينيئر ميمبر آهي. 2012ع ، 2013ع لاءِ سنگت قنبر ۾ ’ڪائونسلر‘ رهي چڪو آهي. ان کان علاوه پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ شهدادڪوٽ جو اعزازي ميمبر ۽ پيرل قمبر ساهت سنگت لاڙڪاڻو جو باني پڻ آهي. اهڙي طرح سندس ادبي سفر ۾ قدم تکڙا ۽ ڪارائتا آهن.

ڪوڙل قربدار جي مستقل رهائش لاڙڪاڻي ۾ آهي.

ائڊريس: منظور آباد محلا لاڙڪاڻو        موبائل: 03463492744





## غزل

زندگي تہ پيار ٿي گهري،
پيار ٻُہ وقار ٿي گهري.

جيءُ جيءَ ساڻ جوڙ تون،
ڀاڪرن جو هار ٿي گهري.

درد جو پهاڙ آ مٿان،
دل تہ هلڪو بار ٿي گهري.

مُرڪندي حيات ٿي گذر،
مل سدا بهار ٿي گهري.

ٿي قريب کان قريب تون،
ڪا وٿي نہ وار ٿي گهري.

سنڌ تنهنجي تنهنجي ساٿ کان،
ڀئي وفا شعار ٿي گهري.

* *

## غزل

اسان جي خوشي پئي نچي ٿي اڱڻ تي،
مٿي اچ سينگاريون اچي ٿي اڱڻ تي.

وڏي قرب وڙ ۾ وڏي محبتن سان،
مٿي پير پنهنجا رکي ٿي اڱڻ تي.

گلابن جي خوشبو جو مهڪيل هٿن ۾،
ڏيڻ گلدستو اچي ٿي اڱڻ تي.

ستارن جي پوشاڪ پهري بدن تي،
اجهي رات راڻي لهي ٿي اڱڻ تي.

ڪري آڏو آئينو مرڪي ٿي هر هر،
اشارن ۾ دل ڏئي وني ٿي اڱڻ تي.

ڪري هار ٻانهن جا منهنجي ڳلن تي،
مِٺن تي مٺيون ڏئي چوي ٿي اڱڻ تي.

هي مستي جواني جو پيمانو ڇلڪي،
پرين ساڻ جو مئڪشي ٿي اڱڻ تي.

ڪڙيو ڪيت مهڪي آخوشبو جو ”ڪوڙل“
هي ڦولار ميندي پڇي ٿي اڱڻ تي.

**





## نظم

نينهن جون نوازشون رهيون،
بي بها ۽ بي مثال اڻ مَ يون.
پيار ڪائنات جو مليو،
زندگي جون ساعتون ٻٽيون.
آهِ خواب ساپيان رهيو،
ماَن ڳلي ٿو لايان محبتون.
مان خنجر جي نوڪ تي نچان،
گيت ڪو سريلو ڳاءِ تون.
عشق منزلون رسائي ۽،
بخشي ڇيتي جان ٿو جرئتون،
نئين نسل جي هوش جوش ڪي،
سنڌ جون ڪيان ٿو پارتون.
ڪائناتي هن حسن سنديون،
ڪر ڏٽي آباد رونقون.
**

نينهن جي نگاهہ سان نهار،
ٺار ٺار دل اسان جي ٺار.

مئڪدي وڃان تہ ڇو وڃان،
جام ڏي نيڻن جو تار تار.

تون سدا بهار گل جيان،
بيقرار کي سدا کيڪار.

تنهنجي آ جواني پيار جي،
رک نہ پڻ اکين ۾ تون ترار.

پيار محبتون سدا جيئڻ،
نفرتن کي سمجهان ٿو مان گار.

جا نهي نہ "قربدار" سان،
دل نہ اهڙي يار ڏار ڏار،
* *





## غزل

جرئتن سان گهار، زندگي!
سينو سپر ڏار، زندگي!

لکير جو فقير ٿي نہ ويهہ،
اُٿ اُٿي سنوار زندگي.

موت سان اکيون اکين ۾ ڏئي،
تون ٻڌاءِ هٿيار زندگي.

پاڻ گهوٽ کو نشو ٿيئي،
همتون نہ هار زندگي.

وينين ڇومتي کي ٽيڪ ڏئي،
ٿي ڏيَئي ميار زندگي.

منزلِ روشني آ اڳيان،
ڪڻ قدم ٻہ چار زندگي.

سنڌ تنهنجي محبتن ۾ ٿي،
آهہ "قربدار" زندگي.
* *

## وائي

ايڏو پيار چو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي..!
معصومن جي مُرڪ جان،
گل خوشبوءِ جهڙو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي.
تنهنجي تر ۽ ڳوٺ جو
ماڻهو من هر ڪو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي.
تنهنجي نيڻن جو قسم،
ساٿ تَرِ گل جو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي.
تنهنجي چهري تي پرين،
پهرو زلفن جو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي.
تو جو "ڪوڙل" کي ڏنو،
محبت جو تحفو،
وٽندو وٽندو ٿو وڃي.
* *





## نظم

جيءُ جياريو جيجل جهولي،
جيڏي مٺڙي تيڏي سولي.
پيار پرولي هيئين هولي،
سنڌي ٻولي قومي ٻولي،
جنهن ۾ سمايل پيار محبت،
ست ست ۾ خوشبوءَ جي چاهت،
مرڪن هاٽي ساهه سيباٽي،
قُرب ڪماٽي ساهه سيباٽي،
تاريخن جي ورقن ۾ هي،
موهن ڪان آ ڪافي اڳ جي،
سندر سندر مٺڙي مٺڙي
زنده آهي زنده رهندي،
قادن قاضيءَ جي هي ٻولي،
شاهه سچل سامي جي ٻولي،
حاجي ۽ حامي جي ٻولي،
جوبي ۽ صوبي جي ٻولي،
پنهور ۽ محبت جي ٻولي،
بيوس ۽ تاجل جي ٻولي،
منشي ۽ سائل جي ٻولي،
بيدل ۽ غمدل جي ٻولي،
سيد سوپاري جي ٻولي،
شيخ، بخاري جي هي ٻولي،

گوبند مالهي جي هي پولي،
ارجن، نارائڻ جي پولي،
هاري ۽ ناري جي پولي،
مرٽي ناهي مرٽي ناهي،
تنهنجي پولي منهنجي پولي،
پولي جنهن جي جهول ڪُشادي،
مقصد پيار امن آزادي،
دولهه دريا خان جي وادي،
سنڌ سپيتا پئي آ جاڳي،
هاڻ تہ ٿيو آ هر ڪو باغي
قومن ڪيڏو پوڳيو آهي،
پوءِ بہ ويون ڪي پاڻ مڃائي،
قوم بہ پنهنجي لڇندي آخر
ويندي پنهنجو پاڻ مڃائي
پولي خاطر دودا ڪڏندي
ڏيندا پنهنجو ڪنڌ ڪپائي.
سوليءَ تي سِر ”ڪوڙل“ آهن،
مرڪي ماٽيندا هي منزل.
* *

(حاجي احمد ملاح،ايم_ايچ_پنهور ۽ محبت پرڙو) جو ڪيل ذڪر





## نظم

ضمير مون تي ڪندو ملامت،
لکان نہ توتي غزل جي پياري،
حسين تخليق تنهنجي سائڻ،
رهون ٿا جنهن جا اسان پوڄاري.
بهار موڪيو جوان رُت تي،
گلاب مکڙيون سدا ٿيون مرڪن،
سنڌوءَ جي چولين تي سونهن ساگر،
سهاڳڻ جان ڪراءِ درشن،
سڪون اک کي سڪون دل کي،
دماغ کي تازگي رهي تي،
هي سبز چادر جي چنري اوڍيل،
وشال تنهنجي ڏسي بدن تي،
رنگين خوشبو هُڳاءُ اوتون،
هزار پونئرا طواف ڪن ٿا،
خوشي وچان مٿ مست رهن ٿا،
هي چنڊ تارا ۽ ڪهڪشائون،
سميت سجدن ۾ آسمان پيو،
ديار تي سر جهڪائي هر پل،
ٿئي ٿو رقصان اعزاز سمجهي،
ليار لالي گنديير ٻاڳيون
ليون ۽ لاٽا ڏسي نران ٿو،
سنڌوءَ ڪنارا ڏسي نران ٿو،
رکي اوهان جي پيرن تي اکڙيون،
چمان سمورا نشان تنهنجا،
سدا خوشين ساڻ ڪيڏ ڪيڏي،
گهران ٿو ”ڪوڙل“ اها دعا مان.
* *

## نظم

تنهنجي جادو نظر تنهنجو خوشبو بدن،
تنهنجو جوڀن جواني پيي مست و مگن،
تنهنجون مرڪون مٺيون کير کنڊ ٿيو پون،
مرڪ موتيا مشڪ عنبر لڳن،
موج مهراڻ آن ساهه سرهاڻ آن،
چاهه چانڊاڻ آن شفق لالاڻ آن،
ڪيف آور اکيون ٿي جڏهن تو کيون،
نينهن جا ٿيا نشا مئي خمارن ۾ هون،
تو مٿن تي مٺيون مونکي ارپي چڙيون،
او سڪي دل ڪشيون اڻ ميون محبتون،
حور جو پرتوو ڇا مان تشبيح ڏيان،
سونهن جلوا نوان ڪارگر ڪيميا،
پنهنجي نيڻن مان مئي جي تو سُرڪي ڏني،
زندگي دائمي تو آ بخشي ڇڏي،
تنهنجي مرڪڻ سان منهنجي وڌي زندگي
تنهنجو نالو رکيم زندگي دوستي،
تون سنڌوءَ جي ڪنارن جان سهڻي لڳين،
تون تہ ڪينجهر جي ڳل جان ٿي ڪومل رهين،
تون پٽائي، سچل، سامي جي سورمي،





مور جي ٽور ڪي ڇهه ڏيو ٿي ڇڏين،
تنهنجي ساراهه جا ڳل نچاور ڪيان،
سونهن تنهنجي پرين دل جي ڪعبي مٿان،
پيار جي چانو ڪَن ڇُج ۾ ٻڙ جيان
سونهن معصوم محبوبا ايئن لڳي،
جيئن موهن دڙي جي آ ڳاڙهي مٽي،
دل جي شوڪيس ۾ تنهنجي تصوير هي،
مون سجائي رکي ها سجائي رکي،
ڪيرٿر جان تون اوجر ۽ سندري سڪي،
تنهنجي ريشم جواني آ سورج مُکي،
ست رنگي چوڙيون گجرا رابيل جا،
هٿ ميندي رتا ڪيڏا سونهن پيا،
سون ورني هُڳاءُ سڳداسين سندو،
تون ڪٿوري جيان واسي تر آ ڇڏيو،
تنهنجا ڳُفتا مکڻ ماکي مصري سندا،
انب سنڌڙي سندا زنب ۽ سُري سندا،
ڪير جهڙي وهي ۽ ٿي لچڪي اڳي،
شام سُرخي سهاڳڻ تي سرهي لڳي،
هڪ نہ ”ڪوڙل“ رهيو تنهنجي حاضر اڳيان،
چنڊ تارا سپئي تنهنجي طابع ٿيا.

**

## غزل

حسين منظر حسين مرڪون حسين جلوه نمائي محفل.
بهار موڪيو گلاب مهڪيا ڪيڏي نہ خوشبوءَ رسائي محفل.

پيار پوڄا ۾ سونهن سچ جا حسين تصور چٽيا مصور،
وضو سنپاري غزل پڙهن ٿا، غزل انهن جي رچائي محفل.

اڪيون اڪين سان ملي ونن ٿيون مٺيون مٺن تي ڳٽن ڳلن تان،
اداس نيڻن ڪي سونهن سوپيا هميشہ آهي چمائي محفل.

اسان جي دنيا آزاد دنيا اسان نہ ڄاڻون فساد فتنو،
اسان امن جا پڪي مسافر اسان امن جي سڏائي محفل.

ڪتاب مقدس جو روح ۾ آن رسالي پٽ جي وجود جهڙي،
پڙهان ٿو ورقن جا ورق ساري قرار جي دل خدائي محفل.

اسان نہ سڌڙيا سنڌوءَ جا عاشق اورانگي باهيون اچون ٿا ڪيئي،
اڪيون اڪين ۾ ملائي ڏس تون اسان آهہ ڪيئن ملهائي محفل.

لطيف اڳيان ڪراڙ ڊنڊ تي اياز ويهي قرار ماڻيا،
گلاب رابيل تازيون مکڙيون ڪمال آهي ھُڳائي محفل.

نظر نظر ۾ جوان رت آجوان رت جو نشو الڳ آ،
پئون جيئون ٿا پيار پيالو خمار آهي پلائي محفل.

ڏنم صبح جو چمن ۾ بلبل ڪري پيو تنهن سان گلاب محفل،
حجاب وچ ۾ رهيو نہ ڪوئي هئي تہ ڪا با وفائي محفل.

**





# ناشاد رشيد سنڌي



شهدادڪوٽ شهر کي شاعرن جي سر زمين سڏيو وڃي ٿو، جتي استاد پيرل قمبر، ڊاڪٽر نذير جروار، حبيب الله حبيب شهدادڪوٽي ۽ زيب مگسي جهڙا بهترين شاعر ٿي گذريا. اهڙن استاد شاعرن نہ صرف پنهنجي تخليقي سڃاڻپ کي زندگيءَ جو مقصد سمجهيو پر نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي رهنمائي ڪري کين اتساهہ ڏيڻ بہ سندن شوق ۾ شامل رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ شهدادڪوٽ تمام خوبصورت شاعرن جومرڪز بڻيو.

اهڙن خوبصورت شاعرن جي ڊگهي قطار ۾ **ناشاد رشيد سنڌي** بہ هڪ نمايان نالو آهي. جيڪو ڌرتيءَ جي بهترين شاعر استاد پيرل قمبر جي نهايت ئي ويجهو رهندڙ شاگردن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

ناشاد رشيد 01 جنوري1971ع تي شاهہ رکيو مستوئي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. جنهن کي عبدالرشيد جي نالي سان ذاتي سڃاڻپ ڏني وئي. هو

نندپڻ کان نهايت ئي سادي سلڇڻي زندگي بسر ڪري ٿو. هميشه مٺو ۽ مانو ماڻهو هجڻ سان گڏ تمام سنجيده طبيعت جو مالڪ آهي. جنهن جي ڪري تمام ادبي ۽ ذاتي دوستن ۾ بهترين سڃاڻپ اٿس. پورهيت فيملي جي غربت سبب ناشاد رشيد پنهنجي تعليم پنج درجا ڪان اڳتي وڌائي نه سگهيو. ٻالڪپڻي ڪان وٺي اڄ تائين سندس ذاتي ڪرت ۾ محنت مزدوري ئي شامل آهي. هن لکڻ جي شروعات 1988ع ڪان ڪئي ، ڪيس نثر توڙي نظم ۾ لکڻ جو بهترين ۽ ڀرپور انداز آهي. مگر ادبي سڃاڻپ شاعري اٿس.

سندس شاعري جي مطالعي ڪان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته هو گيت ۽ غزل جو بهترين شاعر آهي. ناشاد رشيد جي شاعري ۾ سنڌ جا بنيادي حق ، سنڌي عوام جي مظلوميت ،سنڌ جي نياڻي سان ٿيندڙ ناانصافي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جا موضوع نمايان سمايل آهن ته نرتڪيءَ جي نينهن جون نواز شون به نروار آهن. هن وقت تائين نثر توڙي نظم ۾ هو پنجن ڪتابن جو مواد لکي چڪو آهي جيڪو اڻڇپيل صورت ۾ آهي.

1993ع ڪان وٺي سنڌ جي تمام مئگزينن توڙي اخبارن ۾ سندس ڪوتائون ڇپجنديون رهن ٿيون. جن ۾ ته ماهي "مهراڻ"، "پيپلز ٽائيم"، ماهوار"مومل"، ماهوار "هالار"، ماهوار "ادب"، ماهوار "سوجهرو"، ماهوار "نئين زندگي"، "نئين سوچ" ۽ ماهوار "نئين آس" مئگزين شهدادڪوٽ شامل آهن.

ناشاد رشيد سنڌي پسنديده ڪتاب شاهه جو رسالو ،پسنديده ادبي شخصيتن ۾ استاد ٻيرل قمبر ۽ استاد بخاري ٻڌائي ٿو. سياسي شخصيتن ۾ ڌرتيءَ جي بهترين سياستدان سائين جي_ايم سيد کي پسند ڪري ٿو. ادبي سرگرمين ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شهدادڪوٽ جو سينيئر ميمبر رهيو، ٻيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ شهدادڪوٽ جو مستقل ميمبر آهي ۽ 2002ع ڪان 2006ع تائين مرڪزي نائب صدر رهي چڪو آهي.

جڏهن ته سياسي طور تي جيئي سنڌ قومي محاذ جو پڻ پراڻو ڪارڪن آهي .

ناشاد رشيد سنڌي هن وقت باقر آباد محلا شهدادڪوٽ ۾ رهي ٿو.

ائڊريس:آفيس نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ

موبائل:03052564897-03316065911







## گيت

زندگي هڪ عذاب آ لکي ٿو چڏيان
امتحان احتساب آ لکي ٿو چڏيان.

مان ادب جو مسافر هان اصلاح ڪيو،
هر ڪو چئي لاجواب آ لکي ٿو چڏيان

ست ست ۾ سهيڙيل منهنجي داستان
درد ڀريل ڪتاب آ لکي ٿو چڏيان.

چمڪندڙ ڪهڪشان دل قيامت جيان،
وقت يوم الحساب آ لکي ٿو چڏيان.

عشق اڏري عقل کي وڌو وات ۾،
حسن هر جا شباب آ لکي ٿو چڏيان.

هيءَ جيون اجو رُڄ ۾ تو رڙي،
اهڙو تاسو سراب آ لکي تو چڏيان.

هوءَ ٻه شرمائي پئي مان ٻه گهٻرائيان،
پاڻ ۾ چا حجاب آ لکي تو چڏيان.

دور نئين جون نيون حسرتون چا لکون،
عاشقي انتخاب آ لکي تو چڏيان.

پل گنهگار ڪوني زمانو مونکي،
پيار تنهنجو ثواب آ لکي تو چڏيان.

حسن هلچل وڌي عشق برپا ٿيو،
هي نئون انقلاب آ لکي تو چڏيان.

سوچ آ سنڌ جي هيءَ لوچي لڌم،
حوصلو ڪامياب آ لکي تو چڏيان.

پاڻ قسمت ”رشيد“ آ گنوائي چڏي،
چو مقدر خراب آ لکي تو چڏيان.
* *





## غزل

هڪ درد مون رکيو آ دل ۾ دوا جي خاطر،
ڳوليان پيو مسيحا جڳ ۾ شفا جي خاطر.

جنهن کي مڃي ٿي دنيا پر ڪنهن ڏٺو ئي ڪونهي،
سجدي ۾ سر رکياسون اهڙي خدا جي خاطر.

دنيا جي سمنڊ کي ڇڙ ڪونهين صفا ڪنارو،
ڪشتي ٻڏي ٿي دل جي ڪنهن نا خدا جي خاطر.

تون جهول ۾ وفا جي رنجُ الم وجهي ڏي.
هي رک پرم صدا جو پنهنجي سخا جي خاطر.

پنهنجي مفاد خاطر ڪاري تو پيڻ ڪئي آ،
تنهن کان ٻڏي مرين ها شرم و حيا جي خاطر.

هي پنجتن جي صدقي ارداس ٿئي الاهي
مشڪل جهان جي حل ڪر مشڪل ڪشا جي خاطر.

انسان جو مقدر اهڙو ته ڪو نه هو پر،
شايد خدا خفا ٿيو آدم اوا جي خاطر.

اي ڌرتي منهنجي جيجل مونکان وچن وٺي چڏ،
مان شعر جيڪي لکندس تنهنجي بقا جي خاطر.

تقدير کان اڳي ئي تدبير سوچجي ها،
”ناشاد“ گهرجي اهڙي قسمت قضا جي خاطر.

## غزل

پريت پکي آ پک وٽي وچ،
ڳاڙهي ڳل تي چڪ وٽي وچ.

توکي چنبڙي چاهه منجهان دل،
چاهت جو چقمق وٽي وچ.

پنهنجا ڏي غم درد هي مون کان،
مرڪ خوشيون ۽ ٽهڪ وٽي وچ.

توکي ڏسندي ڌڙڪي ٿي دل،
دل منهنجي جي ڌڙڪ وٽي وچ.

پنهنجي ڏي دل منهنجي وٽي وچ،
هن کان ٿيو هان ڪک وٽي وچ.

توکان ڌار "رشيد" نه جيئندو،
مسجد ۾ بيشڪ وٽي وچ.

* *





## گيت

نيڻن جو ڪو بند ڀڳو آ،
سنڌوءَ کي جڙ ڪنڊ لڳو آ،
وارو ڙي وارو ڪيو،
دل جو شهر او يار بچايو،
اکڙين جو گهر ٻار بچايو،
سوچن جو سنسار بچايو،
ڳٽتين جو هت ڳوٺ ٻڏو آ.
وارو ڙي وارو ڪيو.
عشق اندر ۾ وڍ وجهي ٿو،
جيءُ جهري ٿو روح رڙي ٿو،
سورن جو پڙ سمنڊ سجهي ٿو،
ٻڄجي سايو موت ڀُڳو آ...!
وارو ڙي وارو ڪيو.
نيڻن جا تيلاب ٿا ٻوڙين،
يادن جا سيلاب ٿا ٻوڙين،
بند اکين ۾ خواب ٿا ٻوڙين،
مون جو سپنو رات ڏٺو آ...!
وارو ڙي وارو ڪيو.
قسمت جي مان سوڳ ۾ آهيان،
عشق جي شايد روڳ ۾ آهيان،
ماڻهن ليکي ڀوڳ ۾ آهيان،
مون کان منهنجو ڀاڳ رٺو آ..!
وارو ڙي وارو ڪيو.

## غزل

اسين تہ تنهنجا مريد آهيون،
ڪٽي آيا اڄ اميد آهيون.

ڏسي نہ منهڙو مٽايو جاني،
قتيل اڄ ئي شديد آهيون.

اڱڻ ڪڏهن جي اچو ٿا پلجي،
وڇائيندا دل ۽ ديد آهيون.

ڏسي اوهان کي بنا خوشين جي،
اسين ڪندا يار عيد آهيون.

اوهان جي در جا غلام سائين،
اوهان جا خادم ”رشيد“ آهيون.

* *





## غزل

درد دل جا! دوستي توسان ڪجي،
دور نئين جي دلبري توسان ڪجي.

سک سنگت هن سور جي توسان گهڙِي،
ديد ۽ دل جي ڳڻي توسان ڪجي.

سور تي ٿا پور پلجن هر گهڙي،
اهڙي سورن جي سچي توسان ڪجي.

تون ڏئين آزار تي آزار پل،
پوءِ بہ دلبر دل لڳي توسان ڪجي.

ڇو نہ پو دل جي هندوري ۾ وجهي،
حالِ دل جو هر گهڙي توسان ڪجي.

گل ڏين پونئرن کي بوسا باغ ۾،
ڪيئن پيلا تن جي ڪچي توسان ڪجي.

* *

## غزل

هيڪلائي جا سيئي لمحا ڇڏي،
آ گذاريون پاڻ ۾ جهيڙا ڇڏي.

تنهنجي وارن ۾ ٻڪل وانگي پرين،
مان تو چنبڙان لوڪ جا مهڻا ڇڏي.

ڇڏ اميري ۽ غريبيءَ جي پچر،
لالچي دنيا سان ڏي ليڪا ڇڏي.

جي خدا بخشي تہ حج آهي هتي،
آ مديني ۾ سڄڻ مڪہ ڇڏي.

ڪيئن ڇڏيان مان سونهن ۽ سنڌ جي پچر،
جي چوين ”ناشاد“ هي دنيا ڇڏي.

* *





## غزل

دل جي ويراني ۾ جو اچن ٿيون مڙئي،
شام جو هي اداسيون عقابن جيئان.

چاهہ چنبڙي پيو سور ڇهندي وڏي،
برهہ بي خود ڪيو آ عذابن جيئان.

سونهن ۽ سنڌ جي سوچ سانڍي رکيم،
ها مقدس جهان جي ڪتابن جيئان.

دل جي هو درميان دوستي داغ ڪو،
درد اهڙو مليو آ ثوابن جيان.

چنڊ سان جيئن ستارا بہ سونهن سيئي،
سنڌ سونهين سنڌين سان گلابن جيئان.

آءُ ماضيءَ جي لمحن جي تو ڳالهہ ڪيان،
پل پيون يادون مڙن احتسابن جيئان.

* *

## وائي

هوريان هوريان گهم،
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.
وات وارو ڏي مون کي
ڪاڏل هي چيڳم.
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.
چولو تو چمڪا ڪري ،
لڳي ۾ آهين گُم.
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.
چوٽيءَ ۾ مان گل جيان،
توسان رهان هر دم،
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.
توکي ڏسندي ٿيو وڃا،
سوچن ۾ گُم سُم،
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.
“ناشاد” سان ڪنڊ ڪير جيان ،
تنهنجو ٿئي سنگم.
هر شيءِ تي تنهنجي وٽي.

* *





## غزل

تڙپين تو پيو تاسو آهين،
عشق اجارا خاسو آهين.

سنڌو ساگر آهين پوءِ پي،
ٿر جهڙو ڪو پياسو آهين.

ٿر جو سمجهان بر جو سمجهان ،
ڪوهستان جو پاسو آهين.

پاڻ تماشو پنهنجو ڏسين تو،
دنيا لئہ ڪو هاسو آهين.

سوليءَ تي منصور ُڪا تو،
ڪيڏو ’رشيد‘ بي قياسو آهين!

* *

# رشيد خانواهي



**رشيد خانواهي** پهرين اپريل 1969ع تي عبدالله چانڊيو جي گهر ڳوٺ خانواه تعلقي قبوسعيد خان ۾ پيدا ٿيو. سندس چنيءَ جو نانءُ عبدالرشيد رکيو ويو. ايجوڪيشن ايم_اي سنڌي اٿس. هن وقت گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ سنڌي سبجيڪٽ جو ليڪچرار آهي. هن لکڻ جي شروعات 1987ع کان ڪئي، سندس شاعري ۾ استاد احمد علي "صابر" ۽ گل محمد شاهه "گل" بخاري آهن. سندس پهريون شعر آهي "آزادي انسان ٿو چاهي" جيڪو نئين سوچ مئگزين ڪراچي جي فيبروري 1990ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ به سنڌي پوليءَ جي تمام مئگزينن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهي ٿو. رشيد خانواهي نثر توڙي نظم ۾ لڳاتار لکندو رهي ٿو،





سنڌس ادبي سجاڳ شاعري آهي. هو شاعري جي صنفن غزل، گيت، وائي، نظم، ڪافي، چوسٽو ۽ ٽيڙو سميت سڀني صنفن ۾ خيالن جو اظهار خوب ڄاڻي ٿو. شاعري جي فن ۽ فڪر جي پختگي سان گڏ هو ذات ۽ ڏانءَ جو ڀرپور شاعر آهي. هو نثر توڙي نظم ۾ چار ڪتاب لکي چڪو آهي، جن مان شاعري جو ڪتاب "سڄڻ ۽ ساڃهه" ۽ نثر ۾ "املهه انسان" ڇپجي چڪا آهن. نثر جا به ڪتاب "سنڌي ادب جا سونهري باب" ۽ "ڌرتي جا ڏنگ" اڻ ڇپيل صورت ۾ آهن. رشيد خانواهي شهدادڪوٽ جي سينيئر شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو سندس شاعري ۾ عشقيه انداز سان گڏوگڏ، ڌرتي ڌڻين سان ٿيندڙ ناانصافين جا موضوع ملن ٿا.

رشيد خانواهي سنڌي ادبي سنگت شاخ شهدادڪوٽ جو بنيادي ميمبر آهي ۽ مختلف عهدن تي رهندي هن وقت سنڌي ادبي سنگت شاخ شهدادڪوٽ جو سيڪريٽري ۽ سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچررس ايسوسيئيشن (سپلا) شهدادڪوٽ يونٽ جو صدر پڻ آهي.

بهترين شاعر جي حيثيت سان 2006ع ۾ "پيرل قمبر ايوارڊ" ۽ ان کان علاوه "بيسٽ ٽيچر ايوارڊ" پڻ حاصل ڪيو اٿائين. سندس پسنديده ڪتاب شاهه جو رسالو آهي، هو هر انهي ليکڪ کي پسند ڪري ٿو جيڪو سچ ۽ سونهن لاءِ لکي ٿو. پسنديده ادبي شخصيتن ۾ هو شاهه لطيف، استاد بخاري ۽ راشد مورائي پڏائي ٿو. موسم بهار، لباس سنڌي، کاڌي ۾ سرنهن جو ساڳ ۽ چانورن جي ماني پسند ڪري ٿو. رشيد خانواهي، هن وقت ڊرب محلا شهدادڪوٽ ۾ رهي ٿو.

ائڊريس: سنڌي ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ.
موبائل:03032003531-03342003531

## غزل

رهيو آ ساٿ سورن جو، سکن جي ڪا خبر ڪانهي،
رهان ٿي قيد ڪوٺن ۾، پکن جي ڪا خبر ڪانهي.

نہ هوندو ڪير ڏاتو ڪو، نہ هوندو ڳاهہ ڪاڏو ڪو،
الائي ڪيئن ٿيا ليلا، انهن جي ڪا خبر ڪانهي.

نہ ڪي قاصد، نہ ڪي خطڙو، نہ ڪي پيغام آيو ڪو،
نہ ڪي وانگي وريو ڪوئي، وطن جي ڪا خبر ڪانهي.

سدائين سومرا ڳهارين، پيو باغن ۾ بنگلن ۾،
اسان جو چاهہ چونرن سان، چمن جي ڪا خبر ڪانهي.

هميشہ ئي رهيو آهين، خوشين ۾ ”خانواهي“ چئي،
سکن جي سڌ سڄي توکي،ڏکن جي ڪا خبر ڪانهي.

* *





## غزل

حال منهنجي تي هڙن روئي ڏنو،
محب ماڻهن ۽ مِرن روئي ڏنو.

گل سڙي ويا پونر ويا پيرو پچي،
وئي ڇڏي بلبل چمن روئي ڏنو.

چو نہ تو پاڙين پرين وعدو وچن،
آ سگهو سهٽا سخن روئي ڏنو.

جن بہ منهنجو حال هي آهي ڏٺو،
آ قسم رب جو سڀن روئي ڏنو.

سور ڪيڏا سنگدل آهن مگر،
پر غمن دردن ڏکن روئي ڏنو.

”خانواهي“ جي هيون ڪلنديون اکيون
هجر تنهنجي ۾ انهن روئي ڏنو.

* *

## غزل

ڪي سال ٿيا آهن، درشن ڪان سڪيو آهيان،
ديدار سوا دلبر، ڪنهن شيءِ جو بکيو ناهيان.

رُخ پاڪ تنهنجو ڪعبو ۽ تر آ مثل اسود،
ايمان اٿم پختو، تڏهين تو چمڻ چاهيان.

محبوب مٺي آهي، ماڪيءَ کان مٺي تنهنجي،
ڏي پيار پرين پنهنجو،ڪنهن زر جو بکيو ناهيان.

هڪ رات رهڻ مون وٽ، منٺار ڪڏهن ايندين،
سَو محل اميدن جا دل ۾ تو پيو ٺاهيان.

مشهور ڪيو مون کي، آ عشق سڄڻ تنهنجي،
تَنهِن عشق سندا ٿورا احسان پيو ڳايان.

ان ڏينهن وڃي ڪسجي هيءَ ذات ”رشيدڻ“ جي،
دنيا جي حسينن کي محبوب جهڙو ڀائيان.

* *





## غزل

وڇوڙو وجهي تو وڏا جهير جاني،
ڏيون ڇو نہ تنهن کي ڪا تڪبير جاني.

سڄڻ ساهہ ۾ مون سمائي رکي آ،
سدا سار تنهنجي ۽ تصوير جاني.

ڇٽي تو جا مون ڏي مٺا موڪلي هئي،
رکي سا مون سانڍي آ تحرير جاني.

سوا هڪ ڀئي جي گذاري نہ سگهبو،
سگهو سوچ تنهن لاءِ تدبير جاني.

ڏٺا خواب هئاسين جي گڏجي رهڻ جا،
سچا شل ٿين تن جا تعبير جاني.

خدا کان گهرون ٿا دعا ”خانواهي“
ٿئي شل چڱي پنهنجي تقدير جاني.

* *

## غزل

حياتيءَ تي ناهي ڪو اعتبار جاني،
ڪڏهن وچ ڪرائي ڪو ديدار جاني.

دوا درد پنهنجي جي دلبر ڏئي وڃ،
ڪيو بره تنهنجي آ بيمار جاني.

مرڻ بعد هر ڪو آ، مرضي جو مالڪ،
نہ ٿي جيئري جڳ ۾ تون بيزار جاني.

نہ ڪائڻ، نہ پيئڻ، نہ جيئڻ وٽي ٿو.
وڇوڙي ڪيو آهي آزار جاني.

نٿو جيءُ هاٽي لڳي ڪنهن بہ ڪم ۾،
سوا تنهنجي جيون آ بيڪار جاني.

تتي تن جي ٿر ڪي مٺا مينهن گهرجي،
ڪڪر ٻڻجي ڪر ڪو، تون وسڪار جاني.

خوشيون "خانواهي" ڪي ڏئي ڪي ڪلائج،
ڏئي ڏک نہ ايذا تون روئار جاني.
**





## گيت

سڪي سڄڻ ڪي سلام چئجان،
وڃي پرين ڪي پيام چئجان.

چڳن ۾ چيڙهون پيون اچي ڏس،
اهي ئي پاتل سڳيون اچي ڏس،
ڏئي وئين ڏڪڙا انعام چئجان
سڪي سڄڻ ڪي سلام چئجان،

سمورو جيون بيڪار تو بن،
نہ ٿو وٽي ڪو سينگار تو بن،
نہ ٿو وٽي ڪو طعام چئجان،
سڪي سڄڻ ڪي سلام چئجان،

مران ٿي ماندي اچي ڏسي وڃ،
بيمار پئي هان پرين پڇي وڃ،
لچان پچان ٿي مدام چئجان.
سڪي سڄڻ ڪي سلام چئجان.

"رشيد" تولئہ روئان رڙان ٿي،
سدائين سڪ ۾ سڪان سڙان ٿي،
ڪري وئين زندگي حرام چئجان.
سڪي سڄڻ ڪي سلام چئجان،
**

## گيت

جيڏي ٿر ۾ واري جاني،
تيڏي آ توسان ياري جاني.

توسان پيار جي راند پيارا،
جڏهين کيڏيم جيءُ جيارا،
تو آ ڪٽيو ساهہ سهارا،
مون آ بازي هاري جاني.

سور ڪُـٺئي، ٿيا ٿورا تنهنجا،
ٿورا ناهن ٿورا تنهنجا،
سهرا لاڏا مورا تنهنجا،
ڳايان عمر ساري جاني.

هڪ تہ تنهنجي سِر لئہ سائين،
ٻيو تہ سنڌوءَ جي سر لئہ سائين
ٽيون هن منٺڙي ٿر لئہ سائين،
جنگ آ پنهنجي جاري جاني.

ايندي ويندي ڪان ٿو پُڇان پيو،
تولئہ تڙپان يار لُڇان پيو،
راهون ”رشيدڻ“ روز ڏسان پيو،
مينهن اکين آ جاري جاني.
**





## گيت

آءُ سگهو تون ساجن سائين،آءُ سگهو تون ساجن سائين،
ڏينهن اچڻ ۾ چو ٿو لائين، آءُ سگهو تون ساجن سائين.
آءُ سگهو تون ساجن سائين..!

ساهہ بہ توکي ساري پيو ٿو، هينئڙو هنجڙون هاري پيو ٿو،
موٽ وڇوڙو ماري پيو ٿو، ساهہ سهارو تون ئي آهين.
آءُ سگهو تون ساجن سائين..!

ساريون سر پيي نسري پيڙا چِٽ وئي ٿيا ڏينهن بہ ٿڌڙا،
توکان وعدا وسري ويڙا، نينهن نٿو چو يار نڀائين.
آءُ سگهو تون ساجن سائين...!

مونجها ماندا ماڳ ٿا روئن،تو لئہ منهنجا راڳ ٿا روئن،
مونسان منهنجا ڀاڳ ٿا روئن، ٿورا تنهنجا جي ٿو ڪلائين.
آءُ سگهو تون ساجن سائين...!

گذري ويو اونهارو آهي،آيو سرءُ جو وارو آهي،
چاڻ ٿيو تہ سيارو آهي، پينگ بهار آ، تون جي ناهين.
آءُ سگهو تون ساجن سائين....!

جيءُ جدائي جهوريو جاني،ماس ڪپيو ۽ کوريو جاني
هيءُ ’رشيد“ بہ گهوريو جاني،جنهن کي تنهنجي تات سدائين
آءُ سگهو تون ساجن سائين،
آءُ سگهو تون ساجن سائين!
**

## عورت

عورت ساري جڳ جي سونهن آ،
عورت ئي بس روح وِرُونهن آ.
عورت قدرت جو آ تحفو،
قدر ڪري ٿو ان جو سڀ ڪو،
عورت جو آ شانُ بہ اعليٰ،
عورت جو آ مانُ بہ اعليٰ،
مريم پڻ هڪ عورت هئي ڏس،
قدرت ڪيڏي عزت ڪئي ڏس،
مارئي ملڪ ملير ملهايو،
پنهنجو مان و شانُ بچايو،
سسئي ڪيچين پٺيان ڪاهي،
پنهل سان وئي پرت نڀائي،
راڻي خاطر جيءَ جلايو،
مومل آهي پاڻ ملهايو،
نوريءَ ۾ هو نياز و نوڙت،
واهہ جو اديون شرم و غيرت،
جنهن وٽ عزت غيرت آهي،
سائي عورت، عورت آهي،
هن سان ڪيڏا رشتا ناتا،
ماسي مامي ۽ آ ماتا،
عورت سان ٿو گهر پڻ سونهين،
عورت سان ٿو بر پڻ سونهين،
عورت سان ٿي دنيا سونهين،
عورت سان ٿي عقبيٰ سونهين،
هيءَ جي ناهي ڪجهہ پڻ ناهي،
دنيا ساري دوزخ آهي.





## نظم

## سنڌ جو ڪيڏارو

رڙيون ريهون راولپنڊي،
ملڪ سڄي ۾ ماتم ٿي ويو،
ڦرين ڏاڍو ڦهر ڪيو آ،
جيون سارو زهر ڪيو آ،
ڪالهہ ڪسيائون سنڌ جو پاٽي،
اڄ ڪٺائون سنڌ جي نياٽي،
هر هڪ اک آ آلي جنهن لئہ،
مان بہ روئان ٿو ويٺو تنهن لئہ،
اڳ پڻ ڪِيسُ يزيد ڪيو هو،
سنڌ جو شير شهيد ڪيو هو.
ظالم جابر ڪين سَٺو هو،
تنهنجو منهنجو پاءُ ڪٺو هو،
سورهيہ سنڌي گهوٽ ڪُٺو هو،
ارڏو ۽ اٽموٽ ڪٺو هو،
ذهن ضمير هو زندهہ جنهن جو،
ديس سمورو شاهد تنهن جو،
اڄ پڻ ان لئہ اکيون آليون،
ڳايون ويٺا تنهنجون ڳالهيون،
ٻئي تي هاٽي مور نہ پاڙيو،
پاڻ اٿي ڪا پنهنجي ٻاريو،
شاعر جاڳو قوم جاڳايو،
سنڌ جو يار ڪيڏارو ڳايو،
سنڌ جو يار ڪيڏارو ڳايو.

**

## چوسٽا

سمونڊن کي اڪرڻ تہ سولو آ پيارا،
مگر سڪ جي ساگر کي اڪرڻ ڏکيو آ.
پني تي ڪرڻ نقش آسان آهي،
مگر دل جي تختيءَ تي اڪرڻ ڏکيو آ.

*

ڪٿي شان ڪنهنجو وڌائي ٿو پئسو،
ڪٿي مانُ ڪنهنجو وڃائي ٿو پئسو،
تو پئسو پراون کي پنهنجو بنائي،
ڪٿي دوست يائر پلائي ٿو پئسو.

*

موت کي ماري وڃهين بس پو مڃانءِ،
ڏاڍ کي ڏاري وڃهين بس پو مڃانءِ،
تيز طوفانن ۾ ڪاري رات ۾،
لاٽ ڪا ٻاري وڃهين بس پو مڃانءِ.

*

سنائي، گدائي ۽ ساميءَ جي ٻولي،
بخاري، ڀٽائي ۽ حاميءَ جي ٻولي،
خدايا سلامت هي رک تا قيامت،
”رشيدڻ“ چئي راشد ۽ جاميءَ جي ٻولي.

*





## وائي

هاري ۽ مزدور، او مزدور!
ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

ماڻ منجهان ئي ملندا آهن،ساڃن سائين سُورَ.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

ڪونڌر ڪُوپا ڪسجي ويئڙا،ڪيئي ٿيا معذور.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

ڌرتي هن تي ڏاريا ڪن پيا،ڪيڏا ڪيس ڪلور.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

اُٿ اٿي اڄ لاٽ ڪا ٻاريون،منجهہ انڌاري گھُور.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

توکي مونکي راهہ ڏيکاري،شينهن ڪراڙي جهور.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

ڏاڍ جو ڏونگر ڏاري وڃهہ تون،ساڃن ساڻ چنجور.
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

”رشيد چانڊيا“ ناهن ڊڄندا، سوليءَ ڪان منصور،
او مزدور! ساڃهر ڪر ڪا يار سڄاڳي.

# پريتم قاضي



**پريتم قاضي** جو بنيادي تعلق قاضي خاندان سان آهي سندس والد قاضي خضر حيات (عبدالحئي) جيڪو ادب جي دنيا جو سگهارو نانءُ آهي. سندس چاچو قاضي مقصود گل هر دل عزيز شخصيت سان گڏو گڏ سنڌي ادب ۾ تمام وسيع سڃاڻپ رکي ٿو.سندس ڏاڏو قاضي عبدالحئي(قائل) پڻ ناميارو اديب ٿي گذريو.

پريتم قاضي جو جنم 18 ڊسمبر 1974ع تي نئون ديرو لاڙڪاڻو ۾ ٿيو ۽ ڇٽيءَ جو نانءُ سڪندر آفتاب خضر قاضي آهي. هو ايجوڪيشن ۾ بي_سول سيڪنڊ ڪلاس، ماسٽر ان فائن آرٽس ۽ بي ايڊ آهي. هن لکڻ جي شروعات 1988ع کان ڪئي سندس لکڻي نثر توڙي نظم ۾ سٺي سڃاڻپ رکي ٿي، شاعري کان علاوه نثر ۾ مضمون، ڪالم ۽





ڪهاڻيون بہ لکندو رهي ٿو. مگر ادبي سڃاڻپ شاعري اٿس. پريتم قاضي شاعري جي تمام صنفن تي لکندو رهي ٿو پر غزل جو گهاڙيتو هن لاءِ سولو ۽ سهڻو خيالن جو اظهار آهي. هن نثر توڙي نظم ۾ چار ڪتاب لکيا آهن جن مان هڪڙو شاعري جو ڪتاب ”احساسن جا عڪس“ ڇپجي چڪو آهي ۽ گڏيل شاعرن جي ترتيب ڏنل ڪتاب (مون ذات انوکي آندي آ ) ۾ بہ شاعري ڇپجي چڪي اٿس. ان کان علاوه عبدالحڪيم ارشد جي شاعري جا ٻہ ڪتاب ترتيب ڏنا اٿائين، جن مان هڪڙو ”آچپي جي گيت جهڙي شاعري “ 2011ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو سندس ترتيب ڏنل ڪتاب ”ٽتل عڪس سونهن جا“ جيڪو پڻ ڇپائي هيٺ آهي.

پريتم قاضي تخليقي بنياد تي قاضي خضر حيات ۽ قاضي مقصود گل کان رهنمائي وٺي ٿو.ادبي سرگرمين ۾ هو سنڌ جي مختلف ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو ۽ سڪندر آرٽ گيلري جي نانءُ سان هڪ پليٽ فارم جو بنياد وڌو اٿائين. سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه جو مستقل ميمبر آهي، جڏهن تہ جوائنٽ سيڪريٽري ۽ خزانچي پڻ رهي چڪو آهي. سندس پسنديده ڪتاب شاهه جو رسالو ، ادبي شخصيت قاضي مقصود گل ۽ عبدالحڪيم ارشد ، سياسي طور تي ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو کي پسند ڪري ٿو.

پريتم قاضي جي مستقل رهائش نواب شاهه شهر ۾ آهي.

ائڊريس: سڪندر آرٽ گيلري هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه

03337753811

* * *

## غزل

زندگي زهر ڪان بہ وڌ ٿي ڪڙي آهي.
پوءِ بہ ماڪيءَ ڪان وڌ مٺي آهي.

هر روز درد سان دل شاد ڪيون ٿا ويٺا،
اسان وٽ تہ شامل خوشيءَ ۾ بہ غمي آهي.

هو جو دنيا ۾ درد ونڊي ٿو ويٺو،
ان پنهنجي اندر ۾ جهاتي بہ ڪڏهن وڌي آهي

ڇو آ بدنام زماني ۾ محبت جو وجود؟
حال الفت جو ڏسي دل ڏيئي مثل ٻري آهي.

پيار ”پريتم“ جي ايمان ۾ ئي شامل آ،
زندگي بي پيار شرمندگي آهي.

* *





## غزل

زهر هن زندگي جو آ پيئڻو پيو.
اسان کي مگر پوءِ بہ جيئڻو پيو.

وئي وقت ڪان اڳ جواني پرين،
ڏسي حال پنهنجا آ ڪلڻو پيو.

نہ بدليو زمانو نہ دستور آ،
ستم ڏاڍ جانبهہ ۾ پِسڻو پيو.

اتي لَپَ جي خاطر ٿا ماڻهو مرن،
اهو پڻ زمانو بہ ڏسڻو پيو.

ٻچو ڪو بہ منصف هتي ڪين آ،
عدل لاءِ نہ ڪيڏو آ رلڻو پيو.

اهو ديس جنهن ۾ رهون ٿا اسان
اتي پيي جکي آهي جيئڻو پيو.

مرڻ جت نہ سولو جيئڻ آهي ڏکيو،
آ هر هر جيئڻ لاءِ مرڻو پيو.

ڪپي ٿو ڪپي بس اڃا ٿو ڪپي،
رشوت سندو پيٽ ڀرڻو پيو.

رهيو ڪو نہ آ هت امن ۽ امان،
آ جيري لۓ ٻڪري ڪي ڪسڻو پيو.

اسان پاڻ پنهنجا ڇو ويري وڏا،
اسان سان اسان ڪي آ وڙهڻو پيو.

اچو پاڻ پنهنجو ڪريون احتساب،
گناهن جو ڪيتو آ ڪٽڻو پيو.

”پريتم“ وطن ۾ ورهايون وفا،
ڪيل قول پورو آ ڪرڻو پيو.

* *





## غزل

ڪري دل جون سڄڻ ڳالهيون اسان ڪان ڏور ويٺو آ.
مناسب ڪين آهي پر ڪري مجبور ويٺو آ.

انا جا سپ ڪٽي نشتر هٽي ٿو منهنجي سيني ۾،
ڏئي هن دل نماڻي ڪي ستم جا سور ويٺو آ.

سڄڻ سائين اچو مون وٽ تہ مان خوش ٿي نچان جھومان،
اها ئي آس آ دل جي ۽ من مجبور ويٺو آ.

ڪري ڪاٿو نہ سگھنداسي عجيبن جي عطائن جو،
اکين آڏو تہ ناهي پر نہ ئي ڪو ڏور ويٺو آ.

نہ آهيان مان سڄڻ سادو نہ ڪي آهيان مان سودائي،
مگر سڪ جي اڏيل سوريءَ تي من منصور ويٺو آ.

پُڇا آ پيار ۾ ڪھڙي ”پريتم“ هار يا ڪٽ جي،
اسان مجبور محبت ۾ سڄڻ مغرور ويٺو آ.

* *

## غزل

توسان دلڙي لائي ويٺس.
دل جو درد پرائي ويٺس.

نيڻن سان ملائي نيڻ،
پنهنجو هوش پلائي ويٺس.

درد پرين جا جهوليءَ ۾،
پاند ۾ پنهنجي پائي ويٺس.

اکڙيون هاءِ اداس چو آهن،
بي وس دل قرائي ويٺس.

تنهنجو جلوو نيڻ چمن ٿا،
روح کي رنگڙو لائي ويٺس.

پيار جي پوڄا آهي عبادت ،
سونهن اڳيان سر نائي ويٺس.

”پريتم“ کان جو دور رهي ٿو،
ان سان پريم وڌائي ويٺس.

* *





## وائي

خوابن سان نينهن لايان، سپنا اکين سجايان...!
کيڏو عجيب آهيان.

ڪوڙ ۽ فريب واري،طوفان تيز تر ۾..!
سچ جا ڏيئا جلايان.
کيڏو عجيب آهيان....!

چو سچ لڪي ويو آ،نظرن کان دور ٿيو آ،
ان کي ٿو آءُ ڳوليان.
کيڏو عجيب آهيان...!

سک جو پيامر هان،نفرت بجاءِ الفت،
وينو وفا ورهايان.
کيڏو عجيب آهيان...!

يادون عذاب ٿي ويون،سوچون سراب ٿي ويون،
رڻ ۾ ٿو پاڻ روليان.....!
کيڏو عجيب آهيان.

توکان پري رهي مان، ڏک درد سپ سهي مان،
”پريتم“ پيار پوڄان......!
کيڏو عجيب آهيان.

* *

## 'بازارِ حسن"

### نظم

هن چيو هيڪر تہ اچ،
پوءِ!!
ڪن پل ۾ ئي،
هوءَ هئي،
مدهوش ۾ دلفريب ادائن سان،
رنگين روپ ۾..!
مون چيو،
اي بي حيا !اي بي شرم !
ڪر انسانيت تي رحم !
آهن هتي،
مائون، ڏيئون،
پيٽيون،ونيون..!
۽،
تون بہ هڪ عورت آن،
رب جي،
خوبصورت،
خلقيل مورت آن !
ڪلندي چيائين،
ها !
مان بہ هڪ عورت هيس،
پاڪ سيرت،پوتر،ساوتري،
ڪنهن جي ڌيءَ،





ڪنهنجي پيڻ،
ڪنهن جي ونيءَ...!
تڏهن !
ڪاٿي هئين تون..؟
جڏهن منهنجي،
عصمت لُٽي وئي هئي،
ها تڏهن,,,,!
قدرت بہ رُني هئي..!!
جنهن ڪيو بي عزت مونکي،
تنهن پوءِ آندو هو هتي...!!
هو بہ هڪ مرد هو،
تون بہ هڪ مرد آن...!
هن تي چاهيو،
آءُ..!!
روئان، رڙان،
سڏڪان، مران..!
عزت،
پنهنجي ڪي وڪڻان,,,,,,!
چو تہ مان آهيان جتي،
سڏجي ٿو سو،
بازارِ حسن...!
واپس ورڻ جا رستا ناهن اُتي،
ڪيئن ڪو ايندو سک جتي..!؟
مجبور هان...!

لاچار هان..!
بيزار هان..!
ڪاڏي وڃان....!
ڪنهن کي چوان..!؟
تون ٿو ڏئين مونکي،
سڀ تهمتون،
سڀ لعنتون،
پر،
تنهنجو،
به کو ڏوهه نه آ،
توکي..!
آ کهڙي خبر !؟
آهين مرد تون به پر،
ايترو چئي وئي هلي،
تنهن ويل مون هو سوچيو،
هو به هڪ مرد هو،
جنهن هن کي هو لٽيو...!
ڇا.!؟
مان به مرد هان.!!
وِڌس ٿي جنهن.
سڀ تهمتون،
سڀ لعنتون،
هوءَ...!
مسڪين نه لاچار هئي..!!





زندگيءَ کان بيزار هئي !!
ان کي،
ڇو ڏوهي چوان„!؟
ڏوهي نه آهي هو ڪٿو،
پڏان، تران،
تران پڏان،
مران،جيان،
جيئان،مران،
ڪاڏي وڃا،
ڪنهن کي چوان..!؟
ڇا لڪان ؟ ۽ ڇا چوان،
ٿو ! ڏکي هاٽي قلم،
خون ٿو منهنجو جلي !!
سوچ به ساٽي آٿي !
آ ٿڪو سارو جسم....!
ڪو به هت،
منهنجو نه آ.........!
ڪو به هت،
پنهنجو نه آ............1
جنهن سان،
سليان مان سور سڀ !
ڪنهن سان،
سليان مان سور سڀ...!!!

## تنهنجي ياد

### نظم

تنهنجي ياد ستائي چو ٿي؟
منهنجي دل تڙپائي چو ٿي؟
توکان ڏور وڃڻ جو سائين،
هر هر چنگ وڄائي چو ٿي،
تو بن منهنجي ننڊ ڦٽائي،
خوابن سان الجهائي چو ٿي،
تنهنجون يادون دل جو مرهم،
پوءِ بہ چين وڃائي چو ٿي!؟
تو بن هر پل زنده رهندس،
ورد اهو ورجائي چو ٿي؟
منهنجا دلبر منهنجا سائين،
دل ۾ آگ لڳائي چو ٿي!؟
آءُ اڪيلو رڻ جو راهي،
رُڃ ۾ راه وڃائي چو ٿي؟
تنهائي ۾ تڙپان ٿو مان،
دل جي تند تپائي چو ٿي؟
توسان اٽُٽ ناتو منهنجو،
”پريتم“ پوءِ بہ ستائي چو ٿي؟
* *





### بيت

واڳون هٿ واڳون، پنهنجي دلبر ديس جون،
جاڳ پرين جاڳون، نہ تہ هٽبا هٿڙا.

روز نهاريان راھ، پنهنجي راٽل ڪاڻ،
چو پين جي ڪيڏان ڪاڻ، تون آن راٽو روح جو.

هيڪل وياڪل راتڙيون، تو بن گهاريون مون،
مون ۾ آهين تون، ڏور بہ گهارج ڏينهڙا.

تنهنجي سار سڄڻ، جهوري وڌو جيءُ،
پرين پنهنجو ٿيءُ، تہ جاليان هن جهان ۾.

دل جي هر ڪنڊ، واسي تنهنجو واس،
اکين منجھ اُڪنڊ، پرين تنهنجي پيار جي.

راٽا تنهنجي راھ، ڏسن منهنجا نيڻ،
هر هڪ واءُ ڪڙڪي تيستون ڪاڏيون ساھ ُ ،
مونکي پيار پناھ، ڏي تہ ٺرن ڏينهڙا.

منهنجي سڪ سرير ۾، رکين جي هيڪار،
تہ وهواھ ٿي وٽڪار ۾، مرڪن مينگھ ملهار،
تون سهٽي مان ميهار، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

توريءَ جاني جيءُ، ءِ جيون رُت اداس،
تنهنجي راھ نهار ۾، منهنجا نيڻ نراس،
اٿئي ڪو احساس، پرين منهنجي پيار جو.
* *

# عمر دراز



لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو ۽ ادبي مرڪز آهي، سنڌي ادبي سنگت جي سرگرمين سميت مختلف تنظيمن ۽ ادارن جي ادبي سرگرمين جي نتيجي ۾ نوجوانن جي لکڻين ۾ پختگي ۽ واڌارو اچي ٿو، اهڙي ماحول ۾ جنم وٺندڙ نوجوان شاعر **عمر دراز** پڻ اسرندڙ شاعرن ۾ شامل آهي. هو پنهنجي هم عمر شاعر دوستن ۾ غزل گو شاعر جو ڏيک ڏئي ٿو. 1 جنوري 1979ع تي حاجي ارباب علي سومرو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ عمر دراز کي ڇٺيءَ جو نانءُ علي گل ڏنو ويو. محمد انور، محمد پناهہ ۽ لال بخش چانڊيو جهڙن استادن جي رهنمائي هيٺ هو پرائمري کان بي_ڪام جي ڊگري تائين پهتو.

عمر دراز پنهنجي ذاتي زندگي ۾ خوش طبع، سادگي پسند ۽ مستقل مزاج ماڻهو آهي. هن لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪئي. شاعري جي مختلف صنفن تي لکڻ جو ڏانءُ خوبصورت اٿس، مگر پسنديده شاعري جي صنف غزل ٻڌائي ٿو. سندس شاعري ۾ وزن بحر جي پختگي سان گڏ خيالن جو اظهار پڻ سگهارو آهي. هن شاعري جا چار ڪتاب لکيا آهن، جيڪي اڻڇپيل صورت ۾ موجود اٿس. هو پسنديده شاعرن ۾ استاد بخاري ۽ ع.غ تبسم ٻڌائي ٿو. ڪِرت ۾ سندس ذاتي ڪاروبار آهي. عمر دراز هن وقت لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو.

ائڊريس: پبلڪ هيلٿ آفيس، ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو.
موبائل: 03003431415





## غزل

وَري وَري تہ وڪرجي لُڇي لُڇي لوڙيو،
ذرو ذرو تہ ڳنڍي پاڻ کي اٿم جوڙيو.

نہ ساهہ ساهہ ۾ ماپي اڃُي اميد مئي،
قسم پيرم ۽ تو دل کي ٽڪر ڪري ٽوڙيو.

جفا جفا ۽ جبر ۾ ڪٿر ڇڏي ڪهڙي،
جسم جگر تہ ٺهيو روح کي بہ تو روڙيو.

نہ پاڻ لاءِ انهن جو اندر ٺريل آهي،
حقيقي سچ ڇوڙ سان منهن گهٽن موڙيو.

لُڇيم تہ خير خواهہ ٿيا اچي اهي ئي جن،
ڇڏيو طوفان ۾ تنها ۽ ٻوڏ ۾ ٻوڙيو.

عليل حال المناڪ هن وڇوڙي ۾،
ڇپي ڇپي تي اوهانکي ”دراز“ دل ووڙيو.
* *

## غزل

ڪتي قرار ڪرڻ لئه وٺان مزو ڪوئي.
ڪتي ملي تہ خريدي اچان مزو ڪوئي.

ڪجي تہ ڪيئن ڪجي ڪو اگر ڪجي پيدا،
ڏيو صلاح تہ پيدا ڪيان مزو ڪوئي.

تمام ڏيهہ ۾ هر ڪو تتل قتل آهي،
اداس حال ۾ ڪنهن ڪان گهران مزو ڪوئي.

عذاب درد اداسيون پري پري تائين،
خوشي نہ چين ڪتي تو ڏسان مزو ڪوئي.

سکيو نہ جي تہ سچو هي جهان يار ڏکيو،
نہ پاڻ وٺ، نہ مليو پي وٺان مزو ڪوئي.

"دراز" جي نہ لکيل بخت ۾ سکون الا!
لتيان تہ ڪيئن پلا وقت ڪان مزو ڪوئي.

* *





## غزل

رونقون روشنيون نہ ٿيون گهرجن.
هاڻ زنده دليون نہ ٿيون گهرجن.

جنهن ۾ هر دم تنگيون تباهيون سي،
دوستيون دشمنيون نہ ٿيون گهرجن.

سونهن تسڪين روح بن مون کي،
دلبريون دلڪشيون نہ ٿيون گهرجن.

چنڊ اڄ آسمان تي اڇ نہ تہ،
ڪهڪشائون ڪتيون نہ ٿيون گهرجن.

بي وجه بي تڪيون ۽ بي وقتيون،
هي گهڙيون اڻ گهڙيون نہ ٿيون گهرجن.

هاڻ سامان يادگيرين جو،
ساٿ ڏي سوڪڙيون نہ ٿيون گهرجن.

هيل دل جي "دراز" واديءَ تي،
ويل وڌنڌڙ وليون نٿيون گهرجن.

* *

## غزل

اڄ رُتل نيت سيڻ سرچايا.
نينهڙي ساڻ نيڻ پرچايا.

تنگ ٿي ڏنگ رنگ چنگ چڏيم،
سنگ ٿي انگ گرمايا.

آٿتن جون سدا ڪري آسون،
تڙپندا ساهه پاڻ ترسايا.

شوق واري نظر پوڻ سان ئي،
شان سان ڪي شباب شرمايا.

سونهن هر ساٿ ساڻ سپنا ڏي،
عشق جا چڻ سڪار سرمايا.

ڪو به اهڙو ڪجي تہ جيئڻ چون،
واهه ڙي واهه سنڌ جا ڄايا.

دوست رب کي چيو دعا گهرندي،
ڏي نہ مفلس ”دراز“ ڪي مايا.
**





## غزل

ٻيٺي ٻيٺي يار پرجي ٿو وڃان.
ويٺي ويٺي هاڻ ونجي ٿو وڃان.

غور پيي کهڙو کيان غم جو غنڊو،
جي کنپيي ٿو آنءُ کنپجي ٿو وڃان.

هٿ وني جاڏي وني ٿي سڪ وڃي،
روئندو تنهن ساڻ رلجي ٿو وڃان.

ڪي ٽِڪاري ڏار ڪن ٿا ڏک هٽي،
ڪو گڏائي ٿو تہ گڏجي ٿو وڃان.

پوئتان جي پوءِ واريءَ ۾ ”دراز“
پوئتي مان پاڻ رهجي ٿو وڃان.

**

## غزل

ديد دل ساهه هڪ دريچي ۾.
ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيو نتيجي ۾.

بي ڪرامت هئي مسيحائي،
ڪوڪلائي هئي مسيحي ۾.

شڪ لُٽيو شوق جي جزيري کي،
غم وڌو ذوق جي ذخيري ۾،

نينهن نوحي ۾ هو پريل ڏاڍو،
هڪ قيامت هئي قصيدي ۾.

هر طرح دور پيو بدلجي ٿو،
هر طرح طور ۽ طريقي ۾.

وقت ڪان اڳ ڪڏهن نہ ملنداسين،
ڪنهن سوال آ ڪيو سنيهي ۾.

دل ڍنڍورن "دراز" ڍنگهرن تي،
زندگي ٿي پسي پسيني ۾.
* *





## غزل

رات کي هن ڏينهن جي تيلي لڳي.
نِت نڪوري رُت ۾ تبديلي لڳي.

هر صبح بيباڪ ٿي اکلي وجي،
ويڙهبي هر شام شرميلي لڳي.

لفظ اهڙا چڻ لڪڻ جهڙا لڳا،
گفتگو پڻ سخت پٿريلي لڳي.

باهه جهڙي ٿي پوي ٿي پر ڪڏهن،
چنڊ جي چانڊاڻ برفيلي لڳي.

شاعري تنهنجي بہ تو وانگي "دراز"
رمز واري هاڻ رنگيلي لڳي.
* *

## غزل

يادگيرين سان رکي ياري اٿم
دل سکل کا چڻ ٽتل ٿاري اٿم.

وارياسي زندگي ٻٽجي وئي،
دل ٻہ چڻ پنهنجي تسي واري اٿم.

دل ڪپي ڪوري ڪڍي اُڇلي ڇڏيان،
تنهن ۾ پر ناري رهي پياري اٿم.

بي حقيقت خواب پويان خواهمخواهہ
هر خوشي پنهنجي ڪري ڪاري اٿم.

تيل حُب جو صبر جو صابڻ هٽي،
سک اکين پاٽي سان وهنجاري اٿم.

ڪاڪ جون ناريون ضدي راٽي اڳيان،
وس وٽائڻ لئہ جتن جاري اٿم.

سونهن ريجهائي رجهائي رمز سان،
اڪ ٿنپي ٿاري ڪڏهن ٻاري اٿم.

هر خوشي، خواهش چري دل جي ”دراز“
يار جيئاري ڪڏهن ماري اٿم.
**





## غزل

هئہ عمر پر واقعا ٿيندا رهيا.
ير اسان سان سانحا ٿيندا رهيا.

پروَسن جي پاڪرن ۾ دل رهي،
پوءِ ٻہ دل ڪي وسوسا ٿيندا رهيا.

پاڻ کي پختو تہ سمجهن ٿا مگر،
وچ ڪچهريءَ ۾ ڪچا ٿيندا رهيا.

ضد نہ ڪر هن عشق جي زد ۾ اچي،
ڪيترا ارڏا سِڏا ٿيندا رهيا.

بادشاهي بي وفائي جي ڇڏي،
بي وفا مان با وفا ٿيندا رهيا.

پيار جا او يار پيروڪار ڪي،
نفرتن تي پڻ فدا ٿيندا رهيا.

هن تہ زخمي زندگيءَ تي اي ”دراز“
عڪس تو وارا پَ ها ٿيندا رهيا.
**

## غزل

ڀڪندڙ ڪي ڀُڪيون نٿيون وسن.
سونهن واريون سڪيون نٿيون وسن.

ڪامڻيون جلپريون حسينائون،
پوپريون پدمڻيون نٿيون وسن.

جن نهارن ڏنو جياپو تي،
سي هيون دل گهريون نٿيون وسن.

چاهه ڪي تي هتي ملي جن سان،
سي سنهيون ڇنڊڙيون نٿيون وسن.

باغ دل ۾ گهڙي سوا ويهي،
جي ويون بلبليون نٿيون وسن.

ڳوٺ ۾ پينگهه تي سنجها ويلي،
لاڏليون ڪي لُڏيون نٿيون وسن.

ساٿ مشڪل ۾ ڪن ڏنو نہ وري،
ڪن ڏنيون ٿي پُٺيون نہ ٿيون وسن.

آس پرچاءُ جي ڪري مون ڪان،
دادليون ڪي رُنيون نٿيون وسن.

پيار پاڀوهہ جون ”دراز“ ڪٿي،
آنءُ پوليون ڍڪيون نٿيون وسن.

**





## غزل

ملي هڪ حياتي اڌوري اڌاري.
سڪي آس ۾ سا بہ لڇندي گذاري.

وساري ڇڏيَو ايئن خط ۾ چيائين،
تہ پنهنجن هئي جيئڻ سسئي وساري.

وڏي دل اندر سڪ سموئي رکي آ،
تڏهن نيڻ آلا ۽ ڳاڙها غباري.

رکي شوق دل منجهہ هلندا رهياسين،
ڏني سونهن جاتي اُتي دل اتاري.

پٿر دل اسان ۽ پٿر دل صنم پڻ،
پٿر دل ملي اڄ پٿر دل پگهاري.

سمورا سُخن ساز مُحسن اسان جا،
مسيحا ڀٽيا شاهہ، تبسم، بخاري.

ڪڏهن جا پٽي پريت واري پڙهيم،
عمر پر ”دراز“ آ اهائي اچاري.

**

## غزل

لڙي دل اسان جي لتاڙي وئي.
سچو جيءُ جيون اجاڙي وئي.

گلابي خوشيون ٿيون ڦڪيون روح جون،
مزا ڪِرِمچي سڀ لڪاڙي وئي.

اميدن ۽ سپنن کي تيلي ڏئي،
سُکن ساڻ ساوا بہ ساڙي وئي.

ڪلي ڪيچلي ٿي چري چِبَ ڪيِي،
وچڻ ساڻ ڳوڙها بہ ڳاڙي وئي.

اِڪايا سدا لوڪ ۾ پاڻ ڪان،
اهي راز پنهنجا اگهاڙي وئي.

بندو يار باندو چوي ٿو ”دراز“،
تہ ويسور ويڏن ۾ واڙي وئي.
* *





## غزل

دل جو ٽورو ٽرٽلو ٿمجي ويو.
چڻ وڏو ڪو زلزلو ٿمجي ويو.

ٽڙڪندي اڄ ٽيڙ ڪائيندي ٽڪيم،
حِرص ٿيندي حوصلو ٿمجي ويو.

ٺاهہ ٺاهي ٺاهہ جا ٺهندي ٺريم،
ويل جو وو ولولو ٿمجي ويو.

چُپ ڪٽي ڳالهيون ڪندي روئندي ڪٽي،
مرڪندي ڪو مسئلو ٿمجي ويو.

جو هجومن هُل هنگامن سان هَليو،
سو هجر ۾ هيڪلو ٿمجي ويو.

اُت اسان جي لوچ لاهوتڻ ٻٽي،
جت اسان جو قافلو ٿمجي ويو.

ديد واري برف پوندي ئي ”دراز“
سوز وارو سلسلو ٿمجي ويو.
* *

# منٺل سولنگي



پورو نالو : محمد منٺل
پيءُ جو نالو : محمد يوسف سولنگي
ادبي نالو : منٺل سولنگي
ادبي سڃاڻپ: شاعر
جنم تاريخ : 11 جون 1977 ع
تعليم : بي_ايس_سي
لکڻ جي شروعات : 1995 ع کان
ادبي صنفون: نثر توڙي نظم
ڇپيل ڪتاب : ڪو بہ نہ
اڻڇپيل : ٽن ڪتابن جو مواد
پسنديده شاعري جي صنف : غزل ۽ وائي
پسنديده شاعر : شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ ۽ شيخ اياز
پسنديده شخصيت : سوڀو گيانچنداڻي
موسم : پن ڇڻ جي
ڏينهن : ڇنڇر
مستقل رهائش : لاڙڪاڻو شهر
ائڊريس : پاڪ مسلم ميڊيڪل اسٽور لاڙڪاڻو
موبائل : 03443908381





## غزل

هُن جي گهٽيءَ ۾ جهومن ٿا.
نيڻ خوشيءَ ۾ جهومن ٿا.

ڪنهن نہ چمن جا آهن هو،
گل جي سڳيءَ ۾ جهومن ٿا.

ناهي رهي هوءَ هن جا پر،
عڪس دريءَ ۾ جهومن ٿا.

رند محبت پيالو پي،
بودَ مڳيءَ ۾ جهومن ٿا.

"موهن" سان پيا آهن ڪير؟
سنڌ نديءَ ۾ جهومن ٿا.

هُن جي هٿن جي ناهيل آ،
رنگ رلهيءَ ۾ جهومن ٿا.

* *

## غزل

ٿورڙيون ڪي وفائون ڪري.
ڏير ويا هن جفائون ڪري.

پئي سمهي هوءَ آرام ۾،
دل سچي سان دغائون ڪري.

کهڙو مون سان پلا ناتو اٿس،
جو هوا پئي دعائون ڪري.

ڪين هن کي مليو ڪو پتو،
پئي ٿڪي آ پڇائون ڪري.

ڪو مسيحا ملي شل "مٽل"
جيڪو دل سان دوائون ڪري.

* *





## غزل

چوي ٿي دل چري، ايندا.
وري پيارا وري ايندا.

ڏسي وٺندس سندن چهرو،
هو اونده ۾ پري ايندا.

سچي چاهت اٿن دل ۾،
سمونڊن ۾ تري ايندا.

مون سان رشتو پراڻو اٿن،
هو مونڏي ئي ڦِري ايندا.

"مٽل" وٺندس سکن واري،
ڪٽي مون ڏي پري ايندا.

* *

## غزل

هوءَ وئي اڄ مري هميشہ لئہ.
ٿي وئي دل چري هميشہ لئہ.

خواب ۾ رات هن چيو آهي،
اڄ رهون گڏ وري هميشہ لئہ.

ذهن جي سمنڊ ۾ ڪٿي ٻڏندي،
ياد رهندي تري هميشہ لئہ.

اڄ وڃان ٿي پري اڪيون ٻوٽي،
ڪنهن اجازت گهري هميشہ لئہ.

ڪين هاڻي ڪڏهن ڪلي سگهندي،
زندگي پئي جُهري هميشہ لئہ.

ڪير ميڙي اڇي حياتيءَ کي،
هي وئي آ ٻُري هميشہ لئہ.

هاڻ ٿيندو ”متل“ ڪٿي درشن،
بند آ در دري هميشہ لئہ.
* *





## غزل

رات جو چهرو ڍڪيل ڪونهي هتي،
ڪو بہ اوندھ کان بچيل ڪونهي هتي.

ڪيئن سگهندين تون سجاڻي ڪوڙ کي،
ڪو ٽپو ڪنهن تي لڳل ڪونهي هتي،

جڻ پرائي ديس ۾ پيو ٿو رهان،
جڻ تہ منهنجو ڪو ڏتل ڪونهي هتي.

نفرتن ئي نفرتن جو ميڙ آ،
پيار جو ميلو متل ڪونهي هتي.

راھ تنهنجي ڪالھ جو ڏسندو هيو.
سو رهيو تنهنجو ”متل“ ڪونهي هتي.
* *

## غزل

جيت تنهنجي ۾ هار منهنجي آ.
تو لڌي ڪٿ سنڀار منهنجي آ.

ڪو خوشي جو نه گل ٽڙيو آهي،
دل اُجاڙي بهار منهنجي آ.

پنهنجو آهين نه تون پرايو آن،
تو تي ڪهڙي ميار منهنجي آ،

هاڻ ڪهڙو چوانس ڏار ٿئي،
غم ۾ آئي جمار منهنجي آ.

ان سان رشتو نه ڪو "مثل" هوندو،
جنهن کي هر هر پچار منهنجي آ.

* *





## غزل

ماڻهو ڪوئي جڻ بيٺو آ.
راهه ۾ هڪڙو وڻ بيٺو آ.

آڏو جواني مرڪي ٿي پئي،
۽ پويان نندپڻ بيٺو آ.

آٿت جهڙو فرحت جهڙو،
منهنجي سامهون سڄڻ بيٺو آ.

چنڊ "مثل" هلندو ئي وڃي ٿو.
تاڏي برپٽ رڻ بيٺو آ.

* *

## غزل

اونداهہ ۾ پرندو ڪر.
هر راهہ ۾ پرندو ڪر.

ٿي ڏيئو اميدن جو،
ويساهہ ۾ پرندو ڪر.

اي دردا! پلي دل جي،
درگاهہ ۾ پرندو ڪر.

ڪو چٽڻگ مان شعلو ٿي،
اتساهہ ۾ پرندو ڪر.

جذبن جي ڪٽي بجلي،
هي ساهہ ۾ پرندو ڪر.

جو چاهہ جيون کي بخشي،
ان چاهہ ۾ پرندو ڪر.
* *





## غزل

ٻوڏ آئي ٻُڏي ويا آهيون.
اي ٻڏائي! ٻُڏي ويا آهيون.

ارڪو ترڪو ٻُڏو، بچيو ناهي،
پيسو پائي ٻُڏي ويا آهيون.

وقت جي حاڪمن جي آ ’سنڌ‘ تي،
هيءَ ٻلائي ٻُڏي ويا آهيون.

حال ڪهڙا ٻڇي رهيو آهين،
حال ٻائي! ٻُڏي ويا آهيون.

ڳھاوَ تنهنجا ڏسون يا پنهنجا اڄ،
چوٽ ڪائي ٻُڏي ويا آهيون.

سنڌ واسي هزارين وهمن ۾،
ڪيترائي ٻُڏي ويا آهيون.

آ اسان جي ’مٿل‘ سنڌو درياءَ،
دل رنجائي ٻُڏي ويا آهيون.
* *

## غزل

توکي هٿ ڏنُ اچي ويو آهي.
مون کي هٿ ٻنُ اچي ويو آهي.

ڏار مون ڪان رهڻ جو توکي پيي،
يار ڪو فنُ اچي ويو آهي.

منهنجي گهر ڪٽو پيي ڪونهي ڪو،
تنهنجي گهر انُ اچي ويو آهي.

پيون رهيون ڪيچ جون ڪيئي ناريون،
توتي ڪيئن منُ اچي ويو آهي.

ڪڏهن ته ٻاهر "مثل" عذابن ۾،
پنهنجو جيون اچي ويو آهي.
**





## غزل

توکي دل ۾ لهي تلاشڻو آهي.
ننڊ آرام کي وسارڻو آهي.

تنهنجي خوابن جي روشني اکين ۾ رکي،
پنهنجو اڳتي سفر وڌائڻو آهي.

تنهنجون ڳالهيون سدا آ ڳائيندو،
منهنجو هي روح تنهنجو ڳائڻو آهي.

تنهنجي محبت جي ڇانَوجي ضرورت آ،
توسان جيون ڪٽي گذارڻو آهي.

رنگ سنسار جا ڏسي متان ڀُلجو
وقت سان پاڻ کي سنڀالڻو آهي.

مون 'مثل" نفرتون ڪڍي ڇڏيون دل مان،
پيار جو انقلاب آڻڻو آهي.
**

## غزل

منهنجا سپنا ننڊ نتا ڪن.
دل جا جذبا ننڊ نتا ڪن.

تنهنجا پير جتان گذريا هن،
سي سپ رستا ننڊ نتا ڪن.

جاڳن ٿا پيا منهنجي من ۾،
تنهنجا گفتا ننڊ نتا ڪن.

جن ۾ تنهنجي ياد هري ٿي،
سي سپ لمحا ننڊ نتا ڪن.

دل جا اڌما دل ئي دل ۾،
ڪائن پڙڪا ننڊ نتا ڪن.

* *





## غزل

جتي ڏسندي سجاڳيندي.
ڏُکي ملندي سجاڳيندي.

حياتي جي سفر ۾ گڏ،
سدا رهندي سجاڳيندي.

گلابن جي ڪٽي خوشبوءِ،
هوا گهُلندي سجاڳيندي.

حياتيءَ ۾ بهارن جي،
پرهه ڦٽندي سجاڳيندي.

دنيا وارن جو مون تي هوءِ،
نہ ڪک سهندي سجاڳيندي.

”متل“ هوءَ ڳوٺ جي هر هڪ،
گهٽي گهُمندي سجاڳيندي.

* *

# شيخ نديم



**شيخ نديم** 7 فيبروري 1984ع تي حاجي عبدالستار شيخ جي گهر ۾ پيدا ٿيو، سندس چڻيءَ جو نالو نديم حسين رکيو ويو. تعليمي قابليت بي_ايس_سي اٿس. پرائمري کان وٺي سڀ ڊگريون لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. شيخ نديم شاعري جي سفر جي شروعات 1997ع کان ڪئي. سڀ کان پهريون شعر هن چوسٽي جي روپ ۾ لکيو. ماهوار هالار ڊائجسٽ ۾ ڇپجڻ جي شروعات ڪندي هو سنڌي مختلف مئگزينن ۾ ڇپجندو رهيو. جن ۾ ماهوار ادب، ماهوار مومل، پندرنهن روز عبرت مئگزين، سنڌو مئگزين، ماهوار پرک ۽ ماهوار نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ شامل آهن. هو غزل گيت وائي چوسٽو ۽ پين شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو، مگر پسنديده شاعري جي صنف غزل اٿس. هو مسلسل تخليقي پورهيو ڪندي شاعري جا ٻه ڪتاب لکي چڪو آهي، جيڪي اڻڇپيل صورت ۾ آهن. سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻو سان مستقل وابستگي رکندي هر ګڏجاڻي توڙي مشاعري ۾ اکثر شرڪت ڪندو رهي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ پنهنجن هم عمر نوجوان شاعرن کان مٿڀرو آهي.

هو پسنديده ادبي شخصيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز ڀڏائي ٿو. پسنديده موسم سيارو ۽ ڏينهن جمع اٿس. شيخ نديم مستقل طور تي لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو. ائڊريس: خدا آباد محلا انور ڪالوني لاڙڪاڻو.

موبائل: 03463399983





## غزل

ڳڏ رهڻ جون حسرتون رهجي ويون،
سڀ ملڻ جون حسرتون رهجي ويون.

پيار جي جيڪا ڇَڪي پوکي هئي،
وڻ ٽيڻ جون حسرتون رهجي ويون.

هو ڇڏي هُن پار جو آهي ويو،
خط لکڻ جون حسرتون رهجي ويون.

هن ڪنيون ڪجليون اکيون مون ڏي هيون،
اک ڇنڀڻ جون حسرتون رهجي ويون.

منهنجو لڙڪن ماک سان ڇهرو پنل،
ڏس کلڻ جون حسرتون رهجي ويون.

درد جي درياءَ ۾ آهيان پڏل،
ڪُل ترڻ جون حسرتون رهجي ويون.

جيڪي واعدن جا جلاياسين ڏيئا،
سي ٻرڻ جون حسرتون رهجي ويون.

**

## غزل

چنڊ آهي ڪئي ڳوٺ تي چاندني،
ُشڪندي آ لٿي ڳوٺ تي چاندني.

رات پهري چڏيو چاندي جهڙو وڳو،
رقص ۾ آ رُڳي ڳوٺ تي چاندني.

هر خوشي تيئن آ دل جي واپس وري،
جيئن ڪئي واپسي ڳوٺ تي چاندني.

چنڊ وانگي پرين تون جو آئين هتي،
آ پکڙجي وئي ڳوٺ تي چاندني.

دل مان ڏڪڙا ويا سڀ ختم ٿي ”نديم“،
مرڪ مک تي هئي ڳوٺ تي چاندني.
**





## غزل

درد ۾ ايئن دل جُهريل روئي ڏنو،
چڻ مٿان ڪڪريءَ پيريل روئي ڏنو.

مسڪرايو جنهن پئي هر ڳالهہ تي،
تنهن وڇوڙي جي مهل روئي ڏنو.

پنکڙين تان پئي ڳڙيا شبنم ڦُڙا،
ايئن لڳو ٿي چڻ تہ گل روئي ڏنو.

ڇوڪريءَ هڪڙيءَ پٽيو ڪلندي مگر،
پاڙ کان ٽٽندي ڪنول روئي ڏنو.

ياد ماضي جون ڪري ڳالهيون وري،
ڪنهن مسافر اڄ ٿڪل روئي ڏنو.

راهہ جيون جي وئي آ خر ڪٽي،
زندگي جي پوئين پل روئي ڏنو
**.

## غزل

ڪتي چنڊ تارا دوا زندگيءَ جي،
نہ ٿيا هي نظارا دوا زندگيءَ جي.

ڪڏهن سمنڊ پيو ڪين حالي ٿيو آ،
نہ ئي ٿيا ڪنارا دوا زندگيءَ جي.

سدائين تہ سوغات ۾ عشق مون کي،
ڏنا ويس ڪارا دوا زندگيءَ جي.

اسان لهٔ پنهنجي دل جو دروازو کولي،
ڪندا ڪي اشارا دوا زندگيءَ جي.

هي رنگين پوپٽ ۽ گلڙن جي نگري،
نہ سمجهي گوارا دوا زندگيءَ جي.

ڪي جيون ۾ مرڪن جا ڏيئا جلائي،
ڪڏهن ٿيندا پيارا دوا زندگيءَ جي.

* *





## غزل

رات جي اوندهہ رهي ٿي سِر مٿان،
روشني جي ڪانہ پئي چادر مٿان.

هڪ تہ دردن آ ڪيو زخمي اندر،
پيو نٽولين جا لڳا پٿر مٿان.

هُن جي هٿڙن تي هئا ميندي جا گل،
يا هيو رنگ پوپٽن جي پر مٿان.

دوستي جا واسطا سارا ختم،
هن لکي ايئن موڪليو ڪاڳر مٿان.

اوت جنهن جي مان اشارا هُن ڪيا،
اڄ لڳل تالو هُيو تنهن در مٿان.

* *

## غزل

دل ڏيئڻ سان سڙي به ڪافي آ،
روشني ۾ رڙي به ڪافي آ.

تنهنجو اوسيئڙو صدين ڪان آ،
جي اچين هڪ گهڙي به ڪافي آ.

مان خوشين جو نه سمنڊ چاهيان ٿو،
يار هڪڙي ڦڙي به ڪافي آ.

منهنجي تڙپڻ تي تنهنجي چيڙن تي،
مرڪ آئي لڙي به ڪافي آ.

قيد مون ڪي ڪرڻ جي لئه سائين،
ساٿ جي هٿڪڙي به ڪافي آ.

سڏ نه هر هر "نديم" ويندڙ ڪي،
هن ڏنو جي مڙي به ڪافي آ.

* *





## غزل

ناهي ڪوئي به گهر هوا وانگي،
پيو ٿو گذري سفر هوا وانگي.

جو ڏسڻ لئه نگاه تڙپي ٿي،
سو نه آيو نظر هوا وانگي.

تو سوا دل جو گل آ ڪوماٽيل،
سار ڪيو آ قهر هوا وانگي.

منهنجي نيڻن مان ٿي وَسي بارش،
غم جو آيو ڪڪر هوا وانگي.

اپسرا هوءَ "نديم" وسري ڪيئن،
ياد جو آ امر هوا وانگي.

* *

## غزل

تو نظارن تي جو ڦيرائي نظر،
هي اچي ٿي شام سرمائي نظر.

شخص تنهن جي آ نہ ڪا معني رهي،
تو نہ جنهن تي آ رکي ڪائي نظر.

اڄ اها بنجر وئي ٻڻجي ڏسو،
ڪالھ جا آئي زمين سائي نظر.

ڄڻ تہ هو اونداھ ۾ روشن ڏيئو،
تنهنجي صورت ايئن هُئي آئي نظر.

ساڻ يادن قافلو هر پل "نديم"،
پوءِ اچي ڪيئن مونکي تنهائي نظر.

* *





## غزل

چنڊ اپ تي پري رهيو آهي،
سمنڊ ۾ شور ٿي رهيو آهي.

گل تي شبنم ڪري ڄڻ پيارا،
تنهنجو چهرو پِسي رهيو آهي.

ننڊ ۾ تنهنجي ئي خواب جو ڏيئو،
ڪيئن پري ۽ وسي رهيو آهي.

تو وڏان پيار جي مان منزل ڏي،
پر وڇوڙو وڏي رهيو آهي.

او صنم چيلھ تنهنجي سنهڙيءَ ڪي،
گل سڳيءَ جو ڇُهي رهيو آهي.

* *

## غزل

نہ آ ٿي يار چانڊوڪي،
اوهان جي سار چانڊوڪي.

سدا منهنجي حياتي ڪان،
رهي ٿي ڏار چانڊوڪي.

هٽايو وار چهري تان،
ڪيو چوڌار چانڊوڪي،

اجالا شهر تو جانان،
ڪِٿي هن پار چانڊوڪي.

جيئون ٿا پات ۾ هاٿي،
اچي ڪر پيار چانڊوڪي.
* *





## غزل

بي رنگ ٿيا جڙ چمن جا پوپٽ،
رڪيئي گلن تي هٿن جا پوپٽ.

ڪري ٿي خوابن ۾ دل بہ درشن،
جڏهن سمهن ٿا اکين جا پوپٽ.

اوهان جي چپڙن جي مئہ پيئڻ لئہ،
هي آتا منهنجي چپن جا پوپٽ.

پرين تون پهتين حيات گل تان،
اڏامي ويا سڀ غمن جا پوپٽ.

ائين رهن سانوري سجايل،
تنهنجي چنيءَ ۾ رنگن جا پوپٽ.

هوا سمورا ڇڏيا وسائي،
هياجي روشن ڏيئڻ جا پوپٽ.

سدا محبت جي وڻ تي ويٺل،
هجن هي مرڪن سکن جا پوپٽ.
* *

## غزل

وساريم گھٽو ئي مگر ياد آيو،
۽ وسريو ڪٿي همسفر ياد آيو.

چڏي ياد اهڙي ستمگر ويو آ،
نہ پلجي سگھيو هر پھر ياد آيو.

جڏهن گل تي شبنم چميو پنکڙين کي،
پرين جي ڳلن جو پگھر ياد آيو.

سکيءَ جي سڳي ۽ ڦُلي جو ڏني مون،
فکر ياد آيو بحر ياد آيو.

جڏهن پنهنجو پل پل انڌيرن ۾ گھاريم،
تہ جگنون جو مون کي نگر ياد آيو.

* *





## غزل

درد جو دونھون اُٿيو آ رات پر
باهہ ۾ جڻ ڪو سڙيو آ رات پر

جاڳ ۾ تصور هئي تصوير جا
ننڊ ۾ بہ سو ڏٺو آ رات پر

واءُ ۽ برسات ۾ ناهي وسيو
ياد جو ڏيئو پريو آ رات پر

نيڻ اوسيئڙي جي پاکر ۾ هئا
غم رهيو مون سان ڪٿو آ رات پر

ڪين ڪر تون چنڊ جو ڪو آسرو
ايئن ستارن جڻ چيو آ رات پر

پنهنجي سپرينءَ کي سوين سجدا ڪيا
ڪو عبادت ۾ رهيو آ رات پر

شاعري ڪاغذ ۽ يادون ڍير هو
ڪنهن چيو ؟ شاعر ستو آ رات پر

* *

# سرتاج پٽو



سرتاج پٽو 10 آڪٽوبر 1974ع تي شير محمد پٽو جي گهر ۾ ڄائو. سندس ڏاڏاڻڪو نالو 'خير محمد' آهي. هن پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم بنگل ديرو مان ۽ هائر سيڪنڊري رتوديرو مان حاصل ڪئي. سندس اسڪول جي استادن ۾ محمد هارون، امير بخش پٽو، عبدالرحمان ۽ منظور احمد شامل آهن. سرتاج پٽو جي ادبي سڃاڻپ شاعري آهي. هن 1990ع ۾ شاعري جي شروعات ڪندي پهريون غزل لکيو. سندس ادبي سفر ۾ رهنما قاضي مقصود گل آهي. هن شاعري جي مختلف صنفن تي لکڻ جا تجربا ڪيا آهن پر سندس پسنديده صنف غزل آهي. توڙي جو هر صنف ۾ لفظن جي چونڊ ۽ ترتيب سان سلهاڙڻ جو انداز خوبصورت اٿس. سرتاج وٽ هن مهل تائين شاعري جي ٽن ڪتابن جو مواد اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهي، هو وقت به وقت سنڌي مختلف اخبارن ۾ توڙي مئگزينن ۾ ڇپجندو رهي ٿو سندس ڇپيل پهرين تخليق غزل آهي. هو پسنديده ڪتاب "رت پنا رابيل" ۽ پسنديده ادبي شخصيت قاضي مقصود گل ٻڌائي ٿو. پسنديده موسم بهار، ڏينهن سومر ۽ لباس شلوار قميص اٿس. سرتاج پٽو هن وقت بنگل ديرو تعلقو رتوديرو ۾ رهائش پذير آهي.

ائڊريس: پوسٽ آفيس بنگل ديرو تعلقو رتوديرو
موبائل: 03353177510





## غزل

اڄ وهي نيڻن منجهان پيا نار هن،
ويا پري مون کان اکين جا تار هن.

ڪيئن ڪيان آهي اندر اجڙي ويو،
زندگي وڻ جا ٽٽي پيا تار هن.

آ هلي باقي رهيا هن دم ٻه ٽي،
موت پيي چوڌس وڇايا ڄار هن.

ساهه جو سهڪو وڌي ويو آ پرين،
ساهه ۾ هر پل چڀيا ڪي خار هن.

پيا پچن "سرتاج" جو روئين پيو،
مون ڇيو يارو برهه جا بار هن.

* *

## غزل

توسان جنهن ڏينهن دل لڳائي آ،
ننڊ نيڻن کي ڪو نہ آئي آ.

ڪوئي ڪونهي هتي جو سار لهي،
پنهنجي ويڙهي ۾ اوپرائي آ.

خون ان ۾ اٿئي منهنجي دل جو،
تو جا ميندي مٿي لڳائي آ.

تون جي ناهين تہ ڇا ڪبو جيون،
تو سوا زندگي اجائي آ.

هي جا ٿوري گهٽي تي پڙڪي پئي
عشق اهڙي دونهين دُکائي آ.

هي جو سڏڪا پري تو ”تاج“ سدا،
هي بہ تنهنجي پرين چڱائي آ.
* *





## گيت

بدنظر کان شل بچين اوڙهي رک منهن تي ردا،
چنڊ جي چانڊاڻ پيي تو مٿان آهي فدا.

آ اها ئي آرزو هر جنم تنهنجو ٿيان،
پيار تنهنجي جي پرين مان سدا پوڄا ڪيان،
جيءُ ۾ جايون ڏيان آءُ هلي هيڪر مٺا.

ڪوڪ ڪوئل جي پرين تو اڳيان جهيٽي لڳي،
لاٽ تنهنجي جي اڳيان بانسري هيٺي لڳي،
ڇا ڪري مان ڇا ڪيان سونهن تنهنجي جي ثنا.

نينهن تنهنجي جو نشو مون مٿان اهڙو چڙهيو،
وس وڏا ڪيا مون مگر روز هي وڌندو ويو،
نيڻ نيڻن سان مليا مون پيالايا مئڪدا.

ملڪ آهين سونهن جي سونهن تنهنجي ڪي ڇمان،
آبِ زم زم سان قلم ڌوئي ثنا تو مان لکان،
ٿي ويندي هر شيءِ فنا سونهن تنهنجي ڪي بقا.
* *

## گيت

هر ويل ورھ جو ماتم آ،
گھٽ ٿيو نہ ڪڏھن پيو ھي غم آ.
نبريو نہ اسان کان ڪو ڪم آ،
تنھنجون يادون روز رئارن ٿيون.

درد پري تقدير ڏئي ويو،
لُڙڪن جي جاگير ڏئي ويو،
يادن جي ھڪ ڏنڌلي ڏنڌلي،
پاڻ پرين تصوير ڏئي ويو،
ڪو ڪين مزو آ جيون ۾،
لڳي باھ وئي آ تن من ۾،
ھن دل جي اجڙيل گلشن ۾.

الفت جي اقرار تان صدقو،
محبت جي مھڪار تان صدقو،
دولت شھرت جوت جواني،
تنھنجي مٺي گفتار تان صدقو،
اڄ پيرين پري تون اچ جاني،
پو منھنجي ڏسجان مھماني،
ٿي تو ۾ ويو ھان مان فاني،
سر ساھ جي ڏيندس قرباني.





پيار ڪيو من گھايل آھي،
دلڙي ٿي پئي پاڳل آھي،
ماري ڇڏيندي ھن جي ڇم ڇم،
تو جا پاتي پايل آھي،
ورھ ڪيو آ وار پرين،
وسريو آ سينگار پرين،
ڏي جلدي تون ديدار پرين.

مطلب جو ھر رشتو آھي،
ڪو بہ نٿو ڪنھن ساڻ نڀائي،
آھي سچو ڪو پيار ڪٿي ڏس،
پيار ۾ جيڪو جان لُٽائي،
"سرتاج" سچو سنسار ڏنوسي،
ڪين ڪٿي ڪو پيار ڏنوسي،
پيار جو ڪاروبار ڏنوسي.

* *

## غزل

جيئڻ جي لئہ جِئين جاني پساهن جي ضرورت آ
تہ ِئين مونکي مٺا تنهنجي ئي چاهن جي ضرورت آ

اداسيون چوطرف ڇانئيون مٺا منهنجي حياتي ۾
ڪٿو ديدون، ڪيون عيدون،جمالن جي ضرورت آ.

وڇوڙا چو ڀلا ايڏا ٻَلن تي چو سدا ڳوڙها،
سڪي ٿو ساهہ سڪ وارن سلامن جي ضرورت آ.

اجالن منهن جڏهن ڦيريو انڌيرن جو وڏيو گهيرو
ڪٿو رُک تان پرين پردو اجالن جي ضرورت آ.

چميو تو ناڻءِ آ منهنجو پيو مهڪي جو انگ انگ آ،
چپن سان چپ اچي چمجن خُمارن جي ضرورت آ.

چمان چهرو سدا تنهنجو عمل اهڙو نہ ٿيندو پيو،
ڪيون ڇا لئہ قضا سو پل ثوابن جي ضرورت آ.
* *





## غزل

سدا سيج سُرهي رهي تنهنجي پياري،
گلابن جان مهڪين مٺي عمر ساري.

رسي ڪين توکان مٺي مرڪ منٺڙي،
اسان جنهنجي خاطر آهي جنگ هاري.

پنهنجو خون ٻاري توکي روشني ڏيان،
ڀلي ظلم واري هجي رات ڪاري.

ايئن پياسو آهي سدا ساهہ منهنجو،
جيئن پياسي هوندي آهي ٿر جي واري.

جلي ٿو پچي ٿو لُڇي ٿو سدائين،
تنهنجو "تاج" تو بن او منهنجي پياري.
* *

## گيت

پيار ڪان مٺي نہ ڪا خوشي،
پيار ئي تہ آهي زندگي.

جي ٿيان ٿو پيار ڪان پري،
باھ جان هي دل پئي ٻري،
رت ۾ رلي وئي آ عاشقي.

پيار ۾ وڏو آهي مزو،
پيار جو عجيب فلسفو،
پيار بن نہ گذري ڪا گهڙي.

عشق جي رچائي راند آ،
پيار ڪان پل نہ واند آ،
پيو چمان ٿو چپڙا شربتي.

جي ٿئي اشارو حسن جو،
لوڪ ٿي هي سارو حسن جو،
سونهن ئي تہ آهي بندگي.

عشق بن آ کهڙو آدمي،
پيار اڄ تہ آهي لازمي،
پيار ڪان نہ ڪر تون دل پڪي.
* *





## غزل

هاءِ هاءِ صنم هرجائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي،
پاڻ تہ پيار ۾ جان جلائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي.

دل ۾ هر پل ماتم آهي پيار جي لٽجڻ جو غم آهي،
ماري ٿي هر پل تنهائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي،

من جي رڻ ۾ پيار پکيئڙو، روئندو وتي ٿو تولئہ جيئڙو،
وات اٿم بس تنهنجي وائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي.

پيار جي بدلي پيار ڏبو آ ناتو ڪين ائين ڇنبو آ،
جيئڻ ڇني وئين تون هرجائي،توکي وفا پيي راس نہ آئي.

گهاءَ اندر جا روز ٿا سنجرن، پهر وفا جا ڪين ٿا وسرن،
کهڙي تو آ باھ لڳائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي.

”تاج“ پرين جي ياد اچي ٿي، تيز برھ جي باھ ٻري ٿي.
من ڦٽڪي ٿو چوٽ هي ڪائي، توکي وفا پيي راس نہ آئي.
* *

## غزل

حيوان ڪان بہ بدتر انسان ٿي پيو آ،
’مان‘ ’مان‘ ڪري ڏسو ھي شيطان ٿي پيو آ.

مومن سھي پيو صدما ھر پھر ھي دنيا جا،
ءِ چور پنھنجي پر ۾ پڳوان ٿي پيو آ.

زردار ساڻ ھرڪو رشتا پيو ٿو جوڙي،
پئسو ھتي سڀن جو ايمان ٿي پيو آ.

پنھنجن ڪان دور پنھنجا پئسو ڪري ڇڏي ٿو،
ھو آ غريب ءِ ھي سلطان ٿي پيو آ.

جنھن پاسي ٿو ڏسان مان لاشن جا ڍير آھن،
ھي ملڪ سارو جنگ جو ميدان ٿي پيو آ.

پئسو عجب تماشو پئيسي جو ڪيل سارو،
پئسو ھتي آ جنھن ڪي سو خان ٿي پيو آ.

فرمان مصطفيٰ ﷺ ڏي ڪوئي خيال ڪونھي،
توڙي جو لفظ ھر ھڪ قرآن ٿي پيو آ.

پاڻي جي بوند خاطر سنڌ جو سڪي ٿو سينو،
ھاري غريب ڪيڏو حيران ٿي پيو آ.

ڪنھن ڪي بہ آخرت جو ڪوئي خيال ڪونھي،
پئسي جي پويان ھرڪو ديوان ٿي پيو آ.

ھڪ ھٿ بغير پردي گھمندي وتي ٿي عورت،
ءِ پيو لباس سوڙھو ارمان ٿي پيو آ.

* *





## غزل

ٻاڙھو جوڙو ٻي نالي جو تنھنجي بدن تي ڪيئن ڏسان مان،
منھنجو دامن ڪنڊا ڪنڊا ڳوڙھا تنھنجا ڪيئن اگھان مان.

جيئن جو تنھنجي نرم ھٿن تي، ميندي رچائي تنھنجي سھيلين،
قيامت جھڙو منظر مون لئہ قيامت ڪان گھٽ ڪيئن لڪان مان.

اڄ بہ تہ منھنجي ساھن ۾ آ تنھنجي ھر ھڪ ساھ جي خوشبوءِ،
گڏجي ساھ ڪنياسين پھريان ھاڻي ھيڪل ڪيئن ڪٽان مان.

تنھنجي سونھن يا عشق ھي منھنجو دشمن بڻيو پنھنجو ھردم،
ڪيئن وياسين وڇڙي جانان ويٺي ويٺي روز لڇان مان.

”تاج“ تڏھن ئي روئان ٿو پيو، پيار اُتي ڪو ويو آ منھنجو،
روح سڄو رتڇاڻ ٿيو آ گھاوَ پلا سي ڪيئن پريان مان.

* *

## غزل

منهنجي اکڙين سمائي جا پرين تنهنجي سا صورت آ،
سوا تنهنجي مري ويندس مونکي تنهنجي ضرورت آ.

پڪاريندين آڏي ويندس ڏڪاريندين ڏُڏي ويندس،
مونکي من تنهنجي محبت کان مٿي ڪائي نہ دولت آ.

اداسيون چو اچي پهتيون جمالا دور ٿيندا ويا،
وئي رولي ويرانين ۾ مٺا تنهنجي محبت آ،

لڪايو جنهن کي اکڙين ۾ سدا ساري زماني کان،
جهڪايو سر اڳيان جنهن جي اها سنگدل جي صورت آ.

چرين جان چاهيو مون توکي لڳي سيني سان ڏس جاني،
لکيل ”سرتاج“ جي دل تي سڄڻ ساري وضاحت آ.





# بدر انصاري



**بدر انصاري** جي شاعريءَ ۾ عشقيہ انداز خوبصورت آهي، سندس شعرن ۾ وڇوڙن ميلاپن ۽ انتظارن جا عڪس چٽا نظر اچن ٿا تہ وري ڪٿي ميلاپ محبتون بہ سندس تخيل ۾ خوبصورتي سان سمايل آهن. هو پنهنجن دوستن جي هلڪي ۾ خوش طبع، باضمير ۽ محبتي ماڻهو آهي، سندس زندگيءَ ۾ سنجيدگي ۽ سادگي سمايل آهي.

28 جولاءِ 1973ع تي پنهنجو جنم ڏينهن ملهائيندڙ بدر انصاري، قمرالدين انصاري جي گهر انصاري محلا قمبر ۾ پيدا ٿيو. سندس ڏاڏاڻڪو نانءُ بدرالدين رکيو ويو. هو ايجوڪيشن ۾ ايم_اي ۽ ايم_ ايڊ آهي، هن وقت ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکندي پرائمري استاد طور ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو آهي. بدر انصاري لکڻ جي شروعات 2000ع کان ڪئي، سندس ادبي سڃاڻپ شاعري آهي. هو شاعري جي مڙني صنفن تي خيالن جو اظهار ڪري چڪو آهي، پر پسنديده صنف غزل ڀڏائي ٿو. هن مهل تائين شاعريءَ جي ٻن ڪتابن جيترو مواد اڻڇپيل صورت ۾ سهيڙيل اٿس. لاڙڪاڻي شهر جا ناميارا شاعر جواد جعفري ۽ شيخ فرازي سندس شاعريءَ ۾ رهنمائي ڪن ٿا.

بدر انصاري هن وقت مراد واهڻ لاڙڪاڻو ۾ رهي ٿو.

موبائل : 03312287210

## غزل

تتل چوڙين جي وفا ڪان ڇُپچي ڏس،
تون خاموش دل جي صدا ڪان پُڇي ڏس.

لڪائين ٿي ڳوڙها ڦڪي مُرڪ مُرڪي،
هٿن تي لڳايل حِنا ڪان پُڇي ڏس.

هي ويٺيءَ جو تنها ڪنگڻ منهنجو پُڇندئي،
ڇجي وئين ڇو پنهنجي جفا ڪان پڇي ڏس.

حصو مان بہ تنهنجي مٺا ماضي جو هان،
پلي پنهنجي جيون ڪٿا ڪان پُڇي ڏس.

”بدر“ آ مسافر وري موٽي ايندو،
اڱڻ واري خوشبو هوا ڪان پڇي ڏس.

* *





## غزل

سکي سانت ڪي آ سهارن جي ڳولا،
ها لڙڪن ڪي آهي بهارن جي ڳولا.

اڇي ڏس تون يادن جا تنها هي منظر،
آ نيڻن ڪي اڄ پيي نظارن جي ڳولا.

آ ٿڪجي پئي آس لهرن جي پويان،
آ ڪشتيءَ کي پوءِ پيي ڪنارن جي ڳولا.

سڄي رات مون ساڻ گڏجي رُلي ٿو.
”بدر“ چنڊ ڪي آ ستارن جي ڳولا.

* *

## غزل

مُرڪي نيڻ ملائيندي آ،
مون سان قُرب وڌائيندي آ.

خاموشين جا منظر ٽوڙي،
گيت وفا جا ڳائيندي آ.

صبح صبح جو منهنجي دڳ تي،
گلڙا روز وڇائيندي آ.

منهنجي سهٽي مون ڏي ايندي،
ڪو نہ ڪڏهن گهبرائيندي آ.

دروازي کان "بدر" ڏسڻ لئہ،
ليئا هر هر پائيندي آ.

* *





## غزل

نيڻ تنهنجا پنل اوپرو ٿا چَڻن،
ڳل تي ڳوڙها ڪريل اوپرو ٿا چون.

جِن اکين جي ڪري هر ستم آ سٺو،
تِن اکين جا ڪجل اوپرو ٿا چَڻن.

جنهن جو اونداهو جيون مون روشن ڪيو،
اَج اهي ئي انگل اوپرو ٿا چَڻن.

درد هِن ۾ "بدر" هوش گُم ٿي ويو،
هُن جا والا بڪل اوپرو ٿا چَڻن.

* *

## گيت

هڪ دفعو ئي سهي مُسڪرايو وري،
دل جي ويران رِڻ کي سجايو وري.

پنهنجي دل جي سچي اڄ ڪيان ٿو پرين،
تاسو تولئہ صدين ڪان رهان ٿو پرين،
منهنجي ويران گهر پيِر پايو وري.

ها اوهان جو ملڻ ياد ايندو آهي،
شام جو گڏ گهمڻ ياد ايندو آهي،
جيئن هليا ڏُک وڃن هٿ ملايو وري.

هي زمانو ستم هر جڳهہ پل ڪري،
توڪان تنهنجو 'بدر' ڪو نہ ٿيندو پري،
واڳ مون ڏي ڪڏهن ٿا ورايو وري.

**





## غزل

ڪنهن کي ٿا دڳ لائن ڳوڙها،
ڪنهن کي روز رُلائن ڳوڙها.

تنهنجي قدمن منجهہ ڪري اڄ،
توکي ٿا پرچائن ڳوڙها.

گونگا آهن ٻين جي اڳيان،
توسان ٿا ڳالهائن ڳوڙها.

جيڪر پنهنجو داد ڪرين من،
توڏي ٿا واجهائن ڳوڙها.

ڪنهن نہ ڪيو آ پنهنجو 'بدر' کي،
يادون سيني لائن ڳوڙها.

**

## غزل

توٻن کيڏو هيڪل آهيان،
پٽڪيل ڪوئي بادل آهيان.

تنهنجي چاهت مور نہ وسري،
مان پيي کيڏو پاڳل آهيان.

ڪين آ پنهنجي منزل ڪائي،
ڪوئي مسافر پٽڪيل آهيان

ڪين 'بدر' کي پيو ڪجھ گھرجي،
سونهن تنهنجي جو سائل آهيان.

* *





## غزل

پيارا لمحا سانوري،
سانڍ سپنا سانوري.

تو سوا ماتم ٻٽيا،
منهنجا نغما سانوري.

ڪين ٽٽندا ڪر يقين،
پنهنجا رشتا سانوري،

لڙڪ ٻٽجي ويا صبح،
تنهنجا تحفا سانوري.

پاڙ پنهنجي پيار سان،
پنهنجا واعدا سانوري.

پيا ٻرن تنها "بدر"
ياد ڏيئا سانوري.
* *

## غزل

نہ تنھنجا اسان کي جو سپنا مليا ھن،
رڳو پاڻ تنها ھي رستا مليا ھن.

چوڻ ڪجھ پيا چاھن چئي ڪجھ نہ سگھيا،
صبح تنھنجا خاموش تحفا مليا ھن.

نہ توکي اچڻ جي ملي ٿي ڪا فرصت،
مسلسل اکين کي اوجاڳا مليا ھن.

نہ تنھنجي اچڻ جو ڪکر ڪو وسي ٿو،
رڳو پاڻ کي پل پياسا مليا ھن.

وري شام سندر ”بدر“ ٿي پئي آ،
اوھان جي اچڻ جا اشارا مليا ھن.

* *





## غزل

جيئڻ مصور جي لڳي تصوير اڌ
تيئڻ سوا تنھنجي اٿم تقدير اڌ.

ويھہ پر ۾ مان مڪمل ھن کي ڪيان،
منھنجي خوابن جي آھي تعبير اڌ.

سونھن جي سجدي ۾ وئي گذري عمر،
ٿي مڪمل جا ھئي جاگير اڌ.

عکس جيون جو ”بدر“ پيو ٿو لڳي،
آ ھٿن ۾ ڀاڳ جي لڪير اڌ.

* *

## غزل

ڪيڏا گھاوَ پراڻا ٿي پيا،
ٻلڙا لڙڪن هاڻا ٿي پيا.

نيٺ تہ پيارا موٽي ايندا،
واءُ ۾ ديپ اجھاڻا ٿي پيا.

زنگ لڳي ويو جيون کي جڙ،
پل ۾ سات اياڻا ٿي پيا.

ڪاٿي الائي منزل پنھنجي،
پير ڏڱن ۾ ساڻا ٿي پيا.

* *





## غزل

ٻُڌا ئي نہ تو منھنجا سڏڙا سڪي،
هٿن ۾ ها مون کي تہ ڳلڙا سڪي.

الائي تہ ڪھڙي تون اُلڪن پٽيان،
قدم تو وڌايا ٿي تڪڙا سڪي.

جتي پاڻ ملندا هئاسين اڳي،
سي ويران اڄ پيي ها ڏڳڙا سڪي.

منھنجي چيچ جي سونھن ٻڌيا ”بدر“،
ڇُڪا جيڪي دل سان تو ڇلڙا سڪي.

* *

## ڪنگڻ

پانهن تنهنجي ۾ ڪنگڻ،
ڪيڏو نہ سندر لڳندو..!
جڏهن ڪومل جهڙي انگ ڪي،
مخمل جهڙي بدن ڪي،
چمندو ۽ چهندو،
ڪيڏو نہ سندر لڳندو،
پانهن تنهنجي ۾
منهنجو ڪنگڻ...!

* *





# بلال عزيز بروهي



پورو نالو : عبدالعزيز
پيءُ جو نالو: حافظ دريا خان بروهي
ادبي نالو : بلال عزيز
ادبي سڃاڻپ: شاعر
جنم تاريخ :15 ڊسمبر 1967ع
جنم پومي : شهر قمبر علي خان
تعليم : گريجوئيشن
ڪرت : پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ هيڊ ڪانسٽيبل
لکڻ جي شروعات : 1984ع کان نثر توڙي نظم.
ڇپيل ڪتاب : نعتيہ ديوان ”ڪريم ٿي ٻا ڪمال آيو“
وڌيڪ اڻڇپيل: ٻاراڻي شاعري سان گڏو گڏ ٽن ڪتابن جو مواد سهيڙيل اٿس.
شاعري ۾ استاد : (استاد الشعراءَ) استاد لقمان حڪيم
پسنديده شاعريءَ جي صنف : غزل
پسنديده شاعر : سرمد چانڊيو ۽ نظام الدين ”نظام“
ادبي تنظيمن سان وابستگي : صدر بزمِ سچل لاڙڪاڻو
مستقل رهائش : لاهوري محلا - لاڙڪاڻو
ائڊريس : لاهوري محلا لڳ عيد گاهہ روڊ - لاڙڪاڻو
موبائل : 03342061774

## غزل

زندگي هڪ پيار وارو دل پسند آهي قصو،
ياد ماضيءَ جو سهارو دل پسند آهي قصو.

تنهنجي دل ۾ گهر ڪرڻ لئه فيصلو اکڙين ڪيو،
نينهن جو سهڻو نظارو دل پسند آهي قصو.

زندگي هڪ مسڪراهٽ زندگي سرمايو آ،
عشق الفت جيءُ جيارو دل پسند آهي قصو.

اجنبي ٻڌجي اچان ٿو مان صنم تنهنجي شهر،
بزمِ خلوت جو سهارو دل پسند آهي قصو.

رعب تنهنجي حسن جو هي چاهتن جو ٿيو سبب،
تنهنجي اکڙين جو اشارو دل پسند آهي قصو.

جي ڪيا محبوب ميلا توسان تنهائي ۾ مون،
ذوق توسان هي نيارو دل پسند آهي قصو.
* *





## غزل

امتحان پيو امتحان جو ڏيک ڏئي،
شاخ هرڪا ٿي خزان جو ڏيک ڏئي.

ڇو غريبي تي ٽٽوليون هن سدا،
مسئلو هر آسمان جو ڏيک ڏئي.

ٿيو حشر برپا ڪراڙي جهور تي،
جنهنجي شادي نوجوان جو ڏيک ڏئي.

اجنبيت پنهنجي ئي هن شهر ۾،
سا ٻه اڄ بارِ گران جو ڏيک ڏئي.

ساهه هت آهي ڏکيو ڪٽڻو پيو،
خون ڏس آبِ روان جو ڏيک ڏئي.

اجڙيل من سور سهندو ٿو رهي،
سور هر هڪ داستان جو ڏيک ڏئي.

خوش فهم نعرن تي ٻوڙون ٿا اسان،
هُل هنگامو اڄ ڏيان جو ڏيک ڏئي.
* *

## غزل

ڏين ٿا ڏيک گل سهڻا،
بهارن ۾ تہ مل سهڻا.

سڪي ماندي تہ دلڙي هي،
ڏسي الفت سان ڪل سهڻا

مان ڳايان گيت ٿو تنهنجا،
اٿم توساڻ دل سهڻا.

سڄڻ جيون جو ساٿي تون،
نہ آ نعم البدل سهڻا.

مان تنها ٿي محبت ۾،
لکان تولءِ غزل سهڻا.

نڀائيندس حياتي پڙ،
ارادو آ اٽل سهڻا.

مان خلوت ۾ اي جانِ من،
پيان جامِ وصل سهڻا.

”بلال“ اهڙو ڪو يادن جو،
ٻڌايون هڪ محل سهڻا.
* *





## غزل

من ڪي ڇڏي ٿي موهي گفتار دلربا جي،
من ۾ ئي گهر ڪري وئي ڏس سونهن ماه لقا جي.

سندر جو چهرو هن جو منهنجي نظر مان گذريو،
ڇا ڳالهہ مان ڪيان اڄ محبوب جي بها جي.

لبريز دل ٿي وئي هئي هن جي تہ گفتگو سان،
دل ڪولي ڳالهہ ڪئي مون ان ساڻ ئي وفا جي.

منهنجي وجود ۾ آ مسڪن ٿي ان جي الفت،
دل ۾ ئي سانڍيل آ تصوير با وفا جي.

آ ديد ور هي دلبر اڪسير جنهن سان محبت،
انهي جي گڏ گهمڻ سان اڄ هير آ هوا جي.

ان ڪان جدا ٿيڻ جو سوچي نہ ٿو سگهان مان،
ساراهہ ٿو ڪيان پيو، ان جي تہ مان سخا جي،

شوخي نہ ڪئي ڪڏهن جنهن ڪڏهين نہ ٿيو خفا آ
ناز و ادا وٺي ٿي، اهڙي ئي پارسا جي.

ان جي سهاري هر دم جڳ ۾ جيان ٿو پيو مان،
ڪهڙي مان ڳالهہ ڪريان ان جي ڀلا عطا جي.

قربائتيون ڪهاڻيون ان سان ”بلال“ جڙيل،
دل ڪي ئي موهيو آ هن سونهن سوڀيا جي.
* *

## غزل

اڪين ۾ تنهنجا ئي سمايل هي سپنا،
خوابن جا آهن سجايل هي سپنا.

حياتي ۾ خوشيون ڏئي وڃ تون جانا،
سوا تنهنجي منهنجا ته گهايل هي سپنا.

تڙپ تنهنجي، دل ۾ مچائي ٿي هلچل،
ٿيا بيقراري ۾ پاڳل هي سپنا.

تتل ڏينهن جيئن هي ستائي صنم ٿو،
ايئن سرت ۾ ڏس ستايل هي سپنا.
* *





## گيت

مون آس جو هي ڏيئو، تولئہ رکيو جلائي،
دلبر ڪراءِ درشن
واعدو ڪري وئين جو، اچ جلد منهنجا جاني،
دل جي صحن تي دردن دونهون چڙهيو دکائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
الفت جي توسان لونءَ آ، سپرين تو سرت پريو،
هن عشق جو ڏونگر، ڏورڻ پيو ڏُکائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
محفوظ مون ڪئي آ، تصوير پنهنجي من ۾،
سکيو وجي ٿي ويٺين، اڏ ۾ چڙهيئي رلائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
توڪان سواءِ جاني، پوسٽ ۾ ساهہ گهٽجي،
هن آس تي جيان ٿو، ميلاپ ڪو ملائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
تون الودع جڏهن ڪان، مونکي چئي هليو وئين،
راهن ۾ ديد تنهنجي ويٺو آهيان ٽڪائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
هي وقت آخري آ، منزل ڪا ماٽيون اچ،
هن عشق جي تہ پنڌ ڪي، ويندس مان پيي نپائي.
دلبر ڪراءِ درشن.
* *

## گيت

اسان جو عزم آ پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

پلائي ۽ خدمت جو اونو اسان ۾،
ٿيو هر قدم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

رکون ٿا هميشہ سچائي جا جذبا،
سُخن ۽ قلم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

سُجاڳي ڏيون ٿا نئين نسل کي پيا،
هٿن ۾ علم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

وطن جي تہ حب ساڻ سرشار آهيون،
وطن جو نظم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

منظم تہ آ قوم پنهنجي هميشہ،
قدم دم بدم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

وطن تان ”بلاول“ آ قربان هر شيءِ،
نہ هڪ درد غم آهي پختو اي ساٿي!
عمل جي گواهي چٽي اچ ڏيون ٿا.

* *





## نظم

پاٽ اوندهہ ۾ تون آن چٽي روشني،
چنڊ کان بہ زياده تون آهين چٽي.
ٿي خزان مان بهارون وئي زندگي،
تون نهاري ڳلن تي ڏني جو مٽي.
تو جي ڪجلين اکين ساڻ موڙي ڏٺو،
بس انهي دم تو منهنجي آ دلڙي جهٽي.
جاچيو مون تہ سنسار سارو پرين،
اهڙي اچ تائين صورت نہ مون آ ڏٺي.
رعب ۾ نقش تنهنجا تہ ڳهائي وجهن،
مان متاثر ٿيس تنهنجو چهرو ڏسي.
پيار ظاهر ظهور آهي تو سان ڪيو،
پيار منهجي جي منزل تون آن آخري.
گيت تنهنجي وفا جا تو ڳايان سجڻ،
پيار الفت تون ڏيندو آهين هر گهڙي.
تو سوا آهيان ساجن اڌورو هتي،
توکي سندر ڏٺم توسان دل وئي لڳي.
مند پهرين اچي وئي آ بارش سندي،
مانُ گلشن کي ساجن وري ڏي اچي.
خوبصورت سنواريل تون هر ويل آن،
مونکي ويو آن وٽي منهنجي دل جا ڏٽي.
غم پلائي چڏيان مان سپيئي ”بلال“
مونکي ساجن ملي توکان اهڙي خوشي.

* *

## غزل

ڏنم چانڊني رخ تہ چانڊاڻ آهي،
بدن مست جوڀن ۾ مهراڻ آهي.

ڳنڍيل دل جو ناتو تہ آهي توسان،
منھنجو عشق تنھنجوئي اهڃاڻ آهي.

سجايل مھک ساڻ محفل سڄي آ،
مہَ چائي انهيءَ ۾ تو ماڻاڻ آهي.

جهتي وئين لُٽي وئين تہ دلڙي ويڳاڻي،
محبت اڳيان دل ٿي اڇاڻ آهي.

ٻھلجي وئي دل تہ رغبت سان جلدي،
ڏنم عشق آتش اکين ساڻ آهي.

غزل تنھنجي ساراھہ ۾ مان چوان ٿو،
ڇا؟ محبوب توکي ذري ڄاڻ آهي.

نثار آهي تنھنجي مٿان هر خواهش،
ٻنهي جي نہ وچ ۾ کا ڇڪتاڻ آهي.

’بلال‘ آهيان تنھنجي وفا جو تہ گهايل،
صبح شام من ۾ تنھنجي تاڻ آهي.

* *





## غزل

خدا جو آهي خاص پيارو لطيف،
ٿيو سنڌ جو آ سهارو لطيف.

ائين کيئي شاعر ڏسون ٿا مگر،
ولي آهي الله وارو لطيف.

کڏهن آهي سسئي کڏهن آهي ميھر،
کيو پيش سھڻو نظارو لطيف.

کٿي آهي نوري کٿي آ تماچي،
مجسم ٻڌيو عشق يارو لطيف.

زماني ۾ ٻڌجي وڃي ٿو ”عزيز“
جڏهن جو کري ٿو اشارو لطيف.

* *

## غزل

دوستي هڪ موتين جي کاڻ آ،
ڏک سکن سان دوستي ٿي ساڻ آ.

دوستي گلشن جو هڪڙو گل بہ آ،
هر گهڙي جنهن مان ملي سرهاڻ آ.

دوستي هڪ آهي الفت جو لباس،
جو ڦٽائي دوستي اڄاڻ آ.

صحبتي جي آ سٺو سو خوشنصيب،
هر جڳهہ ان جي ٿيندي واکاڻ آ.

دوستي کي آ نڀائڻ ۾ مزو،
جو نڀائي هن کي سو سرواڻ آ.

آزمائش ٿئي ڏکي هن ۾ "بلال"
ٿيو پرم الفت وفا اهڃاڻ آ.

* *





## غزل

توريءَ نہ دل کي ڪوئي دلبر اچي ٿو ساءِ،
توکي بہ سُڌ تہ هوندي، توساڻ آ لڳاءُ.

موسم جي هر ادا پيي، تنهنجي مٿان نثار،
جنهن تون گهٽي مان گذرين اتڙي ٿئي هُڳاءُ.

هر جا پسان ٿو توکي، تون روبرو آن منهنجي،
سچ جا هي حرف آهن، هن ۾ نہ آ وڌاءُ.

شدت سان انتظار آ، تنهنجي اچڻ جو مونکي،
آڻي الله توکي اهڙو گهلي ڪو واءُ.

گهايل ڪئي تو دل هيءَ، نظرن سان اي پيارا،
تنهنجي ڪري تہ محفل ۾ آ گهڻو رچاءُ.

هن بيقرار دل کي ڪائي پيي ننڊ ناهي،
نظرن جو تون ڪري وئين منهنجي مٿان ڪوداءُ.

سهڻا نہ ڏي تون صدما، اهڙا "بلال" کي،
تنهنجي جدائي جاني، سيني ۾ ڪيو آ گهاءُ.

* *

## غزل

ڏسو عاشقن جون اوجاڳيل اکيون،
هي ڪجليون ڪڪوريل ڪومايل اکيون،

هي تنها ئي عاشق نئين ڳالهه ناهي،
ايامن ڪان آهن اوساڻيل اکيون.

گڏو گڏ زماني سان بدلبي آ وٽ،
ڏسو حسن ۾ هي خوماريل اکيون.

پيارن ماڻهن جا ٻه ماڻا اکين تي،
ڏين آڌتون سَوَ بکايل اکيون.

اداسي جو جهولو ڪري ڪوڪلو ٿو،
خزائن ۾ هر پل دکايل اکيون.

چڱي ڏِگ نه نينديون مسافر کي ڪڏهين،
هي وک وک تي سجيون وڇايل اکيون.

وري چو اٿي جهومي جدت نئين،
سي بد ذوق جي گهيري قاتل اکيون.

* *





## پريت گهمرو



نالو: پريت گهمرو
پيءُ جو نالو: ميهر علي
جنم جي تاريخ: 6 مئي
جنم جو هنڌ: نئو ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.
ادبي سڃاڻپ: شاعره ڪالمنگار، ڪهاڻيڪاره
شاعريءَ جي شروعات: 2003ع
پهرين ڇپيل تخليق: نظم
ماهوار ڏات خيرپور
اڻ ڇپيل مواد: (1) سنڌڙي. (شاعريءَ جو ڪتاب)
(2) روح رمتو راڳي (شاعريءَ جو ڪتاب)
هاڻوڪو ڏسڻ َتو: پير جو ڳوٺ.
تعلقو ڪنگري، خيرپور ميرس، سنڌ.

## غزل

خواب جي پر پاسي اونده ٿي تري.
چنڊ چهرو ڪاش ڪو هيڪر وري.

هوريان هوريان تجربو ٿيندو وڃي،
هاڻ منهنجو مات ۾ سڏڪا پري.

ڳنگهرو ئي ڳنگهرو ٿي پئي وجود،
هو جي گهر آڳر مٿي وڪڙون پري.

باک جي لالاڻ ٿي جرڪي جِتي،
تن ڳلن تي ڪاري ڪڪري ٿي ڪري.

خوشبوءِ خوشبوءِ ساهه ڪٽندڙ آدمي،
پنهنجي من ۾ هاڻ تو شعلا پري.

پنڌ پاهڻ ٿي وئي آهي "پريت"
ڪوئي جادوگر اچي جيئرو ڪري.

* *





## غزل

مينهن جي ڪيڏي ٿاڌل آهي.
دل توسان سلهاڙيل آهي.

تولاءِ پرين هي دل منهنجي،
غم ۾ گهايل گهايل آهي.

غيرن جي محفل ۾ جاني،
تنهنجو گفتو ڇانيل آهي.

جيون تو الجهن ۾ گذري،
غم جو حملو پليل آهي.

* *

## غزل

پاڻ کي ايڏو ڇو ٿو ٿاهين.
تون تہ اڳي ئي سهڻو آهين.

جيون توبن آهي اڌورو،
ڇو ٿو منهنجي من کي ڏاهين.

تون ئي منهنجي دل جو جاني،
تون ئي منهنجو پيار سدائين.

توکي ارپيم هيءُ حياتي،
ڇو نہ ٿو منهنجو ميت سڏائين.

پيار ”پريت“ سدائين ڳوليو،
ڇو ٿو منهنجو جيءُ جلائين!؟
* *





## غزل

ڳوٺ جون گهٽيون وسريون ناهن.
پياريون وستيون وسريون ناهن.

شعر ٿشوءَ تي لکيل تنهنجا،
چاهہ جون ڇنڊيون وسريون ناهن.

کوڙ خوابن سنديون سائين،
تنهنجون مٺيون وسريون ناهن.

هڪڙو ٿاهيل گهر ڪانڻ جو،
ڳاري پٽيون وسريون ناهن.

وسريون ناهن پيار ”پريت“ کان،
تنهنجون ڳالهيون وسريون ناهن.
* *

## غزل

اسان جا خواب سپ ٽوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر،
اسان جون خواهشون لوڙهي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اسان هون نينهن جا نوڪر ازل کان من ابد تائين،
اوهان منهن جي ڇڏيو موڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اسان هون امن جا پانڌي امن سان پيار آ پنهنجو،
وطن جي امن کي ٻوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.

اڙي او بيوفا هردم اهو ئي پيار آ پنهنجو،
هٽي مونکي پٿر ٽوڙي اوهان کي ڇا مليو آخر.

**





## غزل

دلربا روح ۾ وسي وڃجي.
هار ٻانهون ڪري ٻکي وڃجي.

گل تي پونر ڏنا پئي پيرا،
پيار کي واٽ سان وٺي وڃجي.

گل ۾ پوپٽ سنڌوءَ سنديون ڇوليون،
تن مٿان نانءُ ڪو رکي وڃجي.

سونهن بس ڪائنات جي سونهن آ،
ان جو ڪنهن کان ٻلي ڇپي وڃجي.

**

## غزل

خواب سمورا وکري ويا.
دل جا جذبا اڏري ويا.

سوچون لوچون رهجي ويون،
سور سمورا نسري ويا.

تنهنجو منهنجو ميل ڏسي،
دشمن سارا پڇري ويا.

پيار محبت جا هئا جي،
"پريت" پنا سي وسري ويا.

* *





## غزل

نيڻ نماڻا روئي پون ٿا.
هاءِ اياڻا روئي پون ٿا.

ڪڪرن ۾ آ چنڊ لڪي ويو،
تارا ساڻا روئي پون ٿا.

تنهنجي اچڻ جا سارا رستا،
رند پراڻا روئي پون ٿا.

پيار جي منزل آخر ٿڪجي،
ڪيئي راڻا روئي پون ٿا.

تو آ وسارڻ چاهيو "پريت" کي،
منهنجا ماڻا روئي پون ٿا.

* *

## غزل

زندگي هڪ عذاب آ جاني.
بس گناهہ ۾ ثواب آ جاني.

ڪٿ غريبي سدا غريبي آ،
ڪو وري ٿيو نواب آ جاني.

تون پري ڪر نقاب چهري تان،
پيار ۾ ڇو حجاب آ جاني.

سونهن تنهنجي ڏسي لڄي چنڊ ٿيو ،
تنهنجو مک آفتاب آ جاني.

هي وڇوڙو "پريت" لاءِ هاڻي،
هڪ نئون انقلاب آ جاني.

* *





## غزل

نيڻ پسائي ويٺي آهي.
لڙڪ وهائي ويٺي آهي.

ڪاري ڪاري رات اکين ۾،
پاڻ جلائي ويٺي آهي.

پيار سفر ۾ ڪائي ناري،
پاڻ ڦرائي ويٺي آهي.

راهہ محبت جي ۾ هلندي،
ساهہ پلائي ويٺي آهي.

پيار ۾ تنهنجي 'پريت' بہ آخر،
مچ مچائي ويٺي آهي.

* *

## غزل

ڪوئي ڪنهن کان جدا ٿيو آهي.
پيار تان ڪو فدا ٿيو آهي.

ڪالهہ تائين اسان جو هو ليڪن،
پنهنجو اڄ هو خدا ٿيو آهي.

مونکي ڪنهن جي پياس آهي ٿي،
اڄ هو ڇو بي وفا ٿيو آهي.

ٿي گذاري ’پريت‘ سورن ۾،
ڇو پرين اڄ خفا ٿيو آهي.

**





## غزل

گنهگار آهيون خطا ٿي وئي آ.
حياتي اسان لئہ سزا ٿي وئي آ.

محبت ڪئي سون جيئڻ لاءِ جاني،
خوشي زندگي کان جدا ٿي وئي آ.

ملي جي وئين تون تہ سڀ ڪجهہ ملي ويو،
وڇوڙي جي بس انتها ٿي وئي آ.

هي ڪينجهر ڪناروءِ مهراڻ موجون،
سڄي سنڌڙي دلربا ٿي وئي آ.

پري پير ساجن اڱڻ منهنجي آيو،
نئين زندگي اڄ عطا ٿي وئي آ.

**

# عائشہ ميمڻ



1990ع کان پوءِ شاعري جي سفر جي شروعات ڪندڙ عورت شاعره عائشہ ميمڻ جو شمار سنڌ جي انھن آڱرين تي ڳڻڻ جيترين شاعرائن ۾ ٿئي ٿو جيڪي شاعرائون پنھنجي سگھاري سڃاڻپ رکن ٿيون.

سنڌ ڌرتيءَ جي وسيع آبادي واري ضلعي نوشھرو فيروز ۾ محترم الھندو ميمڻ جي گھر، جنم وٺندڙ عائشہ ميمڻ جو ڄڻيءَ جو نانءَ آسيہ رکيو ويو. ھوءَ ھر سال پھرين جنوري تي پنھنجي سالگره جو ڪيڪ ڪٽي ٿي. ھن لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪئي، نثر توڙي نظم ۾ مسلسل لکندي رھي ٿي، مگر سندس ادبي سڃاڻپ شاعري آھي. اڄ تائين وٽس پنجن ڪتابن جو مواد سھيڙيل آھي، جن مان ھڪڙو شاعري جو ڪتاب ”دليون درسگاھون“ 2013ع ۾ ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپجي چڪو آھي .شاعري ۾ ھوءَ غزل، گيت، وائي، چوسٽو، نظم ۽ ٻين صنفن تي خيال آرائي ڪري چڪي آھي پر غزل جي زمين تي خيالن جي اڏار جو خوبصورت انداز اٿس .

عائشہ ميمڻ جي ايجوڪيشن ايم_اي، ايم_ايڊ آھي، ڪرت ۾ ھوءَ سگھڙ عورت ھجڻ سان گڏوگڏ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سان تعلق رکي ٿي. سندس شاعري ۾ سک، پيار، امن ۽ آزادي جا پيغام سمايل آھن ،جڏھن تہ سنڌ جي تھذيب تاريخ پڻ سندس شاعري جا چٽا موضوع نظر اچن ٿا. ادبي سرگرمين ۾ سنڌي ٻولي جي مئگزين ماھوار“ **نئين آس**“ شھدادڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ادبي خدمتون سرانجام ڏئي رھي آھي. سنڌ جي مڙني سنڌي مئگزينن ۽ اخبارن ۾ سندس مواد ڇپجندو رھي ٿو .

عائشہ ميمڻ سڀني سنڌ جي اديبن طرفان مليل عزت ۽ احترام کي وڏو اعزاز سمجھي ٿي سندس پسنديده ڪتاب ”نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو“ (استاد بخاري) ۽ ادبي شخصيت شيخ اياز آھي. عائشہ ميمڻ جي مستقل رھائش نوشھروفيروز ۾ آھي .

Aishamemon79@gmail.com





## غزل

سال پويان پھر جدائي جو.
مون بہ پيتو زھر جدائي جو.

رات ڪاري وصال جي سھٽي،
ڪين گھرجي سحر جدائي جو.

روز سڏڪن ۾ ساھ ٿو گُھٽجي،
آھي قاتل قھر جدائي جو.

شاعري ۾ نہ پر حياتيءَ ۾،
يار مشڪل پھر جدائي جو.

”عائشہ“ شال ٿي تباھ وڃي،
شاد من ۾ شھر جدائي جو.

* *

## غزل

سور سارو بيان ۾ آهي،
درد دل جي جهان ۾ آهي.

جو بہ آهي تہ پونءِ ۾ آهي،
ڪو نہ ڪو آسمان ۾ آهي.

سا پٽائي ڏسي پيو ساري،
ڳالهہ جيڪا قرآن ۾ آهي.

گهر متيءَ جو ڏسي نہ گهبرايو،
پيار من جي مڪان ۾ آهي.

صورتن ۾ اجايو ڳولين ٿو،
ماٺو سهٹو زبان ۾ آهي.

ڪوڙ مقصد پيا بہ آهن پر،
زندگي پوري نان ۾ آهي.

ڍنگ جو ڪم نہ ڪار ٿو ڏسجي،
ڪو نہ ڪجهہ نوجوان ۾ آهي.

”عائشہ“ خيال سان هلو هاٹي،
هر قدم هِت گُمان ۾ آهي.

* *





## غزل

اکيون پڙهي ڪو ڪتاب آهن،
هزارين دل ۾ نصاب آهن.

تون دل جي ڌڙڪن ۾ پيو وسين ٿو،
رڳون وڄن ٿيون رباب آهن.

الا ڏئي ڏک خوشيون ڪٽي وڃ،
ڪيا نہ توسان حساب آهن.

حجائتيون هن اکيون اکين سان،
وري بہ وچ ۾ حجاب آهن.

پرين اوهان جي اکين ۾ روشن،
اسان ڏٺا ماهتاب آهن.

نہ ”عائشہ“ هوش آ اسان کي،
نظر ۾ تنهنجي شراب آهن.

* *

## غزل

شخص هڪ گم سُم رهيو تصوير ۾،
چڻ وڏو هو راز تنهن ولگير ۾.

پين جي لءِ ايئن شعر هو بس خير هو،
پر ڪوي جو رت هيو تحرير ۾.

پيار ۾ اڄ آتمي جو ٿي پيو،
جيئن ملاوٽ ٿي پوي ڪنڊ کير ۾.

تير نظرن سان ويو دل تي هٽي،
پيار ئي من پيار هو هر تير ۾.

”عائشہ“ بادِ صبا بيچين ڪيو،
اڄ پرينءَ جي هئي سڳنڌ چڻ هير ۾.

* *





## غزل

سنڌي ٽوپي اجرڪ پائي ويهندو آهين،
تارن ۾ چڻ چنڊ سجائي ويهندو آهين.

لوڏ لهي لڪ لالڻ تنهنجي گهور ٿيان،
جنهن پل مونڌي منهن ڦيرائي ويهندو آهين.

ڪاوڙ تنهنجي قربن جهڙي آ جانيئڙا،
ويتر مُک تي گهنڊ سجائي ويهندو آهين.

ٺهڪ ڏئي من ساز وڄائي ويهندو آهين،
هر هڪ دل کي پو جهومائي ويهندو آهين.

ياڳ پيلا ٿي پايان جو هر محفل ۾،
”عائشہ“ جو محبوب سڏائي ويهندو آهين.

* *

## غزل

حال دل جو ڪتي لڪائي ٿو،
هو تہ نيڻن مان سپ ٻڏائي ٿو.

پيار وارا پريت ڪي چاهن،
ڏيهہ نفرت سندو ستائي ٿو.

ڪم پوي ڪل پوي چوي سائين،
يار هر ڪو هتي سڏائي ٿو.

بي سبب ڪو بہ ڪجهہ ڪندو ناهي،
نينهن ناچو ڪري نچائي ٿو.

عشق ناسور عشق سرمد آ،
هڪ سوليءَ ۾ پيو سر ڪٽائي ٿو.

عشق سِر تي ۽ عشق در تي پيي،
مرد سڏبو سو جو نڀائي ٿو.

”عائشہ“ مون غزل لکيو ناهي،
عشق عاشق هتان لڪائي ٿو.
**





## غزل

ٿا مصيبت ڏين مرحلا عشق جا،
پيا دلين ۾ رهن زلزلا عشق جا.

آزمائش تنين پيي ڏني هر قدم،
هيءَ جيڪي هئا دادلا عشق جا.

ابتدا پيي اُتي انتها پيي اُتي،
ٿي ٻڏائي قصا ڪربلا عشق جا.

ڦِس عنايت بلاول ۽ منصور ڪي،
هي بہ سارا ٿيا سچ قصا عشق جا.

عين آ شين سان شين آ قاف سان،
ڪو نہ سگهندو ڪري آ حصا عشق جا.

ڪوڙ پانڌيئڙا ڪي اچن ڪي وڃن،
ڪو نہ رڪيا ڪڏهن ڪافلا عشق جا.

ڪو نہ آهي غلط جي خدا مان چوان،
ٿي نظارا ڏسان جا بجا عشق جا.

ڪا گهڙي چين سان سي نہ آهن ستا،
جن بہ رستا سجاڻي وتا عشق جا.

واھہ ٻي ڪا نہ آ سر ڏئي حل ڪجن،
چو تہ آھن وڏا مسئلا عشق جا.

پيڙجن پيرڙا ۽ هڏيون ٿيون ٽُٽن،
تن مجو جن ڏٺا حوصلا عشق جا.

زندگي ٿي وڃي سوچ ان ۾ سڄي،
پار ڇاڙي نہ ڪوئي پتا عشق جا.

جن مڃي ڳالھہ ان جي مٿا ظاهري،
هن عجب دوستو فيصلا عشق جا.

ٿا مڃون هو بہ آهي اڪابر مگر،
ڪو بہ سمجهي نہ ٿو فلسفا عشق جا.

عشق پنهنجي ڪهاڻي لکي پاڻ ٿو،
ڪير لکندو فسانا پلا عشق جا.

”عائشہ“ درد توسان متي ٿي وڃي،
پوءِ بہ مستان رهندا الا عشق جا.

* *





## غزل

پاڻ وچڙي جي ڏار ٿينداسين،
جڻ تہ سنڌوءَ جي پار ٿينداسين.

پنهنجو هڪڙو وجود آ هاڻي،
پٽ پتيون هزار ٿينداسين.

گهاوَ روحن کي جا رسائي سا،
ڪو نہ اهڙي ترار ٿينداسين.

لڙڪ هوندا نہ درد ڪو هوندو
پاڻ پيهر جي ٻار ٿينداسين.

دشمنن منجهہ ٿرٿلو هوندو
پنهنجي يارن جا يار ٿينداسين.

موت ايندو تہ ڇا ٿيو جاني،
پاڻ ساهن جي سار ٿينداسين.

”عائشہ“ ڏيل پل ڏکي پنهنجو،
ڪو نہ ڪنهن لئہ ميار ٿينداسين.
* *

## غزل

جميل ڪردار ڪو نہ ٿيندو، زبان تي جي جمال ناهي،
ترار تاڻي اگر لٽي دل، اهو وڏو ڪو ڪمال ناهي.

اڃا حياتي ٿڪي نہ آهي، تتي ٿڌي ۾ پلي ڪو ڪاهي،
اڃا پرين ساھہ آ سفر ۾، اڃا ڇڏڻ جو سوال ناهي،

وڏو اهو ڪم ڪري اگر ڪو،ڪَٽي حياتي سدا پين لئہ،
مري ٿو تاريخ ۾ اهو ئي، ٻٽيو جو بهتر مثال ناهي.

پڙهي چون ٿا اديب شاعر، نواڻ ڪا شعر منجهہ ڪونهي،
چيم شڪل سور جي آ ساڳي، نئون برابر خيال ناهي.

اڃا ڏکن ۾ رهي ٿي "عائشہ"،اڃا تہ سڙندي حيات باقي،
اڃا سکن جو پتو نہ آهي،اڃا ڏکن جو زوال ناهي.

* *



برڪا بوند بهار جي : شاعري

## غزل

محبتن جا سلسلا گهٽجن پيا،
جو اندر ۾ آدمي مٽجن پيا.

ڪير دارون ءِ دوا تن جي ڪري،
روح لفظن سان هتي ڦٽجن پيا.

ڏوھہ جن جا ها اهي آزاد چو،
بي گناھہ ماڻهو الا سٽجن پيا.

پير ڦٽجن زندگيءَ جي پنڌ ۾،
نيڻ آسي ڪو نہ پر ٿڪجن پيا.

ها وڇوڙن ۾ اڪيلي جند ڪي،
يادگيرين جا جٿا ڀڪجن پيا.

ياد ڪي ڪوئي نہ ٿو روڪي سگهي،
ڇا ٿيو جي رابطا ڪٽجن پيا.

جي اُٿن هٿ سنڌ جي حق لاءِ ٿا،
سي سچا هٿ دوستو ڪپجن پيا.

درد 'عائشہ' سپ ڪٽي ڪيئن پاڻ سان،
مور ماڻهو پونءِ ۾ لٽجن پيا.

* *

## غزل

تو اکيون ڪولي ڏٺو چو نہ پياري رات جو،
تو مٿان پيئو رهيو چنڊ ساري رات جو.

تو ٿئي محسوس ڇڻ رات ناهي ڏينهن آ،
دل چيو احساس ناهي هاڻ ڪاري رات جو.

ننڊ جي لالچ ڏئي پيو ڏڪائي روح کي،
تو لڳي هر خواب ڇڻ آ شڪاري رات جو.

دل ڏڪائي ٿو ڪڏهن سانت ۾ سوچي اهو،
ڪيئن سک هوندي ستي دل ڏڪاري رات جو.

پيهہ ۾ جيئن واٺڙو ساهہ ڪو هيڪل هجي،
تيئن يادن ۾ رهي دل ويچاري رات جو.

”عائشہ“ وسري نہ ٿي،سوچ مان نڪري نہ ٿي،
شال سا پيهر اچي، ڪلهہ گذاري رات جو.

**





## مرتضيٰ لغاري



منهنجي بابا سائينءَ پنهنجي زباني اسڪول سرٽيفڪيٽ تي منهنجو جنم ڏينهن 01 مارچ 1981ع لکرايو. شهدادڪوٽ تعلقي يو_سي جمالي جي ڳوٺ تاجو لغاري ۾ منهنجو جنم گل محمد لغاري جي گهر ۾ ٿيو. ڇٺيءَ جو نانءَ غلام مرتضيٰ رکيو ويو. مون پرائمري تعليم پنهنجي ناناڻڪي ڳوٺ مينهون لغاري مان حاصل ڪئي، مڊل سنجر پٽي، سيڪنڊري هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۽ هائر سيڪنڊري گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۽ گريجوئيشن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي اٿم. منهنجو ننڍپڻ تمام سادگيءَ سان ڳوٺ مينهون لغاري جي گهٽين ۾ سرخرو ٿيندي گذريو.

پرائمري جي دور ۾ منهنجا رهنما ۽ شفيق استاد غلام سرور لغاري ۽ استاد ٻهار علي لغاري جن هئا. منهنجي تعليمي سفر ۾ منهنجي ماءُ جو اهم ڪردار رهيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي ۽ مان اڄ بہ پنهنجي امان سائنڻ لاءِ ٻاتا ٻول ڳالهائيندڙ پتڪڙو پٽ آهيان ۽ مون انهن استادن کي بہ نہ وساريو آهي جيڪي مڊل ڪان هائير تائين منهنجا رهنما رهيا. انهن ۾ سائين هيبت علي پرٻڙي ۽ عبدالنبي پٽي نمايان نانءَ آهن. مون ادبي زندگي جي شروعات 1990ع ڪان ڪئي، شاعري جي سفر ۾ منهنجي رهنمائي سائين عبدالله شاہ ”اطهر“ ڪئي، جنهن مون کي هٿ ڪان وٺي هي راهہ ڏيکاري. منهنجي زندگيءَ جو پهريون شعر غزل جو روپ رکي ٿو، جڏهن تہ نثر ۾ ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم وغيره بہ سهيڙيا اٿم، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف مئگزينن، اخبارن ۾ شايع ٿيا. مگر منهنجي ادبي سڃاڻپ شاعري ئي آهي. شاعري جي سڀني صنفن ۾ لکڻ معمول رهيو، پر پنهنجن خيالن جو اظهار غزل جي فارميٽ ۾ خوبصورت ۽ سولو سمجهان ٿو. اڄ تائين نثر توڙي نظم ۾ ٽڙيل پکڙيل تحريرون سهيڙيندس تہ

پايان ٿو پنج ڪن ڪتاب ٿي سگهن ٿا، جيڪي سيئي اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهن انهن کي ڇپائڻ جي قابل نہ ٿي سمجهيو يا اهو ڳرو خرچ پرڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو.

1995ع کان ادبي سرگرمين ۾ ”بزم پيرل قمبر“ کان وٺي ”پيرل قمبر ادبي سماجي سنگت سنڌ “ سان وت ۽ وس آهر ناتو جڙيو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. ان کان پوءِ 1999ع ۾ مرڪ پبليڪيشن جي نانءُ سان هڪ اداري جو بنياد وڌو. جتان دوستن جي سهڪار سان سلسليوار ”نئين آس“ مئگزين شهدادڪوٽ مان شايع ڪرائڻ اول ترجيح ۾ شامل هو. جيڪو هن وقت ماهوار شايع ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪجھ وقت مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ پوءِ ايڊيٽر طور ادبي خدمتون سرانجام ڏيڻ منهنجي فرضن ۾ شامل ٿي ويو. ذاتي ڪرت ۾ انين ڪلاس کان وٺي محنت مزدوري منهنجي ورثي ۾ آئي، جيڪا اڄ تائين جاري آهي. منهنجي خانداني پسمنظر ۾ ڪو بہ شخص ادب سان وابستہ نہ هيو، ويتر اسان تي بلوچ قبيلن جو اثر رهيو جيڪو منهنجي علمي ادبي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيو. منهنجي سوچن جڏهن کان بالغ ٿيڻ شروع ڪيو تڏهن کان جاگيردارن جي غلامي کان بغاوت رهي جنهن جي نتيجي، مون وڏيرا شاهي جي هن دور ۾ ڪو بہ سرڪاري عهدو رتبو نہ ماڻي سگهيس. جنهن جي ڪري اڄ تائين هڪڙي هٿ ۾ ڪاغذ قلم ۽ ٻي هٿ ۾ محنت ۽ مزدوري جا اوزار منهنجي ذاتي زندگي جي سڃاڻپ آهن. منهنجي تاحيات سوچ، منهنجي خواهش اديبن سان جيئڻ لاءِ جتن ڪندي سنڌي ادب جو پاند ڇڏڻ نہ ٿي ڏئي.ان ڪوشش ۽ جدوجهد ۾ ڪيترو سرخرو آهيان، اهو اوهان ادب دوست ئي بهتر سمجهي سگهو ٿا .

اهڙي طرح 1995ع کان پنهنجي ڳوٺاڻي زندگيءَ کي الوداع چئي پاڻ شهدادڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪيم ، جيڪا اڄ تائين برقرار آهي، هن وقت باقر آباد محلي ۾ ننڍڙي فيملي سان زندگي بسر ڪري رهيو آهيان.

(مرتضيٰ لغاري)





## غزل

هي مست موسم، بهار ۽ تون.
ٿي تنهنجي گهرجي نهار ۽ تون.

گهران ٿو رب کان ملي پوي من،
سڄي عمر لئہ هي پيار ۽ تون.

اکين ۾ سپنا ثواب سانئڻ،
سدائين تنهنجي سنيار ۽ تون.

هٿن، چپن تي ۽ دل تي جانان،
رهي ٿي تنهنجي پچار ۽ تون.

لٿو نہ منظر آ دل تان اڄ ٻي،
ڪلاس تنهنجي جا پار ۽ تون.

اوهان تنهي جو نياهہ ڪيئن آ؟
سڄو مهينو پگهار ۽ تون.

* *

## غزل

آس هڪڙي تي هٿ رکي وياسين.
ڏرتيءَ تي سڙي سڪي وياسين.

ڪو نہ ڪو چانورو نظر آيو،
رڻ پٽن ۾ صفا رلي وياسين.

ڪين الفت مان ڪنهن بہ ڪيڪاريو،
ءِ نہ ڪنهن در ڪڏهن لڙي وياسين.

هن جي پاڙي مان ٿيو گذر هڪ ڏينهن،
نانءُ هن جي پٺيان هلي وياسين.

زوقِ محبت وٺي ويو هن وٽ،
ڪير چئي ٿو اسان پلي وياسين.

ڪين منزل نصيب ٿيٺي هئي،
توڙي هر هر پُڇي پُڇي وياسين.

* *





## غزل

چاهتن جو سلو بي رُخي تي ملي،
ڪيئن هجت هلان بي وسي تي ملي.

درد جي دوستي تي سدائين هلي،
هر خوشي پاڻ ڪي عارضي تي ملي.

سونهن سچ جا پوڄاري اسين پيار جا،
دل لڳي جي گهرون تا نڳي تي ملي.

ظاهري ۾ تہ هر ڪو سڄڻ تو سڏي،
دوستيءَ جي پٺيان دشمني تي ملي.

هي حياتيءَ بہ سڏڪن ۾ گذري وئي،
ڪين پَل ۾ خوشي جي گهڙي تي ملي.

”مرتضيٰ“ موت پيي آ مهانگو ٿيو،
جي مرڻ تا گهرون زندگي تي ملي.

* *

## غزل

روشنيءَ ڪان پو ديد ڪھڙي آ،
تون جي ناهين تہ عيد ڪھڙي آ.

ماتمي ويس ۾ ڏنو هوندئي،
مون خوشي ڪئي خريد ڪھڙي آ.

وقت آڙاھ ۾ چڙيو اڇلي،
پو جيئڻ جي اميد ڪھڙي آ.

زندگي گڏ رهڻ لکي ڏجئي،
چاهتن جي رسيد ڪھڙي آ.

تنهنجي قدمن سان گھلبو آيس،
مون وفا ڪئي شهيد ڪھڙي آ.

* *





## غزل

مرحلو هي خُمار ڏيندو آ،
هو جي پانهن جا هار ڏيندو آ.

زندگي منهنجي آ نهي پوندي،
ٿورڙو هو جي پيار ڏيندو آ.

بي سڪون زندگي ٿو جي پايان،
نانءَ هن جو قرار ڏيندو آ،

گھر ۾ ٿو چوڪرو ڪري دانهون،
روز استاد مار ڏيندو آ.

* *

## غزل

درد زندگيءَ جو باب ٿي ويو آ،
هاڻ جيئڻ عذاب ٿي ويو آ.

مون اميدن جو رُخ ڇڏيو موڙي،
هو جڏهن کان نواب ٿي ويو آ.

مان گنهگار آهيان مگر هن جو،
ڏوهه هر هڪ ثواب ٿي ويو آ.

پنهنجي مقصد ۾ اڄ سئو فيصد،
دلُربا ڪامياب ٿي ويو آ.

هي ٽٽل ۽ ڦٽل ستون جوڙيم،
شاعريءَ جو ڪتاب ٿي ويو آ.

آهي دنيا سچي صحي هُن لئہ،
"مرتضيٰ" ئي خراب ٿي ويو آ!

* *





تنهنجو پاڙو گهٽي ۽ گهر تنهنجو،
ڪيڏو سهڻو آ سچ شهر تنهنجو.
مان تہ جانان وري وري ٿو اچان،
مون لئہ ڪعبي مثل آ در تنهنجو.

* * *

ايترو پيي نہ فاصلو رکجي،
تو اڳيان ڪيئن هي فيصلو رکجي.
جانِ جان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان،
پيار جو جاري سلسلو رکجي.
* * *

## غزل

جيئن چنڊ کي ڏسبو آ ڪڪرن جي ڀاڪر ۾،
تيئن تنهنجو ڏٺم چهرو زلفن جي ڀاڪر ۾.
پردي ۾ ڪيڏي هٿڙو مون ڏي وڌايو تو،
مون ٻانهن ڏني تنهنجي ڪنگڻن جي ڀاڪر ۾.
ڪلھ توکي ڏٺو هو مون ڊائجيسٽ هيئي هٿ ۾،
هئين سڀ کان اتم سائنڻ سکين جي ڀاڪر ۾.
زلفن ۾ لڪائي ڇڏ مون کي هميشھ لئہ،
ڇا رکيو سکي آهي پل کن جي ڀاڪُر ۾.
ٿي ياد اسر ويلي جو وڃڻ پئي چاهيو مون.
تو ڪيئن ڀڪوڙيو هو ٻانهن جي ڀاڪر ۾.
ٿي ختم اداسي وئي هن چير چمڪائي،
آواز سمايل هس چن چن جي ڀاڪر ۾.
هن قُرب سندا پيارا ڏس ڪيڏا ٿر وارا،
ڪيڏو نہ مزو هوندو آ تن جي ڀاڪر ۾.
حق تون بہ گهٽا ڪاڏا ها اڳ اٻوجهن جا،
مس مس تہ آهين ڦاٿو ڏاڍن جي ڀاڪر ۾.
درياءَ ۾ ايندو پاڻي ڪر دلجاءِ سنڌياڻي،
سنڌوءَ کي ڪيئن سهبو غيرن جي ڀاڪر ۾.
هي ڪهڙي روش آهي آ ڪيڏي بدفعلي،
ٻاگڙياڻيون ٿيون پلجن سيدن جي ڀاڪر ۾.
هي دنيا ”لغاري“ آهي چنڊ تي پهتي،
ٿا پاڻ رهون اڄ ٻي رسمن جي ڀاڪر ۾.





## غزل

عجب زندگيءَ جو تماشو ڏٺوسين،
پنهنجي سادگيءَ جو تماشو ڏٺوسين.

ويو ڇيڇلائي سڄي زندگيءَ لئہ،
سنڌءِ سرڪشيءَ جو تماشو ڏٺوسين.

ٿيا وار چانديءَ جي چمڪي جان ظاهر،
ءِ دلڪش وهيءَ جو تماشو ڏٺوسين.

هو مالڪ رهيو پنهنجي مرضي جو هر دم،
اسان ٻي وسيءَ جو تماشو ڏٺوسين.

قدم هر تي جو اڳتي وڌياسين،
مگر دل لڳيءَ جو تماشو ڏٺوسين.

* *

## غزل

هي پهرين چڪر سان ويو حادثو ٿي،
اسان جي جگر سان ويو حادثو ٿي.

ٿيو فون تي رابطو پهريان پو،
نظر جو نظر سان ويو حادثو ٿي.

تو ڪاري ڪري پيڻ ماري ڇڏي آ،
مگر ان جي وَرَ سان ويو حادثو ٿي.

سپين جي زبان تي هي چوڀول آ،
سڄي ڇڻ شهر سان ويو حادثو ٿي.

* *





## غزل

مونکان منهنجي سکي رُٺل آهي،
ڇڻ تہ دنيا سڄي رُٺل آهي.

جيئن مون کان پري ٿي وئي آهي،
تيئن ئي شاعري رُٺل آهي.

ايترو تنها ٿي ويو آهيان،
ڇڻ تہ دنيا سڄي رُٺل آهي.

گهر کان نڪري بہ مان وڃان ڪاڏي،
شهر جي هر گهٽي رُٺل آهي.

رات پر چنڊ تون بہ جاڳين ٿو،
توکان پيي ڇا سکي رُٺل آهي؟

* *